
چڱو قاسم،
موڪلاڻي ڪانهي!
يوسف سنڌي

# چڱو قاسم موڪلائي ڪانهي

## يوسف سنڌي

سچائي اشاعت گهر
2012ع

ڊجيٽل ايڊيشن:

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## ارپنا

* عزيز سلام بخاري
* ابن حيات پنهور

۽

* نورالدين سرڪيءَ جي نالي

اُٺيا ۽ اُٺياڪ، ڪالهوڪا ڪاڏي ويا؟
ويا جاڳائي جيڏيون! برهہ هيءَ بيباڪ،
ڇُرپُر ڪاري چاڪ، سُور سمهاري ڪين ڪي.
(شاهہ)

يوسف سنڌي
13_09_2012

سنڌ جنت جهڙو ملڪ آهي، انهيءَ تي ڌارين جو قبضو آهي، سنڌ ڏاڍي خوبصورت آهي، انّ، باغ، وڻ، گُل، جبل ۽ درياهہ سڀ خوبصورت آهن. اها مالا مال آهي، انهيءَ جي ملڪيت جي ورهاست ڌاريا پيا ڪن، سنڌي قوم جو انهيءَ تي وس نٿو هلي. اوهان مزدور باشعور آهيو اوهان سنڌ جي اصل مسئلن ڏانهن ڌيان ڏيو پاڻ ۾ اتحاد پيدا ڪريو قوم ۾ شعور پيدا ڪريو. پنهنجو ٻاڦ اوچو ڪريو اسان سڀني کي پنهنجن حقن خاطر پاڻ ۾ ٻَل پيدا ڪرڻون پوندو.

**قاسم پٽر**

(سنڌي پورهيت سنگت گلشن حديد پاران

17 فيبروري 2002ع تي ڪرايل ليڪچر مان ٽڪرو. )

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **(280)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”چڱو قاسم موڪلاڻي ڪانهي!“** ناميارِي ليکڪ ۽ پبلشر يوسف سنڌيءَ جو قاسم پٽر بابت لکيل ساروڻين ۽ سنڌس شخصيت بابت آهي.

قاسم پٽر ڪي پنهنجي ماڻهن جي ڏکن، تڪليفن، اهنجن ۽ ايذائن جو چڱي پر شعور ۽ احساس هو، سياست هُن لاءِ ماڻهن ۽ قومن ڪي قومي ۽ سياسي حق وٺي ڏيڻ جو نالو هو، جيتوڻيڪ پاڻ ڪُل وقتي سياسي ڪارڪن ئي رهيو، پر ڪيس جڏهن به موقعو مليو ته هن سماجي ڪمن ۾ پڻ بهرو ورتو.

هي ڪتاب **سچائي اشاعت گهر** پاران 2012ع ۾ ڇپايو ويو. اسان ٿورائتا آهيون يوسف سنڌيءَ جا جنهن ڪمپوز ٿيل ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وسڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

③

صبح جو اجا جاڳ مس ٿي هئي، سيءُ هئڻ سبب دستور موجب واڪ تي نڪتو وڃان ۽ بستري ۾ ٿونٽڙو ٿيو ليٽيو پيو آهيان، جو منهنجي موبائيل فون جي گهنٽي وڄي ٿي. اها ڊسمبر جي 19هين تاريخ هئي.

”هيلو!“ فون آن ڪيم...

”پرويز پيو ڳالهايان...“

”ها سائين! ڪيئن خوش ته آهيو نه...؟“

”هائو! ٺيڪ آهيان..... قاسم پٽر جي تصوير ٿي گهرجي..“

”تصوير ته آهي ... پر ڳولهڻي پوندي.. پر خير ته آهي ... ڇا جي لاءِ...!؟“

”هينئر هينئر نفيس احمد ناشاد فون ڪئي آهي ته ”مهراڻ“ ڇپيو پيو آهي... قاسم پٽر جي تصوير لاءِ روڪايو اٿس....“

”قاسم جي تصوير...... مهراڻ لاءِ ڇو ٿي گهرجيس...؟“ مون پُڇيو.

”قاسم رات گذاري ويو... ڪنهن نيوز چينل تان خبر هلي آهي، جيڪا ٻُڌي نفيس احمد فون ڪئي آهي.“

جواب ۾ لفظ نٽا اُڪلن.

پرويز منهنجي ڪيفيت سمجهي ويو.

”ٻين بجي دفنائڻ جي لاءِ ڪڍندا... تصوير ڪڍي اڄ ته نفيس احمد شيخ کي اي ميل ڪري ڇڏيون.“

پرويز فون بند ڪئي ته منهنجي ذهن ۾ نصير مرزا جو شعر تري آيو:

يارا! ڏک جي خبر ٻڌايئين ٿو
رات هُن جي وفات ٿي ويئي.

③

منهنجو ذهن ماضيءَ جي يادن ۾ گم ٿي ويو ۽ ذهن جي اسڪرين تي هڪبئي جي پويان يادن جي يلغار ٿيڻ شروع ٿي ويئي.

③

ننڍو هوندو هوس، 'سياست' جي 'س' جي خبر بہ نہ هئي، نہ ئي وري 'شعور' جو ڪو سلو ذهن ۾ ڦٽو هو. البت ذهن جي زمين، شعور جي ٻج پوکجڻ لاءِ 'ڪيڙجي' رهي هئي. ذهن جي اُن زمين جي ڪيڙائيءَ ۾ منهنجي هڪ ماسات 'ادي صابرا' جي ننڍين ننڍين اردو ڪتابن جو وڏو هٿ هو. جتان مونکي ڪتابن پڙهڻ جو شوق ٿيو. ادي صابرا وٽ ڪوڙ سارا ڪهاڻين جا ڪتاب هوندا هئا. جيڪي هوءَ مونکي پڙهڻ جي لاءِ ڏيندي هئي. وٽس اردو رسالا 'نونهال'، 'جگنو' ۽ 'تعليم و تربيت' بہ ايندا هئا.

حيدرآباد ۾ چاچا شمس الدين جي لطيف آباد واري گهر جي پوئينءَ ڪمري ۾ هڪ ڪٻٽ رکيل هوندو هو اُن ڪمري جو ٻيو دروازو پويان باغيچي ۾ کلندو هو جنهن ۾ ڪيترائي وڻ، گلن جا ٻوٽا ۽ سائي ڇٻر پوکيل هوندي هئي. ما حول ۾ گلن جي سرهاڻ پکڙيل هوندي هئي. ان ڪٻٽ ۾ ادي صابرا جا ڪهاڻين جا ڪتاب بہ رکيل هوندا هئا. ادي صابرا ان وقت ڇهين يا ستين ڪلاس ۾ پڙهندي هئي، کيس ڪتابن سان وڏو شوق هوندو هو. اڳتي هلي سندس اهو شوق صفا ختم ٿي ويو. ۽ سندس انهن گڏ ڪيل ڪتابن مون ۾ ڪتابن سان دلچسپي پيدا ڪئي. اهو ڪمرو نہ رڳو اسان ٻارن جي راند روند جو مرڪز هوندو هو پر ان ڪمري ۾ منهنجي ڌيان جو مرڪز اهو "ڪتابن وارو ڪٻٽ" هوندو هو. اهو ڪٻٽ کولي، ان مان ڪو ڪتاب يا رسالو ڪڍي ٻاهر باغيچي ۾ سائي ڇٻر تي ليٽي وڃي پڙهندو هوس، ان ڪٻٽ ۾ ٻين ڪتابن سان گڏ "ملير ڊائجسٽ" جا ڪجهہ پرچا بہ پيل هوندا هئا. جيڪو رسالو محترم عبدالغفور الستي (ان وقت عين غين سنڌي ۽ عبدالغفور ميمڻ) شايع ڪندو هو. ملير ڊائجسٽ تي ذوالفقار علي ڀٽي جي گورنمينٽ ۾ ٻين سنڌي رسالن ۽ ڪتابن سان گڏ پابندي وڌي ويئي هئي. وچ ۾ عبدالغفور الستيءَ کي ٿوري وقت جي لاءِ ڊي . پي . آر تحت گرفتار ڪري جيل ۾ وڌو ويو هو. رسالي تي پابندي پيئي تہ عبدالغفور الستي جڏهن بي روزگار ٿي ويو ۽ پوءِ ڪنهن طريقي سان اسلام آباد وڃي پير علي محمد راشديءَ سان مليو. جيڪو ذوالفقار علي ڀٽي جو صلاحڪار هو. جنهن کيس 'نيشنل سينٽر آف پاڪستان' جو ڊئريڪٽر ڪري، اسلام آباد ۾ رکيو. عبدالغفور الستي، چاچا شمس الدين جو وڏو ياءُ ٿئي ۽ منهنجو پيءُ سندن ماسات، ائين چاچا شمس الدين ۽ عبدالغفور الستي بابا سان رشتي جي حوالي سان منهنجا چاچا ٿين. سنڌ جي قومي تحريڪ، سماجي جاڳرتا ۽ سنڌي ادب ۾ عبدالغفور الستيءَ جو بہ ڪردار آهي، جيڪو هڪ ڌار مضمون جي تقاضا ٿو ڪري.

اُتي ئي، اُن گهر ۾ هڪ پيري گهر جي ڪنهن ڀاتيءَ جي واتان ٻُڌم تہ "قاسم پٽر وري گرفتار ٿيو آهي."

اُتي اڪثر قاسم پٽر جي باري ۾ جيڪي رمارڪس ٻُڌبا هئا، سي منهنجي لاءِ حيرت ۽ دلچسپيءَ جو سبب هوندا هئا.

”قاسم پٽر تہ جڻ جيل ٻولي ڪنيو آهي.“

”قاسم پٽر جو هڪ پير تہ سدائين جيل ۾ هوندو آهي.“

”قاسم پٽر کي حڪومت ڇڏي ئي نٿي.“ وغيرہ.

۽ آئون سمجهندو هوس تہ ”قاسم پٽر“ ڪو خطرناڪ ماڻهو آهي. جنهن کي حڪومت سدائين جيلن ۾ واڙيو ويني آهي، هن کي ٻاهر ڇڏيندي تہ الائجي ڪهڙو ممڻ مچي پوندو.

منهنجي ذهن جي ڪئنواس تي ”قاسم پٽر“ جو نقش ڪنهن خطرناڪ ڏوهاريءَ جهڙو چٽيل هو.

۽ واقعي بہ قاسم پٽر اڏول، خطرناڪ، غير مصلحت پسند، بي باڪ ۽ قومي شعور ۽ درد رکندڙ، وڏيرڪي سماج جو ازلي ويري، هيٺن ۽ هارين جو همراهي، هڪ خطرناڪ شخص هو. پر قاسم جي شخصيت جو اهو پهلو گهڻو عرصو پوءِ منهنجي ذهن ۾ اُڀريو جڏهن مون ادب ۾ پيرڙا ڪڍڻ شروع ڪيا.

③

قاسم پٽر چاچا شمس الدين جو دوست هو. هو ٻئي ننڍي هوندي جا دوست ۽ پاڻ ۾ گڏ پڙهيا هئا. 2003ع جي عام چونڊن ۾ جڏهن چاچا شمس الدين ميمڻ کي پاڪستان پيپلزپارٽيءَ پاران سجاول، ميرپور بٺورو تڪ تي صوبائي اسيمبليءَ جي ٽڪيٽ ڏني ويئي تہ قاسم پٽر، ساڻس دوستي نڀاهيندي نہ رڳو چونڊن ۾ سندس مدد ڪئي، پر شيرازين جي گهرواري پولنگ اسٽيشن ”سيدپور“ ۾ پي . پي . پي پاران سندس ايجنٽ ٿي وجي وينو. اُتي ويهڻ جي لاءِ پيپلزپارٽيءَ جي ٻي ڪنهن جيالي دل نہ جلهي. جي دل جلهي ۽ دوستي نڀاهي تہ قاسم پٽر.... جيتوڻيڪ شيرازين جي ماڻهن ڪيس گهڻي دير ايجنٽ ويهڻ نہ ڏنو ۽ ڪيس اُٿاري پولنگ اسٽيشن مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ پوءِ ڪين پنهنجي ڪاروائي ڪرڻي هئي، سا ڪيائون.

قاسم پٽر وارا پهرين ’ڪانوڙ‘ مان لڏي اچي دڙي ۾ وينا (ايئن هو ’ڪانوڙا ميمڻ‘ سڏجڻ لڳا). قاسم جو جنم 1937ع ۾ ڪانوڙ ۾ قاري عبدالرحيم ميمڻ جي گهر ۾ ٿيو دڙي لڏي اچڻ کانپوءِ قاسم ٻين ٻارن سان گڏ اسڪول ۾ داخل ٿيو پر پنهنجي غربت سبب ڇئن درجن کان وڌيڪ پڙهي نہ سگهيو ۽ درزڪو ڪم سکڻ لڳو. سندس هم ڪلاسين ۾ شمس الدين ميمڻ، حاجي عبدالله (سيٺ بلا) ميمڻ وغيرہ شامل آهن. ڪجهہ سالن کان پوءِ قاسم وارا دڙي مان لڏي وڃي ميرپور بٺوري وينا، جتي قاسم نجي نموني

مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو. هڪ ڀيري قاسم مونکي ٻڌايو ته، ”پاڻ مئٽرڪ پاس ڪرڻ جي خوشيءَ ۾ پنهنجي دوستن جي دعوت به ڪئي هئي.“

قاسم جا پنهنجن سيني ڪلاسين سان سدائين سٺا ۽ دوستاڻا لاڳاپا رهيا، جيتوڻيڪ انهن مان گهڻائيءَ جو واسطو وڏ گهراڻن سان هو. پر قاسم انهن سان ملندو رهندو هو ڪيترائي ڀيرا قاسم دڙي اچڻ تي مونکي پاڻ سان گڏ وٺي انهن مان ڪنهن نه ڪنهن دوست سان ملڻ هليو. چاچا شمس الدين سان ته دوستاڻا ناتا پڇاڙيءَ تائين رهيس.

ايئن قاسم جي نالي سان منهنجي پهرين شناسائي ٿي ان تعارف سان ٿي ته، ”قاسم پٽر ته سدائين جيل ڀولي ڪنيو آهي.“

③

مونکي ياد ڪونهي ته قاسم پٽر سان منهنجي پهرين روبرو ملاقات ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿي، پر ساڻس ملاقات ڏيٺ ويٺ ۽ دوستيءَ کان اڳ، مون هن جون ايتريون ته مخالفتون، گلائون ۽ ڳالهيون ٻڌيون هُيون، جو هن جي باري ۾ منهنجا خيال ڪي سُٺا نه هئا.

گورنمينٽ هاءِ اسڪول دڙي ۾ پڙهڻ جي دوران نائين يا ڏهين ڪلاس ۾ آئون ٻارڙن جي تنظيم ”سجاڳ ٻار تحريڪ“ ۾ شامل ٿيس ۽ ان ۾ ڪافي سرگرم پڻ. منهنجي سرگرمين کي ڏسي مونکي ’سجاڳ ٻار تحريڪ‘ ضلع ٺٽي جو سيڪريٽري ۽ سڪندر پليجي کي صدر مقرر ڪيو ويو. سڪندر پليجو هينئر ڊاڪٽر آهي ۽ آمريڪا ۾ ٿو رهي. جڏهن سڪندر پليجي ايم . بي . بي . ايس ۾ داخلا ورتي ته مونکي ڪافي حيراني ٿي. هو پڙهڻ ۾ صفا جڏو هو وري جو پوءِ ٻڌم ته همراهه آمريڪا وڃي نڪتو آهي ۽ اتي سٺي نموني سيٽل به ٿي ويو آهي ته سوچيم، ”نصيب نصيب جي ڳالهه آهي.“

مئٽرڪ پاس ڪري جڏهن فرسٽ ييئر ۾ گورنمينٽ انٽرميڊيٽ ڪاليج سجاول ۾ داخلا ورتم ته اتي مونکي ’سنڌي شاگرد تحريڪ‘ جو يونٽ سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو.

سجاڳ ٻار تحريڪ ۽ سنڌي شاگرد تحريڪ ۾ شامل هئڻ جي دوران مختلف هنڌن تي ٿيندڙ گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪرڻ جو موقعو ملندو هو ۽ دوستن سان ميل ملاقاتون ٿينديون هيون، انهن گڏجاڻين ۾، ۽ انهن ساٿين پاران، جنهن شخص جي سخت مخالفت ٻڌبي هئي، ان شخص جو نالو قاسم پٽر هو. قاسم پٽر کي نه رڳو پارٽيءَ جو غدار تصور ڪيو ويندو هو پر انقلاب دشمن، عوام دشمن ۽ ٽراٽسڪائي ڪوني سندس سخت مخالفت ڪئي ويندي هئي، مٿس طرح طرح جون ٺوڪون ڪيون وينديون هيون ۽ الزام هنيا ويندا هئا. سچي ڳالهه ته اها آهي ته ان وقت اسان مان گهڻن کي ته خبر ئي نه

ھئي تہ اھو ٽراٽسڪي يا ٽراٽسڪائيٽ آھي ڪھڙي بلا جو نالو.[1]

قاسم پٽر ڪانپوءِ جنھن ٻي شخص جي گھڻي مخالفت ڀُڏبي ھئي، اھو اڪبر شاھہ ھو. ممڪن آھي تہ سنڌ جي ٻين علائقن ۾ بہ قاسم پٽر ۽ سيّد اڪبر شاھہ جي مخالفت ڪئي ويندي ھجي، پر ضلع ٺٽي، خاص ڪري تعلقي بنوري ۾، جنھن کي ڪنھن زماني ۾ ھاري ھلچل جي حوالي سان سنڌ جو ويٽنام چيو ويندو ھو، ھنن ٻنھي ھمراھن جي گھڻي مخالفت جو سبب شايد اھو ھو تہ ھنن ٻنھي جو واسطو ميرپور بنوري تعلقي سان ھو ۽ ٻيئي ’سنڌي عوامي تحريڪ‘ جي باني ميمبرن مان ھئا ۽ سنڌن ’سنڌي عوامي تحريڪ‘ ڇڏڻ ڪانپوءِ مقامي طور تي جيڪا عوامي تحريڪ جي قيادت ھئي، اھا انھن ٻنھي ھمراھن جي ھٿان ئي سنڌي عوامي تحريڪ ۾ آئي ھئي. تنھنڪري ھنن کي پنھنجو اثر برقرار رکڻ لاءِ انھن ھمراھن جي مخالفت ڪانسواءِ ٻيو ڪو چارو بہ نہ ھو.

اھو ڪو اتفاق ڪونھي تہ سياسي حوالي سان سيّد اڪبر شاھہ، قاسم پٽر کي پنھنجو اُستاد تسليم ڪندو ھو ۽ جڏھن قاسم پٽر کي ’سنڌي عوامي تحريڪ‘ مان خارج ڪيو ويو تہ خارج ڪرڻ واري نوٽس جي تعميل اڪبر شاھہ جي ھٿان ئي ڪرائي وئي. قاسم پٽر ان وقت عوامي تحريڪ جي ڪارڪن / اڳواڻ جي حيثيت سان ’لاڙين‘ واري لاڪ اپ ۾ قيد ھو. اھو عجيب اُلميو ۽ تنظيمي ٻي حسيءَ جو نمونو ھو ۽ قاسم پٽر اُن ڏينھن کي ڪڏھن بہ وساري نہ سگھيو. پاڻ چوندو ھو ”مونکي سڄي زندگيءَ ۾ گھڻو ڏک اُن ڏينھن پھتو جنھن ڏينھن مونکي اڪبر شاھہ جي ھٿان لاڙين جي لاڪ اپ ۾ پارٽي مان خارج ڪرڻ جو ليٽر پھتو ھو.“ اھا پارٽي جنھن جي بنيادن ۾ قاسم پٽر جو پورھيو بہ شامل ھو.

گھڻا سال پوءِ جڏھن مون اڪبر شاھہ جو ڪتاب ”لفظ ڳالھائين ٿا“ ڇپرايو تہ ان جو مھاڳ مون اڪبر شاھہ جي چوڻ تي قاسم پٽر ڪان لکرايو (ڪتاب جي ڇپائي جي عمل دوران اڪبر شاھہ گذاري ويو) تہ قاسم اُن ڳالھہ ذڪر ڪندي لکيو.

”.... منھنجو يار اڪبر شاھہ لاڙين جيل ۾، جت شيرخان لُنڊ، پنھون زنئور، زٽو زنگيزو ۽ آئون واڙيل ھئاسين. نوٽيس جي تعميل ڪرڻ آيو تہ توکي عوامي تحريڪ مان خارج ڪجي ٿو. منھنجي يار اڪبر جو اھو ڏينھن بہ نٿو وسري... ٻيو ڏينھن اھو جڏھن اڪبر شاھہ کي دوستن سميت عوامي تحريڪ مان ڪڍيو ويو....“

---

[1] ليون ٽراٽسڪي (1879ع – 1940ع) روسي انقلاب جي باني مان ھو. لينن جي وفات ڪانپوءِ اسٽالن سان اختلافن سبب ھي ميڪسيڪو جلاوطن ٿيو جت اسٽالن ڪيس قتل ڪرائي ڇڏيو. ٽراٽسڪي سرخ فوج جي باني مان ھو. سندس ڪيترائي ڪتاب لکيل آھن. جن ۾ روسي انقلاب جي تاريخ، منھنجي ڪھاڻي، اسٽالن، ادب ۽ انقلاب مشھور آھن.

قاسم پٽر جي اُبتڙ عوامي تحريڪ ڇڏڻ ڪانپوءِ اڪبر شاهه سياسي فرنٽ تي ڪڏهن به سرگرم نه رهيو البت هو پرائمري ٽيچرس ايسوسيئشن ۾ ڪنهن حد تائين مقامي ليول تي سنڌي ادبي سنگت ۾ سرگرم رهيو مونکي به سنڌي ادبي سنگت ۾ آڻڻ ۾ سرگرم ڪرڻ وارو اڪبر شاهه ئي هو. باقي قاسم پٽر ته سڄي عمر ورچي نه ويٺو.

**جان جان هئي جيئري، ورچي نه ويٺي**
**وچي پوڻءَ پيئي، سارينديـن ڪي سڄڻين.**

قاسم پٽر جي حوالي سان اها مخالفت به منهنجي ذهن جي ڪنهن ڪُنڊ پاسي ۾ ويٺل هئي.

③

سجاول ڪاليج ۾ فرسٽ ييئر ۾ انٽر ميڊيٽ پڙهڻ جي دوران (83_1982ع) ميرپور بٺوري جي گڏ پڙهندڙ دوستن سان ڪچهريون، ملاقاتون ۾ بحث مباحثا ٿيندا هئا. ملڪ مٿان ’مرد ملعون مرد منافق جنرل ضياالحق‘ جي فوجي آمريت جا ڪارا ڪڪر ڇانيل هئا. ڪڪڙو ڪو لڳي پيئي هئي، جيڪو تي ڪُڇيو سو ڪاٽ ۾! سياست تي ڳالهائڻ، سياست ڪرڻ ۾ سياسي پارٽين جي سرگرمين تي بندش هئي. اخبارون جيڪڏهن سياسي پارٽين جو ذڪر ڪنديون هُيون يا انهن جي ڪنهن اڳواڻ جو بيان ڇپينديون هيون ته اڳيان ”ڪالعدم“ لکنديون هيون. ان بندش جي ڪري اڪثر سياسي پارٽيون ۾ گروپ يونيورسٽين ۾ ڪاليجن ۾ پنهنجي ذيلي شاگرد فرنٽن جي پليٽ فارم تان يا وري ڪابي ڏر جا يا قومپرست همراهه پنهنجي سرگرمين لاءِ ”سنڌي ادبي سنگت“ جو شيلٽر استعمال ڪندا هئا... ۾ شاگردن ۾ سياسي شعور وڌائڻ ۾ نوان ميمبر هٿ ڪرڻ ۾ انهن جي تربيت ڪرڻ واسطي ”اسٽڊي سرڪلس“ هلائينديون هيون. انهن اسٽڊي سرڪلس ۾ اڪثر ڪري انهن پارٽين جا آرگنس لڪي لڪي پڙهبا ۾ ڪنهن خطرناڪ شئي وانگر لڪائي رکبا هئا ۾ رڳو پروسي جوڳن دوستن کي ئي پڙهڻ جي لاءِ ڏنا ويندا هئا، شاگردن ۾ نون دوستن کي سُنا سُنا ڪتاب پڙهڻ جي لاءِ ڏيئي منجهن سياسي شعور پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي هئي.

آئون به سدائين نوان ڪتاب هٿ ڪرڻ ۾ پڙهڻ جي جستجوءَ ۾ هوندو هوس. انهن ئي ڏينهن مونکي ڪنهن دوست کان ’تحريڪ‘ رسالي جا ڪجهه پراڻا پرچا پڙهڻ جي لاءِ مليا. انهن پرچن ۾ ڇپيل مواد جي هڪ هڪ لفظ منهنجي ذهن تي جڻ متر ڪا وسائي، منهنجي ذهن جي بند ٿيل دروازن جا تاڪ کولڻ شروع ڪيا. انهيءَ تحريڪ رسالي جي هڪ ٻن پرچن ۾ ايڊيٽر طور ”پٽر“ جو نالو لکيل

هو ۽ هڪ ٻن رسالن ۾ ڇپيل هيون. جيڪي مون دلچسپيءَ سان پڙهيون. انهن ٻنوري وارن دوستن مان هڪ دوست محمد اسحاق زنئور به هو. جيڪو انٽر ۾ پڙهندو هو ۽ جساف جو ميمبر هو. هڪ ڏينهن اسحاق زنئور مونکي ڪاري رنگ ۽ ڳاڙهن اکرن واري ڪور سان هڪ ڪتاب ڏيندي چيو. ”هي ڪتاب وٽ ۽ ڇهه روپيا ڏي.“ مون ڪانئس اهو ڪتاب ورتو. ڪتاب جو نالو هو ’رت ۽ غلامي‘ ۽ ڪهاڻيڪار هو ’پٽر‘.

مون ڪتاب ’رت ۽ غلامي‘ هڪ ئي رات ۾ پڙهي پورو ڪيو. ڪتاب ۾ ڇپيل مختصر ڪهاڻين ۽ خاڪن مونکي ڏاڍو متاثر ڪيو. سڄي ڪتاب ۾ ڪٿي به مايوسي ۽ نراسائيءَ جو ڪو نالو نيشان به نه هو. هر افسانو ۽ خاڪو پنهنجي اندر ۾ ڪو نه ڪو مقصد سمايو ويٺو هو.

انهن ڏينهن آئون جيڪو ڪجهه پڙهندو هوس ۽ پڙهڻ دوران مونکي جيڪي به شعر يا نثري جملا / ٽڪرا وڻندا هئا. اهي هڪ نوٽ بوڪ ۾ اُتاريندو ويندو هوس. اهو نوٽ بوڪ اڃا به ضعيف حالت ۾ مون وٽ موجود آهي. ان نوٽ بوڪ ۾ مون ’رت ۽ غلاميءَ‘ مان هينيان ڪجهه ٽڪرا اُتاريا هئا.

- پَر ابا! سنڌ جا حاڪم به خبر نه آهي ته ڇو اهڙا ڪنور ٿيا آهن. پنڊيءَ وياسون. چيائون ”ڪوشش ڪريون ٿا.“ ڪراچي وياسون. چيائون ”اوهان ملڪ ڇڏيو ٿا وڃو.“ ڪي چون. ”اوهان غدار آهيو.“ بابا ڪولهين ڪڏهن هن ڌرتيءَ سان غداري ڪئي آهي؟ اوهانکي ڪو اهڙو سُجهي، جنهن هن ڌرتيءَ سان غداري ڪئي آهي. اوهان ڳالهه ڪندا آهيو ته: روپلو ڪولهي، جنهن انگريزن سان ننگرپارڪر جي سرحد وٽ جنگ ڪئي ۽ مارجي ويو پر پيش نه ٿيو. اسان ڪڏهن به چغلي نه هنئي، مون ڏٺو ته هن جنگ ۾ ڪيترائي ڪوسا ٻروچ اڃي پنهنجي ڇوٽرن ۾ لڪا هئا. پاڻ هندستان جي فوجن کي چيو هئن ته ”هتي اسين سڀ ڪولهي آهيون.“ ائين هنن پنهنجن پاڙيسرين جي جان بچائي هئيسون. سو بابا، هنن کي ڇا ٿي ويو آهي، جو اسان کي غدار ۽ دشمن ٿا سمجهن.

(ڪهاڻي: اباڻا پڊ)

- ماڻهو ويڙهه ڪندڙ جي عزت ڪن. جيڪا بزدل وڏيري کان پهچي ڪونه.
- هن چيو ته: جڏهن لوهه گرم ٿيندو آهي، تڏهن ڪا تبديلي ايندي آهي.
- ”عوام“ لفظ جو ايترو گهڻو استعمال ٿيو آهي، جو ماڻهو پائنئن ته ڪنن ۾ ڪٽي آڱريون وجهن.

(تاثر: ڪو ڳڻ ٻاروچي جو)

- صفحي ڏانهن ٻوڙندي هڪ جماعتيءَ چيو اها مسجد جي پٽَ اٿس. ڇاڪاڻ جو هن اها زمين مسجد جو ايوان وڌائڻ لاءِ نہ ڏني هئي.

(ڪهاڻي: خدا جو گهر)

- تون ايڏي ٻُزدل ڇو ٿي آهين. آخر هن سماج کي ڪا تہ عورت توڙيندي. جيڪڏهن هوءَ بهادر نٿي ٿئي تہ اهي عذاب پڪَ سان پنهنجي ڌيءَ لاءِ ڇڏيو ٿي وڃي.

(ڪهاڻي: پڳ جي لڄَ)

اهو ڪتاب پڙهڻ ڪانپوءِ منهنجي ذهن ۾ جيڪو تاثر اُڀريو اهو نہ رڳو خوشگوار. پر ٿورو ٿورو حيرت ۾ وجهندڙ بہ هو. تہ ”اڇا! قاسم پٽر هڪ ليکڪ بہ آهي. جيڪو هڙيون سڻيون مشاهداتي ۽ بامقصد ڪهاڻيون بہ لکي ٿو.“

③

اڻين نڊي هوندي ڪان وٺي. منهنجي شعوري زندگيءَ تائين. منهنجي اڳيان. ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان ”قاسم پٽر“ جو ذڪر ٿيندو ئي رهيو.

③

تاريخ ۾ فرد جي ڪردار جي اهميت ڪيتري ۽ ڪهڙي رهي آهي، اهو بحث ته صدين کان هلندو پيو اچي، اُستاد پليخانوف ته ڪتاب "تاريخ ۾ فرد جو ڪردار" لکي ان سوال تي نه رڳو بحث ڪيو آهي، پر جواب ڏيڻ جي ڪوشش به ڪئي آهي.

تاريخ ۾ سدائين ايئن ٿيندو رهيو آهي ته ڪن غير معمولي ماڻهن پنهنجي سياءُ ۽ فقيراڻي طبيعت جي ڪري، پٺتي رهي، پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ پسمنظر ۾ رهڻ سبب سندن ڪم ۽ ڪردار جي اهميت تڏهن پڌري ٿيندي آهي، جڏهن اهي فرد جسماني طور تي هليا ويندا آهن، ۽ وقت گذرڻ سان گڏ انهن جي وڇڙي وڃڻ سبب پيدا ٿيل "خال" جي نه پرجڻ جو احساس ٿيندو آهي.

اسانجي يار قاسم پٽر کي به اهڙو ئي غير معمولي ڪردار چئي سگهجي ٿو. جنهن سدائين پٺتي رهي پنهنجو سياسي، سماجي ۽ ادبي ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

قاسم پٽر جو واسطو هڪ غريب گهراڻي سان هو. ان غربت کيس مجبور ڪيو ته هو هن اڻ برابريءَ ۽ ناهموار سماج جي خلاف جدوجهد ڪري. غربت ۽ تڪليف سبب هن جي اُتي ويٺي اهڙن سنگتين ساٿين سان ٿي، جن جو واسطو اڳ ۾ ئي ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان ترقي پسند ۽ قومپرست حلقن سان هو. سنڌس پهريون تعلق سنڌ جي يگاني ڪميونسٽ اڳواڻ ڪامريڊ عزيز سلام بخاريءَ سان ٿيو. ڪامريڊ بخاريءَ کي انڊيا جي ڪميونسٽ پارٽيءَ ورهاڱي کانپوءِ پاڪستان ۾ پارٽيءَ کي منظم ڪرڻ جي لاءِ موڪليو هو. پاڻ پارٽيءَ جو سنڌ جو سيڪريٽري به رهيو. ڪامريڊ بخاريءَ جو جنم 1911ع ۾ اُتر پرديش جي هڪ ننڍڙي ڳوٺڙي 'گونڊا' ۾ ٿيو. پاڻ 1947ع ۾ 26 سالن جي عمر ۾ پاڪستان ۾ پارٽيءَ کي منظم ڪرڻ لاءِ پهتو ۽ پنهنجي باقي سڄي زندگي نهايت بي باڪيءَ سان عوام دشمن قوتن جي خلاف انقلابي ڪم ۾ رڌل رهيو. ڪامريڊ عزيز سلام پهرين ڪراچي ۽ پوءِ لاڙڪاڻي ۾ اچي رهيو.

ڪامريڊ عزيز سلام بخاري هڪ مثالي شخص هو هن لاءِ پنهنجو مقصد ايترو ته اُتم هو جو وٽس رت جي رشتن ۽ ذاتي خوشيءَ جي ڪابه اهميت نه هئي، ايتريقدر جو جڏهن سندس گهرواري گذاري ويئي ته به ڪامريڊ بخاري اُتي موجود نه هو ۽ پارٽي ڪم جي سلسلي ۾ ٻاهر ويل هو. جيتوڻيڪ کيس خبر به هئي ته سندس گهرواري سخت بيمار آهي ۽ سندس بچڻ مشڪل آهي، پاڻ سدائين چوندو هو "جيڪڏهن ذاتي تسڪين کي اهميت ڏبي ته اجتماعي ڪم ڪيئن ٿيندو؟ تنهنڪري ذاتيات / ذاتي ڪم کي اجتماعيت تي فوقيت ڏيڻ عقلمندي نه آهي."

عزيز سلام بخاري 7 فيبروري 1986ع تي وفات ڪئي، وفات مهل به پاڻ ساٺين سان انقلابي ڪم جي سلسلي ۾ ڪچهري ڪري رهيو هو.

ڪامريڊ عزيز سلام تي ڪامريڊ سوڀي گيانچندااڻيءَ پنهنجي ڪتاب ”وڏي وٿ هئام“ ۾ مختصر پر نهايت جامع خاڪو لکيو آهي، جيتوڻيڪ ڪامريڊ بخاريءَ تي اجا گهڻو لکڻ جي گهرج آهي، پر مونکي ڪامريڊ سوڀي جي هنن لفظن کي اُن ڪري به هتي ورجائڻ جي گهرج پئي محسوس ٿئي ته جيئن اسين انهن لفظن جي پسمنظر ۾ قاسم پٽر کي چڱي طرح پرکي سگهون.

**ڪامريڊ سوڀو لکي ٿو:**

”ڪامريڊ مائو هڪ دفعي چيو هو اسان ڪميونسٽ مڇي وانگر آهيون، عوام هميشه اسانجي حفاظت ڪندو. هِتان کان هُتي ۽ هُتان کان هِتي، هو پارٽيءَ جو ڪارڪن، جاڪوڙي، قاصد ۽ رهنما هيو. ڪيترائي پراڻا ڪارڪن وڏي محبت ۽ احترام سان کيس ياد ڪندا آهن. خاص ڪري حيدرآباد، ٺٽي ۽ بدين جي مزدور ۽ هاري تحريڪن ۾ اڄ به ڊزن ڪارڪن اهڙا ملندا. جن کي عزيز سلام ذهني ۽ عملي طرح تراشيو هو.

قاسم پٽر به اهڙن ئي ڪارڪنن مان هڪ هو.

قاسم پٽر پنهنجي هڪ مضمون ”جوڳي نه ڪنهن جا مِٽ“ ۾ عزيز سلام بخاريءَ جو ذڪر ڪندي لکيو آهي:

”سلام بخاريءَ جهڙو جمهوري رويا رکندڙ ذميوار سماج ۾ ڪٿان ملي، اسان پنهنجن گهرن ۾ مائٽن جي غير جمهوري روين مان بيزار هوندا هئاسين، اهڙو مهربان پيءُ جهڙو ورڪر ڪٿان ملي، جيڪو ميٽنگ جو جيڪو ٽائيم رکندو هو، ڪهڙيون به حالتون هجن، پنهنجي ڏنل پروگرام تي ضرور پهچندو هو.“

قاسم پٽر جو اهو سياسي سفر پوءِ نئشنل عوامي پارٽيءَ (نعپ) کان ٿيندو، سنڌ متحده محاذ، سنڌي عوامي تحريڪ، سنڌهاري ڪميٽي، سنڌ نئشنل ڪانگريس ۽ پوءِ جيئي سنڌ محاذ تي اچي ختم ٿيو.

قاسم پٽر جي زندگي جي سفر کي اسين چئن حصن ۾ ورهائي سگهون ٿا: (1) سياسي (2) ادبي (3) سماجي ۽ (4) ذاتي.

ഇ

قاسم پٽر سياست جي شروعات ڪميونسٽ پارٽيءَ کان ڪئي، پر ڪميونسٽ پارٽيءَ سان سلهاڙجڻ کان اڳ 1956ع ۾ سندس ملاقات ڄامشوري جي اسپتال جي پارڪ ۾ محترم 'ابن حيات پنهور' سان ٿي. جنهن کيس گهڻو متاثر ڪيو ۽ هن جون ڳالهيون کيس دل سان لڳيون. ابن حيات پنهور جي ڳالهين ۾ ڪڇرين کيس نه رڳو وڏو اُتساهه ڏنو پر منجهس سياسي شعور به بيدار ڪيو ۽ کيس لڳو ته اهو فڪر اختيار ڪري، هن ظلم ۽ جبر واري نظام جي خلاف جهيڙي سگهجي ٿو ۽ پوءِ قاسم ان جهيڙي ۾ سدائين مظلومن جو ساٿاري ۽ پهرين جوڙ جو سپاهي بنجي ويو.

يارمحمد ابن حيات پنهور سنڌ جو هڪ يگانو ڪردار رهيو آهي، جنهن سنڌ جي قومي ۽ ادبي تحريڪ ۾، خاص ڪري ون يونٽ واري دور ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. فقير عبدالغفور الستيءَ جي لفظن ۾ "هو سنڌ جي عشق ۾ مجذوب ٿي ويل شخص هو."

ابن حيات 1920ع ڌاري دادو ضلع جي ڳوٺ 'ڪارڙي' ۾ ڄائو پاڻ 1949ع ڌاري، 'اداره ادبي انجمن' قائم ڪيائين. 1951ع ۾ 'پرهه ڦٽي پبليڪيشن' قائم ڪيائين. جنهن هيٺ ڪيترائي ڪتاب منظر عام تي آندائين. ابن حيات پنهور جهمپير ۾ ماستري به ڪئي ته سنڌي ادبي بورڊ ۾ ملازمت به. بئنڪ ۾ نوڪري به ڪيائين. پر اهي سڀ نوڪريون سنڌ جي عشق ۾ هو سدائين داءُ تي لڳائڻ جي لاءِ تيار هوندو هو ابن حيات پنهور جي سنڌ سان ان عشق جي ڪيفيت بيان ڪندي خالد سنڌي، ابن حيات پنهور جي ڪتاب "ڪروڙپتي" جي مهاڳ ۾ لکي ٿو:

".... مان سندن هڪ قومي ڪارنامي طرف ڌيان ڇڪائڻ ضروري ٿو سمجهان. 1969ع ۾ جنرل ايوب خان جي آخري دور ۾ جڏهن مون ون يونٽ ٽوڙائڻ جي لاءِ بک هڙتال شروع ڪئي ته جن دوستن منهنجو سڀ کان وڌيڪ ساٿ ڏنو ابن حيات پنهور انهن ۾ سيني کان اڳرو هيو. بلڪ بک هڙتال جي فيصلي ٿيڻ وقت ابن حيات بضد رهيو ته سڀ کان اول بک هڙتال تي ويهي، ليڪن مون ۽ ع . غ سنڌي (هاڻوڪي عبدالغفور الستي) قاسم شورو، ديدار جتوئي، محمد دائود بلوچ ۽ ٻين دوستن ابن حيات جي عمر ۽ نوڪري کي سامهون رکي سندس تجويز نامنظور ڪئي ۽ آخري فيصلو منهنجي ئي حق ۾ ٿيو.... مون ڪانپوءِ بک هڙتالين جي هڪ وڏي لسٽ هئي، ليڪن پنهور صاحب ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ اسانجون سڀ دليلون ۽ دلائل رد ڪري اچي بک هڙتالي ڪئمپ ۾ (جيڪو جيئي سنڌ (هاڻوڪو حيدرچوڪ) چوڪ تي لڳل هو) بک هڙتال تي ويهي رهيو سندس

خلوص ۽ جذبن کي سيني سلام ڪيو ليڪن جلدئي ڪيس سنڌي ادبي بورڊ جي نوڪريءَ تان هٽ ڪٽو پيو...“

اُن وقت سنڌ ۾ رجعت پرستن، سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن، خاص ڪري ترقي پسند اديبن ۽ انهن مان بہ خاص ڪري شيخ اياز تي فحاشي پکيڙڻ، هندستان جو ايجنٽ، ڪافر، ملحد، دهريو اسلام ۽ پاڪستان جو دشمن قرار ڏيئي، وڏي باهوڙ شروع ڪئي. جواب ۾ وطن دوست اديبن بہ انهن کي منهن توڙ جواب ڏيڻ شروع ڪيو. انهن جي جواب ۾ مولانا غلام محمد گرامي ”مشرقي شاعريءَ جا فني قدر“ جهڙو شاهڪار ڪتاب لکيو. جنهن ۾ هن رجعت پسندن جي الزامن ۽ اعتراضن جو جواب ڏنو. ساڳئي وقت محترم رسول بخش پليجي ”انڌا اونڌا ويج“ (ياڱو پهريون)، پهرين اخبار ”خادم وطن“ ۾ قسطوار لکيو ۽ پوءِ 1967ع ۾ ڪتابي صورت ۾ پڌرو ٿيو جنهن جو مهاڳ ابن حيات پنهور لکيو نہ رڳو اهو پر خود ابن حيات پنهور هڪ ڏار ڪتاب لکي انهن رجعت پسندن کي سَنڌائتو ڏک هنيو جنهن جو ذڪر ڪندي، رشيد ڀٽي، شيخ اياز جي ڪتاب ”خط تقريرون ۽ انٽرويو“ جي مهاڳ ۾ لکي ٿو:

ان تڪرار ۽ اختلاف راءِ دوران هڪ ٻيو بہ ڪارگر تنقيدي ڪتاب ڇپيو هي ڪتاب جهوني اديب ۽ ترقي پسند ابن حيات پنهور لکيو ڇپرايو ۽ پڌرو ڪيو. پنهور پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ادب ۽ اسانجا اديب“ ۾ رجعت پرستن جي ترقي پسندن خلاف اجائي گهل گهوڙا ۽ فتويٰ بازيءَ جا سياسي، اقتصادي ۽ نفسياتي محرڪ پيش ڪيا هئا.“

ابن حيات جو ڪعبو ۽ قبلو سنڌ هئي. ان وقت جڏهن حالتون انتهائي خراب هيون، تڏهن سنڌ جي نامياري دانشور سائين محمد ابراهيم جويي پڻ، سرڪاري نوڪريءَ ۾ هئڻ سبب، پنهنجا ڪيترائي ليک ابن حيات پنهور جي نالي سان ڇپرايا هئا. جيڪي ليک هاڻ جويي صاحب جي ڪتاب ”هوءَ جا ٽمڪي باهڙي“ ۾ ان نوٽ سان گڏ شامل آهن تہ اڳ ۾ ’هي مضمون ”ابن حيات پنهور“ جي نالي سان ڇپيا ويا هئا.‘

ون يونٽ واري دور ۾ ون يونٽي غدار وڏيرن، ايوب کهڙي ۽ ٻين کي مخاطب ٿي لکيل ابن حيات پنهور جو نظم ”سنڌ جا سوداگر تو تي لعنت لک هزار“ اهڙن غدارن جون ننڊون ڦٽائيندو رهيو اهو نظم هن ريت آهي:

سنڌ جا سوداگر توتي لعنت لک هزار،

صديون گذريون ڪنهن نہ ڪيو هي ذلت جو واپار.

سوين سڪندر، قاسم ڪرڙا، احمد شاهہ ابدالي،
آيا نوڪر ڪائي هليا ويا، ويئا ڪين ڪي والي،
سنڌ سونهاري سالم رهندي، ڪامل آ اعتبار.
سنڌ جا سوداگر توتي لعنت لک هزار.

سيد، سامي سانڌي آهي، منهنجي منڙي ٻولي،
پُٽ تون پاڻ سنڀالج، ماءُ ڏني اٽئي لولي،
پڙڪو پٽائي جو تہ ڪرين ها ڪيئن، ڪيئي اقرار؟
سنڌ جا سوداگر توتي لعنت لک هزار.

زال زبان زر ڪڍهن آهن مردن ڪان ڪسبا،
سنڌي سورهيہ سامهون ٿيندا، پوئتي ڪين پسبا،
مرد مقابل ميدان ٿيندا نڪري ٿي نروار.
سنڌ جا سوداگر توتي لعنت لک هزار.

جيجل جيسين ساهہ سسئيءَ ۾، تيسين تون آزاد،
تنهنجا محبت وارا مِنڙا ٻول سين ڪي ياد،
مرد انهي هوند مري شل جيڪو ڪري انڪار.
سنڌ جا سوداگر توتي لعنت لک هزار.

ابن حيات پنهور محترم جي ايم سيد جي سنڌ متحده محاذ جو ڪجهہ عرصي لاءِ حيدرآباد ۾ آفيس سيڪريٽري بہ رهيو.

ابن حيات پنهور ڪيترائي ڪتاب لکيا، سهيڙيا ۽ ترجمو ڪيا، جن ۾ ’پيئي جن پروڙ‘، ’توڪي

ساري ساهہ‘، ’قوم ۽ قوميت‘، ’ڪروڙ پتي‘، ’چار داڻا‘، ’ماڻهو ۽ ڌرتي‘، ’قومي گيت‘، ’ون يونٽ ۽ متحده محاذ‘، ’پرهہ ڦٽي‘، ’عدم ۽ عمل‘، ’پينر آءُ پُلياس‘، ’بدوي قومون‘، ’اجان اڳاهون‘، ’سنڌي ادب ۽ اسانجا اديب‘ شامل آهن. تنهن ڪانسواءِ پاڻ تاريخ ڪلهوڙا جو سنڌيءَ ترجمو پڻ ڪيو اٿس.

ابن حيات پنهور ’سنڌي ادبي سنگت سنڌ‘ جي باني منجهان بہ هو. 17 آڪٽومبر 1956ع ۾ سنڌ مدرسي ڪراچي ۾ ٿيل ”سنڌي ادبي سنگت ڪنوينشن“ ۾ ابن حيات پنهور جهمپير شاخ جي نمائندي جي حيثيت سان شريڪ ٿيو هو. ابن حيات پنهور ڪانسواءِ ’سنگت جهمپير‘ جا باقي ٻہ نمائندا جماالدين ڪوهستاني، غلام مصطفيٰ ۽ محمد حسن هئا.

هتي هڪ ستم ظريفي جي ڳالهہ ڪجي تہ بهتر. تازو سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران ڇپيل ’انسائيڪلوپيڊيا سنڌ يانا‘ جي ڇهرين ڀاڱي ۾ جڏهن ابن حيات پنهور جي انٽري ڏنم تہ اڻ پوري ۽ اڻ ڄاڻائي تي ٻڌل ملي. ٻيو تہ ٺهيو پر سندس ڪتابن جا مڪمل نالا بہ ڪونهي، سنڌي ادبي سنگت ۾ سندس ڪردار بابت بہ اڻ ڄاڻائي تي ٻڌل هي جملو لکيل مليو. ”.... ابن حيات پنهور سنڌي ادبي سنگت جي ٻئي دور ۾ ابتدائي ميمبرن مان رهيو آهي.“ (ص 113).

ابن حيات پنهور 13 جنوري 2003ع تي وفات ڪئي.

مون مٿي عزيز سلام بخاري ۽ ابن حيات پنهور جو مختصر ذڪر ان ڪري ڪيو آهي تہ جيئن قاسم پٽر جي مستقل جي زندگي ۽ جدوجهد ڪي انهن ٻنهي يگانن شخصن جي ڪردار جي پسمنظر ۾ ڏسي سگهجي، جن جو مٿس گهڻو اثر رهيو.

قاسم پٽر پنهنجي ان فڪري استاد ۽ رفيق ’ابن حيات پنهور‘ ڪي سدائين عزت ۽ احترام سان ياد رکيو ۽ ساڻس پنهنجي دلي وابستگيءَ جو ثبوت ’ابن حيات پنهور‘ لئبرري قائم ڪرڻ جي صورت ۾ ڏنو. جنهن جو اڳتي هلي ڪن دوستن جي مدد سان ميرپور بٺوري ۾ پنهنجي ماڙيءَ جي مٿان هڪ ڪمرو ٺهرايائين ۽ ڇهرين جولاءِ (ون يونٽ ٽٽڻ واري ڏينهن) 2006ع تي پنهنجي هڪ ٻي رفيق جناب نورالدين سرڪي جي هٿان افتتاح ڪرايائين.

ابن حيات پنهور سان ان ملاقات ۽ پوءِ رفاقت ۽ عزيز سلام بخاري جي ساٿ، قاسم پٽر جهڙي غريب ۽ سادي شخص جي هڏ ڏوڪي دل ۾ هن ظلم ۽ جبر تي ٻڌل نظام جي خلاف بغاوت ڪرائي، هن پنهنجي علائقي ۾ فقير عيسيٰ خواجي ۽ رئيس جمال خان لغاري جهڙن ظالم، جابر ۽ گبر وڏيرن جا هارين نارين ۽ ڪمين ڪاسبين تي ظلم ۽ انيڪ ڏاڍ ڏٺا هئا. انهن وڏيرن جي واتن مان نڪتل لفظ ”ڪُن“ يعني ’ٿي پئو‘ جي حيثيت رکندو هو. ٻيئي وڏيرا سدائين چڙهندڙ سج جا سلامي، آمريتن جا ساٿاري ۽ عوام لاءِ

آزار رهيا. سنڌن اٽڪلون ۽ سازشون، عام ماڻهن کي هڪٻئي سان ويڙهائڻ ۽ مٿن حڪومت ڪرڻ واريون رهيون. رئيس جمال خان جي پهچ ۽ رسائي ايتري جو ملڪ جو صدر فيلڊ مارشل ايوب خان به وٽس شڪار ڪرڻ جي لاءِ آيو ته ٻي پاسي فقير عيسيٰ خواجو به گهٽ نه هو. قاسم پٽر چواڻي:

”..... سنڌ جي هوشيار وڏيرن جي نشاني عيسيٰ خواجو بنوري ۾ موجود. ايوب شاهي جو دور، وري عيسيٰ جي گاڏيءَ تي دريءَ وٽ خوبصورت اکرن ۾ لکيل هجي ”فرينڊز ناٽ ماسٽرز*“ پلا پائي چا ڪجي.

سيٺ عيسيٰ خواجي جي مقامي راڄن کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ ۽ انهن کي استعمال ڪرڻ جي طريقي جوذڪر ڪندي محترم اعجاز علي خواجي پنهنجي ڪتاب ”نيئر منهنجو نينهن“ ۾ هڪ دلچسپ واقعو بيان ڪيو آهي، جنهن مان عيسيٰ خواجي جي سازشي ذهن ۽ اٽڪلن جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

..... هڪڙو دلچسپ ۽ ياد رکڻ جهڙو واقعو ذهن تي تري آيو اٿم. جنهن مان سيٺ عيسيٰ جي طريقي ڪار جي خبر پوندي ته ڪڏهن ڪڏهن جبر سان ته ڪڏهن وري اسانجن غريب خواجن کي ڏيجاري مٿن نفسياتي اثر وجهي ڪائن پنهنجن آمرانه فيصلن تي هاڪار ڪرائيندو هو.

مارچ 1967ع ۾ 12 محرم تي هن پنهنجي بنگلي تي خواجه جماعت جو هڪ ميڙ ڪوٺايو. سيني ماڻهن کي چانهه جو ڪوپ پياري، ٽڏيون، مِنيون، لهواريون اوياريون ڳالهيون ڪري پوءِ موصوف تقرير شروع ڪئي.

توهانکي خبر آهي ته ڪٿي، ميمڻ، زنئور ۽ ٻي ڪابه قوم[(i)] توهانجي دوست ڪونهي. توهانجي قوم جا هزارين دشمن آهن، سڀ توهان جي رت جا پياسا آهن. توهانجي خلاف ڪيتريون ئي سازشون ٿي رهيون آهن، جن جي توهانکي ڪابه ڄاڻ ڪانهي، خواجن سان مقابلي لاءِ بنوري جي آس پاس ۾ بم گولا ۽ٻيا هٿيار پيا ٺهن، جن جي توهانکي ڪابه خبر ڪانهي، انهيءَ باري ۾ مون گورنر ۽ صدر سان لکپڙهه به ڪئي آهي، مونکي خبر آهي ته آئون ڪهڙيءَ ريت انهن سيني حرامي ماڻهن کي منهن ڏيئي رهيو آهيان، نه ته جيڪر اهي اوهانکي ڪچو ڪائي وڃن.

توهين آهيو ڪيترا، تمام ٿورڙا، هڪڙي ننڍڙي قوم ايترا جو آءٌ توهانکي جيڪر هڪڙِي ڪوٺيءَ

* ايوب خان جي ڪتاب جو نالو.

(i) قوم مان مراد ذات: پاڻ وٽ سنڌ ۾ اجا تائين ذات کي قوم سڏيو ٿو وڃي، خود جمال ابڙي صاحب به پنهنجي آتم ڪٿا ۾ پنهنجي اباڻي ذات سانگي لاءِ ”سانگي قوم“ ڪري لکيو آهي. (ي ـ س)

۾ بند ڪري تالو وجهي ڇڏيان ته ڪنهن کي خبر ئي ڪانه پوندي.
اهو آهي سنڌس طريقه واردات.
سيٺ عيسيٰ جي ڇهري تي گهاتي فڪر ۽ دوراندیشيءَ جا مصنوعي آثار نمايان، انهن سڀني حرڪتن ويئلن تي ڪيترو نه متاثر ڪيو هوندو.

پوءِ قاسم پٽر انهن وڏيرن سان هٿين پئجي ويو ۽ جدوجهد جي ميدان ۾ لٿو ۽ پنهنجو ساٿ وڌائيندو ويو ۽ سنگت ساٿ سان گڏجي هارين کي وڏيرن جي چيٽن ۽ بيگرن ۽ ٻين انيائن کان بچائڻ لاءِ کين منظم ڪرڻ ۽ منجهن پنهنجن حقن بابت شعور پيدا ڪرڻ لڳو.
قاسم پٽر جي ان جدوجهد جو ذڪر ڪندي، سنڌس هڪ دوست ۽ ساٿي پرويز پنهنجي آتم ڪهاڻي ”پيهي جان پاڻ ۾“ لکي ٿو.
.... ان گهٽ ۽ ٻوسٽ واري ماحول ۾ پٽر سنڌيءَ پنهنجا دوست ناهڻ شروع ڪيا ۽ مزاحمتي جنگ جو اعلان ڪيو. قاسم پٽر جنهن جي خلاف ڪافر، دهريو، ڦريل ۽ ڪميونسٽ هجڻ جي پروپيگنڊه جا تير وڏفڙي وانگر هر طرف کان وسي رهيا هجن، اُپري سامهون آيو. پٽر سڀ کان پهريائين ڪوشش ڪري فقير عيسيٰ جي خاص راڄن چانگن، زئورن، رنگيجن، سوهن ۽ لُنڊن مان سنڌس مکيه ماڻهو چورائڻ جو ڪم ڪرڻ لڳو ۽ انهيءَ بنهه اڙانگي ۽ خطرناڪ ڪم ۾ هو ڪامياب ويو. زئنورن مان پنهون زئنور مرحوم، زنگيزن مان محمد حسن عرف زٽو زنگيزو مرحوم، لُنڊن مان شير خان لُنڊ، سوهن مان اسماعيل سوهو ۽ چانگن مان احمد چانگ مرحوم، اسماعيل چانگ، منو چانگ، مرحوم ڪمال چانگ ۽ زئورن مان ڇتو زئور سان ياري رکيائين، جيڪي ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان فقير صاحب جا ويجها ماڻهو سمجهيا ويندا هئا. اهڙي طرح فقير عيسيٰ جي حڪمراني ۾ ڏار پوڻ لڳا ۽ پٽر سنڌي ۽ سنڌس دوستن جي قوت وڌڻ لڳي. انهيءَ دوبدو جنگ دوران ڪيترائي اهڙا مرحلا آيا، جڏهن پٽر سميت سنڌس ڪيترن ئي سياٿين سان جهيڙا ٿيا. ڪوڙا ڪيس داخل ٿيا. ڪيترائي ڀيرا جيل وڃڻو پيو. پر ڇري ڪيئن؟ ڇي ويران وير وڏو جي مصداق پٽر جي ساٿين ۾ واڌارو ٿيندو رهيو.
پوءِ اهي جدوجهدون ايتريون ته وڌيون، جو ميرپور بٺورو سنڌ جو ويتنام سڏجڻ لڳو. اهڙيون ڳالهيون وڏيرن ۽ انهن جي حوارين کان ڪٿي ٿي سَنيون. قاسم ۽ سنڌس سنگت جونالو ٻُڌڻ سان ئي هنن جي اکين ۾ رت مِڙي ٿي آيو ۽ قاسم وري انهن وڏيرن پاران هلائن، سازشن، حملن ۽ هڪلن جي باوجود به ان

عظيم سٽ جو ساٿي بنيو بيٺو رهيو ۽ ويو اُن کي وڌائيندو. هڪ اهڙو سٽ جنهن لاءِ شاهه لطيف جو هي بيت ٺهڪي ٿو اچي.

هڻ هڪلڻ، ٻيلي سارڻ اي مانجهائين مرڪ
وجهن تان نہ فرق، رُڪ وهندي راند ۾.

اهڙي سٽ لاءِ جيڪڏهن اردو جو هي شعر لکان تہ بہ وڌاءُ نہ ٿيندو.

**تزئين ڪائنات ڪا باعث وهي بنے**
**دنيا سے اختلاف کی جرات جنهوں نے کی-**

۽ نتيجي ۾ جيل تہ قاسم پٽر جو ٻيو گهر بنجي ويو ۽ اهو مشهور ٿي ويو تہ "جيل تہ قاسم پٽر جڻ ٻولي ڪنيا آهن."

طبقاتي جدوجهد ڪندي بہ قاسم پٽر قومي مسئلن کان لاتعلق نہ رهيو. اُن وقت سنڌ ون يونٽ جي پنجوڙ ۾ ڦاٿل هئي ۽ سندس الڳ وجود مغربي پاڪستان ۾ ختم ڪيو ويو هو ۽ سنڌ ”اڳوڻي سنڌ“ سڏجڻ لڳي. سنڌ جو نالو وٺڻ ۽ لکڻ جڻ عظيم گناهہ ۾ شرڪ هو. تڏهن تہ اياز چيو ”سنڌڙي تنهنجو نانءُ وٺو جڻ ڪاريهر تي پير پيو.“ سنڌ جا سڀ وسيلا اسلام ۽ پاڪستان جي نالي ۾ پنجاب جي حوالي هئا ۽ هيڏانهن هندستان مان ورهاڱي ڪانپوءِ لڏي ايندڙ اسانجا اردو ڳالهائيندڙ مسلمان ڀائر انهيءَ ڦر لٽ ۾ نہ رڳو ساڻس ڀٽ، پر انهن کان بہ اڳرا هئا. ڪميونسٽ پارٽي انڊر گرائونڊ هئي ۽ سڀ ڪامريڊ نيشنل عوامي پارٽي (نعپ) جي پليٽ فارم تي گڏ هئا. پر نعپ ۾ حاوي امپورٽيڊ ڪامريڊ لڏو قومي مسئلي کان يا تہ لاتعلق رهندو هو يا وري قومي مسئلي کي ’سنده کي بديرو کا مسئلہ‘ چئي لنوائيندا ۽ ڪن ٽار ڪندي اڻ چٽا رهندا هئا. قاسم پٽر نعپ جي سنڌ ڪميٽي جوميمبر هو ۽ پنهنجي ٻين ساٿين رسول بخش پليجي، ۽ حفيظ قريشي سان گڏ ڪامريڊن سان بحث مباحثو ڪندو رهيو ۽ قاسم جو موقف هو تہ ”اسانجومسئلو سنڌ جي آزاديءَ سميت پنهنجا سمورا تاريخي حق حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ حل نہ ٿيندو. سنڌ جي آزادي اسانجو حق آهي.“ معاملو نيٺ اُتي وڃي پهتو جو اهي سڀ يار قومي مسئلي تي نعپ کان ڌار ٿي ويا، ۽ انهن دوستن گڏجي 1968ع ۾ سنڌي عوامي تحريڪ ناهي ۽ قاسم پٽر ان جي باني اڳواڻن مان هو. جنهن ڳالهہ جو ذڪر ڪندي قاسم پٽر هڪ هنڌ لکيو:

”اسان ورڪر جيڪي ڪميونسٽ پارٽيءَ سان ڪم ڪندا هئاسين انهن جو اهو پڪو ويساهہ هو تہ نيشنلزم هڪ نظريو آهي، قومن کي آزاد ٿيڻ جو حق آهي، مثال، اسان بنگالين جي ڇهن پوائنٽن جي حمايت ڪئي، پارٽيءَ ۾ ڦوٽ پئي، جنهن مان سنڌي عوامي تحريڪ پارٽي ٺهي.“*

قاسم پٽر سڄي زندگي قومي مسئلي تي چٽو رهيو هن قومي ۽ طبقاتي جدوجهد کي ٻن پور وڇوٽ ليڪن جيان هلائڻ تي چاهيو هن جي نظر ۾ سنڌ جي سڀني معدني توڙي ٻين قدرتي وسيلن جي مالڪ سنڌي قوم ئي آهي، هو سوشلزم جو قائل هو ۽ امپورٽيڊ ڪامريڊن جيان ان ڳالهہ جو قائل نہ هو تہ سوشلزم اچڻ سان سڀ مسئلا پاڻمرادو حل ٿي ويندا. هن جو خيال هو تہ قومي مسئلي تي چٽائي سان نہ رڳو جدوجهد کي سگهہ ملندي، پر قومي مسئلي تي چٽائي قومي آزادي ۽ سوشلزم ڏانهن سفر کي سولو ڪرڻ جوسبب بنجندي. هو پاڪستان ۽ سنڌ ۾ مزدورن جي سياست جي طور طريقي، پاليسي ۽ هنن پاران ننڍين ننڍين ۽ خسيس مفادن لاءِ مطالبا ڪرڻ کي غلط سمجهندو هو سندس موقف هو تہ:

* لفظ ڳالهائين ٿا، مهاڳ: قاسم پٽر، سچائي اشاعت گهر دڙو 2004ع

پاڪستان ۾ خاص طور سنڌ ۾ مزدور سياست ۾ پيچ ڏاهه، مزدورن جي سياست ۾ مزدورن ۾ پيدا ٿيل ڪرپشن جو نتيجو آهي، جڏهن ٽريڊ يونين جا اڳواڻ، پنهنجن ادارن ۾ اهو مطالبو ڪن ته انهن ڪارخانن ۾ صرف سنڌن اولاد جو حق آهي. اُتي مزدورن ۾ نسل پرستيءَ وارا لاڙا جنم وٺن ٿا. اهي مزدور ٻين ماڻهن لاءِ ڪارخاني جا دروازا ڇو ٿا بند ڪن. انهن ڪي گهرجي ته اِهو آواز بلند ڪن ته بند پيل ڪارخانا کوليا وڃن.... نوان ڪارخانا لڳايا وڃن، نه ڪي پاڻ ڪي محدود ڪري، نسل پرستي وارو ڪردار ادا ڪن.[1]

ڪن دوستن جو خيال هو ته قاسم سوشلزم جو قائل نه هو. ان سلسلي ۾ قاسم جا هي لفظ سندس نظريي جي چٽائي ڪن ٿا.

..... اسان آزادي حاصل ڪري سنڌ ۾ سوشلزم نافذ ڪنداسون، اوهانکي انهيءَ لاءِ شعوري جدوجهد ڪرڻي آهي....[2]

قاسم پٽر ’سنڌي عوام تحريڪ‘ جي ڪيترن ئي ظاهري توڙي ڳجهن ادارن / سيلن جو ميمبر به رهيو. ۽ جڏهن ’سنڌي عوامي تحريڪ‘ جو ترجمان پرچو ماهوار ”تحريڪ“ جاري ٿيو ته قاسم پٽر ان جو ايڊيٽر مقرر ٿيو.

سنڌي عوامي تحريڪ جو بنياد ”فڪرِ مائوزيتنگ“ تي رکيل هو. جنهن چيني انقلاب ۾ هارين کي هر اول دستي جي حيثيت ڏني ۽ اشتراڪيت جي فلسفي کي هڪ نئين تجربي مان گذاري چيني انقلاب آندو. سنڌ ۾ به هارين جي گهڻائي آهي، جيڪا وڏيرن ۽ انهن جي لاٺيٽن جي ظلم ۽ جبر جو شڪار آهي. سنڌي عوامي تحريڪ جو موقف هو ته سنڌ ۾ مزدور طبقو (پرولتاريه)، سو به سنڌي نه هئڻ جي برابر آهي. تنهنڪري انقلاب ۾ هاري ئي هر اول دستي جو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. چيني انقلاب کانپوءِ سويت يونين ۽ چين جي ڪميونسٽ پارٽين ۾ بد قسمتيءَ سان اختلاف شروع ٿيا، جنهن ڪري سڄي دنيا جون کاٻي ڌر جون پارٽيون ۽ سوشلسٽ بلاڪ ٻن ڪئمپن ۾ ورهايل هو هڪڙا پرو روسي ۽ ٻيا پرو چيني، نعپ ۾ به مولانا ڀاشاني پرو چيني هو ته ولي خان پرو روسي.

ان وقت ’سنڌي عوامي تحريڪ‘ ۽ هاري ڪميٽيءَ جي پليٽ فارم تان ڪيترين ئي ننڍيون ۽ وڏيون جدوجهدون هلايون ويون، ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ڪئي ويئي، ۽ مقامي دلال وڏيرن ۽ نوڪر شاهي جي خلاف جيڪي سويون ماڻيون ويون، سنڌي ۾ ڪو ليڪ لکڻ چاهي ها ته شاندار ناول لکجي وڃن ها، جيئن روسي ۽ چيني انقلاب جي دوران لکيا ويا. جهڙوڪ: نئون ڳوٺ پراڻو ڳوٺ، چمڪندڙ تارو.

---

[1] ليڪچر: ڪي ماڻهو تاريخ ٺين ٿا. 2008ع

[2] ايضًا

چراغ جلتا رها، قافلہ شهيدون ڪا، دارو رسن ڪي آزمائش، مان، جب ڏرتي جاڳي، اور ٻان بهتا رها، پهاڙون ڪي بيٽي، نوجوانون ڪا گيت جهڙا شاهڪار ناول ۽ يقينن شير خان لنڊ، ابوبڪر لنڊ، سيد اڪبر، پرويز علي سوڍو، ساٿي جبل، ابو ملاح ۽ ٻيا انيڪ سنڌي عوامي تحريڪ جا ڪارڪن ۽ اڳواڻ، انهن ناولن جا ڪردار هجن ها.

قاسم پٽر 'سنڌي عوامي تحريڪ' جي پليٽ فارم تان هارين ۾ ڪم ڪرڻ لڳو ۽ پنهنجي سڄي سگهہ انهن کي منظم ڪرڻ ۽ منجهن قومي ۽ انقلابي سوچ ۽ شعور پيدا ڪرڻ ۾ گذارڻ لڳو. قاسم سڄي سنڌ ۾ اهو نعرو کڻي نڪتو ۽ جهر جهنگ جاڳيو هن ڪيترا ئي نوان ورڪر ۽ ساٿي پيدا ڪيا، جن نہ رڳو اڳتي هلي وڏو نالو ڪڍيو پر چوٽان چوٽ جدوجهدون ڪيون. انهن ۾ سيّد اڪبر، علي محمد 'پرويز'، شيرخان لنڊ، سائين محمد يوسف ڪيڙانو، مرحوم نجم ميمڻ، اعجاز خواجہ، اسماعيل سوهو، صوفي حضور بخش، يار محمد جلالاڻي، ٻچل ملاح، مگهن لال شرما، زنئوز نگيزو، غلام حسين شورو، منو چانگ، راهو چانگ، علي محمد سوڍو، رسول بخش ڏيٿو عرف ساٿي جبل، پنهون زنئور، حمزو ملاح، ڇتو زنئور، گلو زنگيزو، ڊاڪٽر قمر ۽ ٻيا ڪيترائي اهڙا نالا آهن، جن تي قاسم، پٽر جو سڌي يا اڻ سڌي طرح اثر رهيو ۽ انهن مان گهڻن سياسي حوالي سان قاسم پٽر کي سدائين پنهنجو سياسي اُستاد ڪري سمجهيو.

③

10 فيبروري 2008ع تي ميرپور بٺوري ۾ قاسم پٽر جي چاليهي واري تقريب ۾ قاسم جي ياد ۾ شايع ڪرايل ڪتاب "ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا" ۾ ڪتاب جي مرتب مختلف ماڻهن جا نالا کڻي لکيو آهي تہ، "لاڙ واري خطي ۾ فلاڻا فلاڻا ماڻهو پاڻ ملهائي قاسم وانگر مثال بنجي ويا." پر سچ اهو آهي تہ مرتب جي ڄاڻايل اڪثر نالن مان ڪي نالا وقت ۽ حالتن هٿان خاموش ٿي ويا، تہ ڪي وري مختلف وهڪرن ۾ لڙهي موقعي پرستي ۽ مصلحت پسندي جو شڪار ٿي، پنهنجي ڪردار کي داغدار ڪري ويا. پر قاسم سياسي حوالي سان نہ ٿڙيو نہ ٿابڙيو اُن ڪري اهي نالا قاسم پٽر جي اڳيان جيتامڙا ئي بنيل رهيا. هو ڀلي کڻي سماجي حيثيت ۾ قاسم کان مٿيرا هجن، پر قاسم جي جدوجهد جي اڳيان، همت ۽ ڪمٽمينٽ جي اڳيان، هنن جو قد ماپبو تہ ليندا ئي ڪونہ. ان حوالي سان قاسم پٽر بي شڪ وڏو ماڻهون هو.

1974ع ۾ قاسم پٽر جا سنڌي عوامي تحريڪ کان رستا ڌار ٿي ويا ۽ قاسم پٽر کي سنڌي عوامي تحريڪ مان ڪڍيو ويو. جڏهن قاسم کي سنڌي عوامي تحريڪ مان خارج ڪيو ويو تہ ڪجهہ دوستن

احتجاج طور سنڌي عوامي تحريڪ ڇڏي ڏني. 1978ع ۾ قاسم پنهنجو ڌار سياسي گروپ ”سنڌ نئشنل ڪانگريس“ جوڙيو ۽ وفات کان ڪجهه سال اڳ، ان گروپ کي ’جيئي سنڌ محاذ‘ ۾ ضم ڪري ڇڏيائين. مون هڪ ڀيري قاسم کان پڇيو ته، ”اوهان سنڌ نيشنل ڪانگريس کي باقاعده تنظيم ڪري چو نه هلايو“ ته جواب ۾ وراڻيائين، ”اسانجو مقصد ڪا نئين پارٽي ناهڻ نه پر فقط اهو هو ته ڇڙوڇڙ قومي ڪارڪنن کي هڪ هنڌ گڏ ڪجي... جيئن هو وکرڻ ۽ مايوس ٿيڻ کان بچن.“

سنڌ نيشنل ڪانگريس جي آرگنائيزنگ ڪميٽي ۾ ڇهه ڄڻا هئا ۽ آخر تائين اهي ئي ميمبر رهيا. انهن ۾ پهريون خود قاسم پٽر... ٻيو لکو مل، جيڪو پهرين سنڌ يونيورسٽي ۾ اُستاد هو ۽ يونيورسٽي جي اسڪالرشپ تي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري وٺڻ جي لاءِ انگلنڊ ويو ته وري نه موٽيو. انگلنڊ ۾ هو ورلڊ سنڌي ڪانگريس ۾ سرگرم رهيو ۽ ان جو سيڪريٽري به رهيو. ٽيون لال سنڌي، جيڪو پهرين انجنيئر هو. مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار به ٿيو. لال سنڌي، شاگردي واري زماني ۾ 1983ع جي ايم . آر. ڊي جي تحريڪ ۾ جيل به ويو. هينئر هو دبئي ۾ سيٽل آهي. ۽ هاڻ ’لال چند لوهاٽا‘ جي نالي اُتي پنهنجو وڏو ڪارو بار ڄمايو اٿس ۽ تمام وڏو ماڻهو ٿي ويو آهي. 18 فيبروري 2008ع وارين چونڊن ۾ ڪيس پ پ پ طرفان سنڌ اسيمبلي جي لاءِ اقليتن جي مخصوص سيٽن مان هڪ تي ٽڪيٽ ڏني ويئي ۽ هو سنڌ اسيمبلي جو ميمبر به رهيو. لکو مل ۽ لال ٻيئي قاسم کي ’ماما‘ چئي سڏيندا هئا ۽ قاسم به انهن جو ذڪر سدائين سٺن لفظن ۾ ڪندو هو. چوٿون ميمبر عمر خشڪ هو. جيڪو ڪراچي ۾ ڪي اي سي ۾ چيف انجنيئر هيو. عمر خشڪ، توڙهي ڦاٽڪ جي شهيد ”مالڪ خشڪ“ جو وڏو ڀاءُ آهي. عمر خشڪ سان هڪ ڀيرو 14 آگسٽ 2006ع تي ٺٽي ۾ قاسم پٽر جي هڪ دوست انجنيئر الهه اوبائي خشڪ وٽ ملاقات ٿي هئي. جڏهن آئون ۽ ڪجهه ٻيا دوست، قاسم پٽر سان گڏ ڪيس بيمار هئڻ سبب پڇڻ ويا هئاسين، قاسم ٻڌايو ته عمر خشڪ ڪنهن زماني ۾ ”سنڌي عوامي تحريڪ“ جي ’غدار مارڪميٽي“ جو اڳواڻ هو. سنگت کيس ”جنرل عمر“ سڏيندي هئي. قاسم پٽر جون جڏهن سنڌي عوامي تحريڪ کان راهون جدا ٿيون ته، عمر خشڪ تي اها ذميداري رکي ويئي ته هو موقعو ملندي ئي قاسم پٽر کي ”هلائي“ ڇڏي. پوءِ جڏهن هنن جون پاڻ ۾ ميل ملاقاتون ۽ ڪچهريون ٿيون ته عمر خشڪ قاسم جي ويجهن دوستن ۾ ڳڻجڻ لڳو ۽ عوامي تحريڪ کان به الڳ ٿي ويو. اُن ڪچهري ۾ اسين رڳو ”ڪَن“ هئاسين، قاسم پٽر ۽ عمر خشڪ وات. عمر خشڪ مونکي ڪافي پڙهيل ۽ سمجهدار لڳو هن سنڌ جي قومپرستن جي پاليسين تي چٽي تنقيد ڪندي 1983ع ۾ ايم . آر. ڊي جي تحريڪ هلندي جنرل ضياء الحق پاران، سائين جي ايم سيّد جي ملاقات لاءِ اچڻ ۽ سيّد پاران ساڻس ملڻ ۽ ڪيس

شريف النفس چوڻ ڪي بہ غلط چئي، سخت تنقيد پي ڪئي. عمر خشڪ جي اردو ڳالهائيندڙن جي باري ۾ راءِ هئي تہ: هو سڀ فاشسٽ خيالن وارا آهن, اڳ هو مولانا شاهہ احمد نوراني ۽ جماعت اسلامي جهڙين رجعت پسند تنظيمن سان سلهاڙيل هئا ۽ هاڻ وري ايم . ڪيو. ايم جهڙي فاشسٽ تنظيم جا حمايتي بنيل آهن. هُنن ڪڏهن بہ پاڻ ڪي هن ڌرتيءَ يا ڌرتي ڌڻين سان ناهي سلهاڙيو پر پاڻ انهن کي نيچ ۽ حقير سمجهندا رهيا آهن. البت عمر خشڪ, مرحوم ڊاڪٽر جي ايم مهڪري ۽ اردو دانشورن جي هڪ ننڍي حلقي کي عام اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ کان ڌار پي سمجهيو. جيتوڻيڪ ڪن ڳالهين ۾ آئون عمر خشڪ سان سهمت بہ هئس, پر اُتي اهو چوڻ تي مجبور ٿيس (۽ اج بہ ان راءِ تي قائم آهيان) تہ سنڌ جي قومپرستن ۽ قومپرست پاٽين کي اردو ڳالهائيندڙن جي اشوء کي وڏائڻ نہ گهرجي ۽ هر ممڪن طريقي سان اهو دباڻڻ, مصلحت ۽ دور انديشيءَ کان ڪم وٺڻ گهرجي.

عمر خشڪ پهريون شخص هو جنهن جي اڳيان قاسم بحث ۾ ڳالهائي نہ پي سگهيو. نہ تہ اسان جهڙن تي تہ قاسم جي اک ئي نہ ٻُڏندي هئي. واپس ورڻ مهل مون اها ڳالهہ قاسم پٽر کي شرارتي لهجي ۾ چئي, جيڪا هن کِلي ٽاري ڇڏي.

آرگنائيزنگ ڪميٽيءَ جو پنجون ميمبر صوفي حضور بخش هو. جيڪو قاسم پٽر سان گڏ 'جيئي سنڌ محاذ' ۾ شامل ٿيو. صوفي حضو بخش جا بہ ڪتاب "صوفي شاهہ عنايت شهيد" ۽ "قومي خود مختياري ۽ پليجو" ڇپيل آهن. ڇهين دوست جو نالو قاسم, محمد خان خاصخيلي ٻُڌايو. جيڪو گذاري ويل آهي. قاسم پٽر جي وري انهن دوستن سان اهڙي تہ دل هئي, جو جڏهن هن بنوري ۾ پنهنجي ماڙيءَ تي "ابن حيات پنهور" لئبرريءَ لاءِ ڪنهن دوست (شايد انجنيئر الهہ اوپائي خشڪ) جي مدد سان هڪ ڪمرو ٺهرايو تہ ان جي افتتاح واري پٽر تي مٿين سيني دوستن جا نالا بہ لکرايا. ان افتتاح واري پٽر تي هڪ نالو ريشمان ميمڻ جو بہ آهي, جيڪا قاسم پٽر جي ننڍي نياڻي آهي, قاسم پٽر کي بہ نياڻيون ٿيون, روشن ۽ ريشمان. ڪيس پُٽ جو اولاد نہ هو ۽ قاسم انهن نياڻين کي پٽن وانگر ئي پاليو ۽ سمجهيو.

③

قاسم پٽر سنڌ جي سياست ۾ قومپرست ڌرين کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ جي بہ ڪوشش ڪئي. پهرين پهرين سنڌ ۾ راجوڻي اتحاد قائم ڪرايائين. جنهن ۾ جيئي سنڌ محاذ (چيئرمن عبدالواحد آريسر) سنڌ ساگر پارٽي (عزيز الله ٻوهيو) جميعت العلماءِ سنڌ (حافظ محمد صديق ميمڻ) سنڌ دوست انقلابي تنظيم (ادريس چانڊيو) سنڌ انقلابي تحريڪ (حيدر جوڻو) ۽ سنڌ نيشنل

ڪانگريس (قاسم پٽر) شامل هئا. ان اتحاد پاران سنڌ جي مختلف ڀڱن ۾ ننڍيون وڏيون ڪارنر گڏجاڻيون ڪري ماڻهن ۾ قومي شعور پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي.

1988ع ۾ سن ۾ سائين جي ايم سيد جي رهبريءَ ۾ ٺهندڙ ”سنڌ قومي اتحاد“ ٺهرائڻ ۾ به قاسم پٽر سرگرميءَ سان حصو ورتو. سنڌ قومي اتحاد جو پهريو اجلاس ”پيٽو جتوئي“ ۾ ٿيو جنهن ۾ اتحاد جا عهديدار چونڊيا ويا ته قاسم پٽر کي اتحاد جو خزانچي ۽ رئيس عبدالحميد جتوئي کي چيئرمن چونڊيو ويو.

قاسم پٽر گهڻو عرصو هاري محاذ تي ڪم ڪيو ۽ سنڌ هاري ڪميٽي جي آرگنائيزنگ ڪاميٽي جو 1981ع ۾ سيڪريٽري به رهيو ۽ ان محاذ تان ’سنڌ هاري پبليڪيشن‘ جي سري هيٺ ڪجهه ڪتابڙا به ڇپراياائين. انهن مان هڪ ڪامريڊ روچي رام جو لکيل ”سنڌ ٽيننسي ايڪٽ 1950ع“ به آهي. ان جي ڇپائي جو مقصد بيان ڪندي پنهنجي پاران ۾ ”پٽر سنڌي“ لکي ٿو:

”...... موجوده وقت سنڌ ۾ هارين سان غير قانوني ڪاروايون، وڏيرن جي ڌڙڪن ته هاڻ اڳيون دور نه آهي، اسان ٻج نه ڏينداسون، بي دخل ٽيڙون پوندوَ وغيرهه. سنڌ هاري ڪاميٽي لاءِ نئون مسئلو پيدا ڪيو تنهنڪري لاچار ٿي 1950ع ۾ پاس ٿيل ٽيننسي ائڪٽ ۽ 1972ع ۾ مارشلا ريگيوليشن نمبر 115 پئراگراف نمبر 25 سنڌي ۾ ڇپائڻ جو فيصلو ڪيوسين...“

قاسم پٽر جيئن ته بنيادي طور هاري ورڪر هو تنهنڪري وٽس هارين جي حقن جي وڏي اهميت رهي ۽ ڪيس جڏهن به ۽ جت به موقعو مليو اُت هارين جو ڪيس رکڻ کان نه ڪيٻاياائين. سنڌ راڄوٽي اتحاد جي پنجين گڏجاڻيءَ ۾ پنهنجي تقرير ۾ پڻ قومپرست ڌرين جو ڌيان هارين جي حقن ڏانهن ڏياريندي، هن ريت خيالن جو اظهار ڪيائين.

”..... مونکي 1954ع کان وٺي سنڌ جي هن ڌرتيءَ تي مختلف تنظيمن سان ڪم ڪرڻ جو واسطو پيو آهي، پر منهنجو بنيادي لاڙو ۽ واسطو هاري طبقي سان رهيو آهي، ان ڪري ڪم جا گهڻا موقعا هارين ۾ ئي مليا آهن.... هارين جي حوالي سان آئون قومپرستن کي هڪڙو عرض ڪندس ته سنڌ جي هاريءَ سان موجوده هلندڙ جيڪي قانون آهن، ان موجب برتاءُ ڪيون ۽ انهن سان زيادتي ڇڏيون، ان سان ظلم نه ڪريون، ڇو ته هو به ويڙهه ۾ اسانجو ساٿاري آهي.“

قاسم پٽر مختلف وقتن تي سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ مختلف هاري گروپن کي به هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، قاسم جو خيال هوندو هو ته: هارين جا مسئلا ساڳيا ئي آهن ۽ سيني هاري پارٽين کي گڏجي هڪ سگهاري هاري ڪاميٽي ناهڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ 1980ع ۾ مختلف هاري

ڪميٽين ۾ ورڪرن جو اجلاس ڪوٺايو ويو ۽ هاري ڪميٽيءَ جي مرڪزي تنظيم سازي ڪئي ويئي، پر اهو گڏيل پليٽ فارم هلي نہ سگهيو ۽ جلدئي اهو اتحاد ٽٽي ويو. سبب هاري ڪاميٽي جي عهديدارن جي واڳ ڪجھ ٻين ماڻهن جي هٿن ۾ هئڻ ٿي چئي سگهجي ٿو.

قاسم پٽر جي ادبي ڪردار جي ڀيٽ ۾، سياسي ڪردار وڌيڪ اُپريل آهي. ان جو سبب اهو آهي تہ ادب جي ڀيٽ ۾ سياست قاسم پٽر جي لاءِ ڪُل وقتي ڪم هو. پر اُن هوندي بہ قاسم جي ادبي ڪم ۽ ڪردار کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي.

ابن حيات پنهور سان ملاقات ۽ متاثر ٿيڻ وارن ڏينهن ۾ قاسم ۽ ڪجھ ٻين دوستن گڏجي ميرپور ٺوري ۾ ”سنڌي ادبي سنگت“ قائم ڪئي. ٻين دوستن ۾ قاسم جو ويجهو دوست ۽ هندستان مان لڏي ايندڙ اردو ڳالهائيندڙ سيّد قمرالحسن، عبدالرحمن ڪانيارو ۽ عبدالله رنگريز جا نالا اهم آهن. عبدالله رنگريز ميرپور ٺوري ۾ اخباري هاڪر ۽ مختلف اخبارن جو نمائندو بہ رهيو. هن پنهنجي زندگي جي آخري ڏينهن ۾ پنهنجي مختصر ’آتم ڪهاڻي‘ بہ لکي، جيڪا منهنجي ادارت ۾ نڪرندڙ ’سنجها‘ مخزن جي ٽي پرچي ۾ ڇپي. پوءِ جڏهن 17 آڪٽومبر 1956ع تي، سنڌ مدرسي ڪراچي ۾، سڄي سنڌ جي ادبي سنگتن کي گڏي ’مرڪزي سنگت‘ ٺاهي وئي تہ مٿيان چارئي ڄڻا ’سنڌي ادبي سنگت، ميرپور ٺوري‘ جي نمائندن جي حيثيت سان ان گڏيل ’سنگت‘ ٺاهڻ واري اجلاس ۾ پڻ شريڪ ٿيا، جنهن جو ذڪر عبدالله رنگريز پنهنجي يادگيرين ۾ هنن لفظن ۾ ڪيو آهي:

”هندستان جي ورهاڱي ڪانپوءِ حيدرآباد دڪن مان لڏي ايندڙن مان هڪ شخص سيّد قمرالحسن، ميرپور ٺوري جي سرڪاري اسپتال ۾ ڪمپائونڊر ٿي آيو. هن کي سنڌي لکڻ ۽ سکڻ جو شوق هو. هن جي دوستي پهرين صديق ميمڻ ترائي واري سان ٿي، جيڪو بدقسمتيءَ سان اڻ پڙهيل هو. پوءِ وري ڪانوڙ مان آيل محمد قاسم ميمڻ سان ٿي، جيڪو درزڪو ڪم ڪندو هو ۽ سنڌي جا ٻہ ٽي درجا پڙهيل هو پوءِ قاسم جي معرفت سنڌين سان تعلقات ٺاهي سنڌي سکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ لڳو. انهيءَ غير سنڌيءَ جي ڪوشش سان ميرپور ٺوري ۾ سنڌي ادبي سنگت 1952ع ۾ قائم ٿي، جنهن ۾ سيّد قمرالحسن، محمد قاسم ميمڻ، عبدالرحمن ڪانيارو، محمد اسحاق ميمڻ ۽ آئون هئاسين. جيئن تہ ان وقت سڄي سنڌ ۾، ادبي سنگت جا عليحده عليحده يونٽ ڪم ڪري رهيا هئا، تنهنڪري وڏن اديبن کي خيال آيو تہ ڇڙو ڇڙ ادبي سنگتن کي گڏي هڪ مرڪزي ’سنڌي ادبي سنگت‘ جو بنياد رکجي. ڇڙو ڇڙ يونٽن کي مرڪز جون برانچون بنائي منظم نموني ڪم هلائجي. ان لاءِ ڪراچي جي اياز قادريءَ، سنڌ سان چاهت رکندڙ هڪ هندو (جنهن جو نالو دل تان لهي ويو آهي) جي ڪوشش سان سڄي سنڌ جي ادبي سنگتن کي پنهنجا چار چار نمائندا مرڪزي سنگت

ٿاهڻ لاءِ موڪلڻ جو سڏ ڏنو. اهڙو تہ روزه سڏ ”سنڌ مدرسہ“ ڪراچي ۾ گڏجاڻيون ڪرڻ لاءِ جاري ٿيو. ٺٽي ضلعي ۾ صرف ميرپور بٺوري ۾ سنڌي ادبي سنگت[1] جو قيام عمل ۾ آيو. ان ڪري ٺٽي ضلعي مان صرف ميرپور بٺوري جي سنگت ئي پنهنجا چار نمائندا باقاعده سنگت جي گڏجاڻي ڪري، منتخب ڪري موڪليا. جن ۾ مون ڪانسواءِ عبدالرحمن ڪاٺيارو، قاسم ميمڻ (جنهن بعد ۾ پنهنجو تخلص پٿر رکيو) ۽ سيّد قمرالحسن شامل هئاسون....“

سنڌي ادبي سنگت جي اُن اجلاس جي ساروڻين جو ذڪر قاسم پٿر هن ريت ڪيو آهي:

”...... 56-1955ع جي زماني ۾ جڏهن سنڌي ادبي سنگت سرگرم ٿي پئي، تڏهن اسانکي اخبار رستي ڪوٺ ملي هئي تہ ڪراچي جي سنڌ مدرسي ۾ گڏ ٿيون. ان وقت سرگرم چهرا موتيرام راموڻي، نورالدين سرڪي، حفيظ شيخ، اياز قادري، احسان بدوي نظر آيا هئا. ان اجلاس بعد چونڊون ٿيون ان بعد اديب دوستن سان ملندا رهندا هئاسون. واقفيت وڌڻ ڪري، حيدراباد اچڻ ٿيندو هو. ادبي بورڊ (تلڪ چاڙهي تي) ابن حيات پنهور ۽ شمشير الحيدري (جيڪو ان زماني ۾ شايد ڪلارڪ هو) سان چانهہ جو ڪوپ پيئندا هئاسون ۽ ڪچهريون ٿينديون هيون. اهڙي طرح اسانجي پرورش ٿيندي رهي، اسان ان ادبي پليٽ فارم تان شعور پرائيندي سڪندي ۽ وڌندي، سنڌ جي سياست ڏانهن وياسين. اُن شعور جي ڪري اسان گهٽ سنڌ جي پيڙيل مظلوم طبقي، هاريءَ جي مصيبتن جو اندازو لڳائي، هاري سياست سکي، اقتصاديات کي سمجهيوسون. سڄي برِصغير ۾ جيڪي تحريڪون هليون پئي، انهن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي، اهڙي نموني ادبي پليٽ فارم تان محسوس ٿيو تہ سنڌ جا سياسي ڪارڪن جُڙي نهي، پنهنجي وطن جي خدمت ڪري سگهن ٿا....“

قاسم پٿر جو سنڌي ادبي سنگت سان اهو رشتو ۽ لاڳاپو ڪڏهن بہ نہ ٽٽو... پاڻ س . ا . س ميرپور بٺوري (شاخ) سان وابستہ رهڻ سان گڏ وقت ضرورت سنڌ سنگت ۾ بہ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو رهيو. 1988ع ۾ جڏهن محترم تاج جويو سنگت جو سيڪريٽري جنرل هو ۽ مٿس سنگت کي ’جيئي سنڌ محاذ‘ جو ذيلي فرنٽ ڪري هلائڻ سبب، آڱريون کڻڻ لڳيون ۽ محترم رسول بخش پليجي تہ مختلف جلسن ۾ تقريرن ۾ اهو چوڻ شروع ڪيو تہ ”سنڌي ادبي سنگت يرغمال ٿي ويئي آهي، تنهن کي آزاد ٿيڻ گهرجي.“ تہ اهو خدشو پيدا ٿيڻ شروع ٿيو تہ متان سنڌي ادبي سنگت گروپن ۾ نہ ورهائجي وڃي.... اها ڳالهہ نظر ۾ رکندي، تاج جويي جي دوستن، وقتي طور تي تاج جويي کي پنٽي هٽائڻ ۽ ڪنهن

(1) ليڪڪ کان هت سهوً ٿي آهي، سنگت جي برانچ جهمپير ۾ بہ هئي، جنهن جا چار نمائندا بہ ان اجلاس ۾ شريڪ ٿيا هئا. جن جو مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي.

مناسب، غير تڪراري ۽ وچٽري ماڻهوءَ ڪي اڳيان آڻڻ جو فيصلو ڪيو ته قاسم پٽر جي تجويز تي محترم غلام حسين رنگريز کي اڳتي آڻي، ڪيس اها ذميداري ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ۽ محترم غلام حسين رنگريز کي اهو عهدو قبولڻ تي راضي ڪرڻ جي لاءِ به قاسم پٽر ئي گهڻي ڪوشش ورتي. جنهن ڳالهه جو ذڪر ڪندي غلام حسين رنگريز لکي ٿو:

”..... پٽر جي ئي خواهش ۽ ڪوششن سان عبدالواحد آريسر، محمد هاشم ڪوسي، خالق جوڻيجي ۽ تاج جويي، سنڌي ادبي سنگت کي بحراني صورتحال مان ڪڍڻ واسطي، مونکي موزون ماڻهو سمجهي، مون تي پاڻ خود، سيّد اڪبر ۽ مٿين ٻين دوستن زور ڀريو ته آئون سيڪريٽري جنرل ٿي سنگت کي سنڀاليان.....“

قاسم پٽر سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي باني ميمبرن مان هو ۽ آئون جڏهن سنگت جو سيڪريٽري جنرل چونڊيس ته مون سندس مٿين ڪردار ۽ حيثيت کي نظر ۾ رکندي ’سنگت مرڪز‘ پاران، ڪيس مڃتا ڏيڻ واسطي ”سنڌ سنگت قاسم پٽر ڪاهوڙي ايوارڊ“ جاري ڪيو. جيڪو هيئي سال سنگت جي بهترين ڪاهوڙي ورڪر کي ڏنو ويو.

③

جيئن مٿي ذڪر ڪيو اٿم ته قاسم پٽر ’سنڌي عوامي تحريڪ‘ جي ترجمان پرچي ’تحريڪ‘ جو ايڊيٽر به رهيو. قاسم چواڻي ته هو فقط نالي ۾ ايڊيٽر هو. باقي سڄي پرچي جو مواد، وغيره جي سيٽنگ ٻيا ڪندا هئا ۽ ايڊيٽوريل محترم رسول بخش پليجو لکندو هو. ان پرچي ۾ مختلف وقتن تي قاسم جون ڪيتريون ئي ننڍيون ڪهاڻيون ڇپيون.

پٽر جي ڪريڊٽ تي ”ساٿيهه“ ڪتابي سلسلو پڻ آهي. جنهن جو ايڊيٽر / مرتب پڻ پاڻ ئي هو.

مون وٽ ان ڪتابي سلسلي جو ٻيو پرچو محفوظ آهي، جنهن جو ٽائيٽل ساڌو ۽ ان جي هيٺان ڀٽائي سائين جي هيٺينءَ بيت جي صورت ۾ پنهنجي پڙهندڙن کي پيغام ڏنل آهي.

سُکن واري سڌ، متان ڪا مونسين ڪري،
اندر جنين اڌ، ڏونگر سي ڏوريندين.

ڪتابي سلسلي جي ان ٻي پرچي جا ڊيمي سائيز ۾ ڪُل 56 صفحا آهن، ۽ صفحي نمبر 37هين کان ’جيولس فيوچڪ‘ جي جيل ڊائري ”سوريءَ جنين سيج“ جي نالي سان ترجمو ڪري ڏني ويئي آهي، جنهن جو مترجم ’نور خان بلوچ‘ ڄاڻايل آهي. قاسم پٽر جي وفات ڪانپوءِ اخبارن ۾ ڇپيل سندس پروفائيل ۾ اهو ڪتاب ’قاسم پٽر‘ جو ترجمو ڪيل ڄاڻايو ويو هو... جيولس فيوچڪ جو اهو ڪتاب

پوءِ ”قاسيءَ جي ڇانوَ ۾“ جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ ڇپيو ۽ ڪتاب ۾ ڪٿي بہ مترجم جو نالو ڄاڻايل نہ آهي. مون ڪڏهن بہ قاسم جي واتان ان ڪتاب جي ترجمي جو ذڪر نہ ٻُڌو. مون جڏهن قاسم  پٽر جي هڪ قريبي دوست ”مگهن لال شرما“ کان اُن جي تصديق ڪرڻ چاهي تہ هن وراڻيو تہ ”اهو ڪتاب قاسم پٽر جو ترجمو ڪيل نہ آهي، نور خان بلوچ ڪو ٻيو همراهہ آهي.“ ان ڪتاب جي ترجمي جي باري ۾ وڌيڪ ڪا معلومات ملي نہ سگهي تہ اهو ڪتاب ڪنهن جو ترجمو ڪيل آهي، وڌيڪ ان سلسلي ۾ قاسم پٽر جو ڪو ٻيو ويجهو دوست ئي ترديد ۽ تصديق ڪري سگهي ٿو.

’ساڻيهہ‘ جي ٻي پرچي ’ماءُ‘ ۾ ڪهاڻيون، شعر ۽ مضمون بہ ڏنا ويا آهن جيڪي ڪافي معياري آهن.

ساڻيهہ جي ان پرچي جي اداريي ”هڪ قدم اڳتي“ ۾ پرچي بابت لکيو ويو آهي:

”.... ساڻيهہ جو ٻيو پرچو اوهانجي هٿن ۾ آهي. ساڻيهہ جي پهرينءَ پرچي جي توقع کان وڌيڪ ڪپت ۽ گهر ڪري، اسانکي ڪامل يقين ۽ اعتماد ٿيو آهي تہ اسين جو مواد ساڻيهہ ۾، سنڌي عوام آڏو پيش ڪرڻ گهرون ٿا، سو دلين جي گهراين سان قبول ڪيو ويو آهي، انهيءَ مان اسانجي قياس جي تصديق ٿئي ٿي تہ ساڻيهہ ۾ پيش ٿيندڙ مواد اڄ سنڌ جي اهم تقاضا ۽ ضرورت آهي...“

ورهاڱي کانپوءِ، سنڌي ٻولي، سنڌي ادب ۽ سنڌ جي محب وطن ليکڪن ۽ قلم ڪارن جي خلاف رجعت پسند حلقن جي هلائن ۽ باهوڙ جي جواب ۾، سنڌ جي روشن خيال ۽ محبِ وطن اديبن نہ رڳو سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان اُن جي بچاءُ ۾ ڀرپور مهم هلائي، پر پنهنجي لکڻين، توڙي عمل ۾ انهن جي اصليت ۽ پراڻ پسندي، اسلام دوستي ۽ وطن دوستيءَ کي وائکو ڪرڻ شروع ڪيو. ان دور جو ذڪر ڪندي، محترم شمشير الحيدري پنهنجي هڪ مضمون ”سنگت: هڪ تحريڪ“ ۾ لکي ٿو:

”.... ادبي ميدان ۾ ان وقت سڄيءَ سنڌ جي شاعرن جي جماعت ’جمعيت الشعراءَ سنڌ‘ ڪم ڪري رهي هئي، ٻيو ڪو پليٽ فارم نہ هجڻ ڪري تنوير عباسي ۽ نياز همايوني جهڙا شاعر بہ اُن ۾ شامل هئا. سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو پهريون سيڪريٽري جنرل اياز قادري بہ هن جمعيت جو اهم ميمبر هو ۽ ان جي ساليانين ڪانفرنسن جو اسٽيج سنڀاليندو هو.

جمعيت جا شاعر، فارسي رنگ تي غزل جي شاعري ڪندا هئا.  عربي بحرون ۾ وزن بنا، ڪافيءَ گيت وغيرهہ کي شاعري مڃڻ کان انڪار ڪري رهيا هئا، ۽ اهڙن شاعرن کي هو سگهڙ ڪوٺيندا هئا. هو فارسي ترڪيبون استعارا ۽ تشبيهون تہ استعمال ڪندا هئا، پر ٻولي ۾ بہ فارسي ۽ عربيءَ جا ڏکيا

لفظ استعمال ڪندا هئا ۽ انهيءَ عمل کي قابليت جو معيار سمجهندا هئا. ذاتي مشاهدي ۾ پنهنجي اصلي احساسن ۽ جذبن بدران هو فارسي محاورا استعمال ڪندا هئا، وٽن مارئي، سسئي يا نوري جي ڪردار جو ڪوبہ واهپو نہ هو.

..... جمعيت جي اهڙي شاعريءَ، سنڌ ۾ اهڙو ماحول پيدا ڪري ڇڏيو جو نہ رڳو نوان پيدا ٿيندڙ شاعر، بلڪ عام پڙهندڙ بہ لطيف ۽ سچل واري ڪلاسيڪي شاعريءَ کان پري ٿيندا ويا.... ٻئي طرف اهي اديب ۽ شاعر هئا، جن ڪلاسيڪي شاعري جي مطالعي سان گڏ، عالمي ادب کي بہ پڙهيو هو. پر پنهنجي اظهار لاءِ وٽن ڪوبہ وسيلو ۽ پليٽ فارم نہ هو.... سنڌي ادبي بورڊ جي 'مهراڻ' رسالي شايع ٿيڻ سان انهن کي اظهار جو وسيلو مليو ۽ سنگت جي قائم ٿيڻ سان پليٽ فارم. ان طرح سنڌ ادب فڪري طرح منظم ٿيو ۽ ان ۾ اجتماعي مقصديت پيدا ٿي. پوءِ جديد ۽ قديم جي جيڪا تاريخي جنگ لڳي، تنهن ۾ هڪ پاسي کان ڪافر، ملحد، ڪميونسٽ، پارت جا ايجنٽ، پاڪستان جا مخالف وغيرهہ جهڙن فتوائن لڳايون ويون تہ ٻئي پاسي کان تخليقي زور ڏيکاريو ويو. سنگت جي ساري ٿي ۽ وڏي جاکوڙ سان ٻوليءَ، شعر ۽ ادب جو ناتو وري شاهہ ۽ سچل جي ڪلاسيڪي ورثي سان جوڙيو ويو. ان دوران سرڪاري خوشامندي ڪندڙ اخبارون، سرڪاري ايجنسين، ظاهر دار مُلن ڇاڇا نہ ڪيو هوندو، سو هڪ داستان آهي، پر اهو شايد دنيا ۾ هڪ وڏو مثال آهي تہ ٿورن سالن جي مقابلي سان ادب جي ميدان ۾ قديم تي جديد کي فتح حاصل ٿي...."

ان قديم ۽ جديد جي جنگ ۾ رجعتي حلقن پاران مرحوم رشيد احمد لاشاري اردو ۾ "ادب ڪي آڙ ۾" جي نالي سان هڪ ڪتاب لکي ترقي پسند ۽ قومپرست سنڌي اديبن ۽ دانشورن کي ڪافر، مرتد، پاڪستان دشمن، اسلام دشمن، فاحش ۽ ڪميونسٽ ڪري پيش ڪيو. جنهن جي جواب ۾ سنڌ جي هاڪاري عالم ۽ اديب مولانا غلام محمد گراميءَ اردو ۾ هڪ ڪتاب لکيو. جنهن جو ذڪر ڪندي محترم رشيد ڀٽي شيخ اياز جي ڪتاب "خط، تقريرون ۽ انٽرويو" (ڀاڱو پهريون) جي مهاڳ ۾ لکي ٿو:

".... ان جي جواب ۾، اردو پڙهندڙن عوام ۽ پريس کي، رجعت پرستن جي سازشن ۽ سامراجي منصوبن کان واقف ڪرڻ لاءِ، گرامي صاحب هڪ نهايت مدلل، مدبرانہ ۽ عاقلانہ ڪتاب اردو ۾ مڪمل بحث ۽ حوالن سان لکي پيش ڪيو جيئن تہ گرامي صاحب، نيم سرڪاري اداري "سنڌي ادبي بورڊ" ۾ ملازم هيو ان ڪري، هن اهو ڪتاب "ادب ڪي نام پر"، جو سياسي سماجي، اقتصادي ۽ ثقافتي تضادن سان پُر هيو پنهنجي هڪ هم سفر 'محمد قاسم پٽر سنڌي' جي نالي ۾ ڇپرايو. هن ڪتاب ۾ نہ رڳو ان ادبي ڇڪتاڻ کي ۽ اُن جي ڪارڻن کي واضع ۽ چٽو ڪيو ويو هو.

پر انهن، لئي مان لڳڻ پچي رئيس سڏائيندڙ جهڙن نقادن جي ذاتي حياتي، ڪردار علم ۽ ڄاڻ کي
بہ پڌرو ڪيو ويو هو.“ (ص: 84)

رشيد ڀٽي جي مٿين مثال مان اهو انداوز لڳائي سگهجي ٿو تہ قاسم پٿر ان قديم ۽ جديد جي جنگ
۾ جديد ادب جي حامين ۽ پرچارڪن جي سٽ جو مهڙ وارو سپاهي هو.

③

قاسم پٿر جي مختصر ڪهاڻين ۽ ننڍڙن تاثرن جو مجموعو ”رت ۽ غلامي“ 1983ع ۾، سنڌ نيشنل پبليڪيشن ميرپور بٺورو پاران ڇپيو. ڪتاب ۾ مهاڳ ڪانسواءِ ڪُل 19 اسم شامل آهن، جنهن ۾ ٽي تاثر، هڪ ڊرامون ۽ باقي ننڍيون ڪهاڻيون شامل آهن. ڪتاب ڪرائون سائيز جي 112 صفحن تي مشتمل آهي، ڪتاب گهڻن دوستن تائين پهچي نہ سگهيو، جو 1983ع ۾ جڏهن قاسم خير پور جيل ۾ هو تہ ايف . اي. يو وارن مير پور بٺوري ۾ قاسم پٿر جي گهر تي ڇاپو هنيو ۽ ڪتاب جون 500 ڪاپيون کڻي ويا، جيڪي پوءِ ڪڏهن بہ واپس نہ ٿيون.

ٽن تاثرن مان هڪ تاثر ”ڪو ڳُڻ ٻاروچي جو“ قاسم پٿر پنهنجي پياري دوست ۽ ساٿي مرحوم نجم الدين ميمڻ تي لکيو هو. مرحوم نجم ميمڻ بہ سياسي سفر ۾ قاسم جو ساٿي هو. هو بنيادي طرح وڏيراڻون ٻار هو پر پنهنجي طبقي کان بغاوت ڪري، عوامي سياست ۾ آيو ۽ قاسم پٿر سان ئي سياسي سفر ۾ ’سنڌي عوامي تحريڪ‘ مان نڪتو. پوءِ پي . اين . پي ۾ شامل ٿيو وٽس ڪيترائي سياسي اڳواڻ ۽ ورڪر ايندا هئا. هڪ ڀيري تہ مرحوم غوث بخش بزنجو بہ سندس دعوت تي دڙي آيو ۽ دڙي ۾، سندس پاران چانهہ جي دعوت ۾ شرڪت ڪيائين ۽ آيل ماڻهن کي مخاطب بہ ٿيو.

نجم ميمڻ، پوءِ دوستن جي صلاح سان 1979ع جي بلدياتي چونڊن ۾ حصو بہ ورتو ۽ ’ٽائون ڪميٽي دڙو‘ جو چيئرمن بہ چونڊيو. پرستت ئي هڪ روڊ ايڪسيڊنٽ ۾ فوت ٿي ويو. قاسم پٿر پنهنجي ان تاثر ۾ نجم ميمڻ جي سياسي سفر جو نقشو هنن لفظن ۾ چٽيو آهي.

”هُن سان منهنجي پهرين ملاقات حيدرآباد ۾ ڇوٽڪي گهٽي ۾ منهن وٽ ٿي، مونکي ٻانهن مان جلهي زوري چانهہ پيارياڻين. ڳوٺ جا ماڻهو هئاسين، انهيءَ ڪري هڪٻئي سان واقفيت هئي، هي ماستر طالب ميمڻ جو پُٽ هو... چانهہ پيئندي سياسي حال احوال پڇيائين، تنهن وقت ون يونٽ جو زمانو هو سنڌ جي ماڻهن جي ڪا بہ سياسي اهميت نہ هئي. هر ڪو پيو ڪين بزارين ۾ لتاڙيندو هو. نئون رت هو ڇپائين شهري ماحول ۾ تہ اسان جي ڪا بہ عزت نہ آهي. جيڪو تيڪو ٿو دٻائي... ڇا

ڪريون؟“

چيومانس تہ اها ڳالھہ رڳو مونکي ٻڌائڻ جي نہ آهي، پر سنڌ جي سيني ماڻهن کي چوڻ جي آهي... سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيائين... ڏک ڏوڙ آڏي مانجهي، بسن جي سواري هن جي زندگي جو معمول بنجي ويو. هي نعپ جو خزانچي ٿي. سنڌ هاري ڪميٽي جو ميمبر ٿيو. هاري جي جدوجهد ۾ جڏهن ڪانئس هارين اڏ بٽئي گهري تہ کِلي چيائين پهرين مون کان شروعات ڪريو... يارن چيس تہ انقلاب سيني جي عزت وڌائيندو آهي، ٻُک گهٽائيندو آهي.

ڪتاب جي آخر ۾ بہ ننڍا تاثر ’جيڪي ساٿي هليا ويا‘ جي عنوان سان ڏنل آهن. جيڪي سندس ٻن ويجهڙي ويل ساٿين ’مامون ملاح‘ ۽ ’فتح محمد پنهور‘ تي لکيل آهن. انهن ٻنهي تاثرن ۾ ٻنهہ مختصر لفظن ۾ قاسم هنن جي شخصيت جو چٽ چٽي ويو آهي، مامون ملاح تي لکيل تاثر ۾ سندس باري ۾ لکي ٿو:

”رهندڙ شادي واهہ چاڻو ڳوٺ ۾ چوڏهن سالن جي عمر ۾ چوري شروع ڪيائين. ڏاڍو نالو ڪڍيائين، وڏيرن جو ماڻهون، سنگتياڻي ڪيائين. جنهن تان تڪرار ٿيو، ڳوٺ جي ننڍي وڏيري پئسا خرچي مارون ڪڍايس، بيمار ٿيو وري نہ چڙهيو ڪنجهندي ڪنجهندي ساهہ ڏنائين آخري وقت ۾ چوندو هو تہ سَگهو ٿيان تہ وڏيري سان پلاند ڪندس....“

قاسم جي ڪهاڻين جا ڪردار بہ مڙس ماڻهو هئا تہ قاسم جي بهادر ۽ مڙس ماڻهن سان دل بہ هوندي هئي، هو عام زندگيءَ ۾ بہ دوستن يارن ۽ سياسي ورڪرن کي مڙس ماڻهو ٿيڻ ۽ سدائين ڇُر پُر ۾ رهڻ جي لاءِ همٿائيندو هو.

جئين مٿي ذڪر ڪيو اٿم تہ قاسم پٽر بنيادي طرح پورهيت ۽ هيٺينءَ طبقي سان واسطو رکندو هو تنهنڪري سندس ڪهاڻين ۾ پڻ پورهيت طبقي جي ماڻهن جي اهنجن ۽ ايذائن جي اُپٽار ٿيل آهي، جنهن جو ذڪر ڪندي ’رت ۽ غلام‘ جي مهاڳ ۾ محترم نورالدين سرڪي لکي ٿو:

”..... حقيقت ۾ پٽر جون همدرديون ۽ وفاداريون انهن سيني طبقن ۽ ماڻهن سان آهن، جيڪي پنهنجي مدد پاڻ ڪن ٿا ۽ پنهنجي حقن لاءِ وڙهن ٿا. هارين، مزدورن، شاگردن، ڪانسواءِ پٽر وچولي توڙي اُسرندڙ سرمائيدار طبقن جي حمايت پڻ ڪري ٿو جن جا قومي حق کسيا ويا آهن. پٽر پنهنجي ليکي هڪ عوامي ماڻهو آهي ۽ نظرياتي طور تي پڻ پورهيتن، ملڪي ماروئڙن ۽ سنڌ جي سانگيئڙن سان دليئون جانيئون ٻڌل آهي، عام ماڻهن سان ويجهو هئڻ سبب پٽر جي ٻولي بہ سولي ۽

عام طرح ڪتب ايندڙ آهي ۽ هو وري نهايت آسان لفظن ۾ پنهنجي اندر جو حال اوري ٿو ۽ ڪم جي ڳالهه ڪري ٿو..

.... فن جي لحاظ کان پٺر جون لکيون شاهڪار ڪونہ آهن. ۽ نہ وري پٺر کو آفاقي يا عظيم فنڪار جي دعويٰ ئي ڪري ٿو. ڇاڪاڻ تہ بنيادي طور تي پٺر هڪ عوامي اديب ۽ "ادب، ادب لاءِ" نہ پر "ادب زندگي" جي اصول جو حامي ۽ طرفدار آهي. تنهنڪري اسانکي سندس ادبي سادگيءَ ۾ ئي هن جي هڪ سچي ۽ سني اديب هجڻ جا اهڃاڻ ملن ٿا."

مٿئين ڳالهہ جي تسلسل ۾ جيڪڏهن پٺر جي افساني "بد معاش ڪير؟" جي شروعات پڙهنداسين تہ 'پٺر' جي دل جي ڳالهہ اسانجي سامهون چٽي ٿي بيهندي.

"افسانا ڪهڙا لکون! ماڻهن کي ڪهڙا سور ٻڌايون. پنهنجا ٻڌايون يا ٻين جا لکون. هلندي ڦرندي، سفر ڪندي، سڄو وطن سور آهي. ڪي ڪردار گهڻو متاثر ڪن ٿا. ڪي ٿورو. ڪن لاءِ لُڙڪ پيرجيو اچن. ڪن لاءِ ڪِريو پون... ڪن لاءِ نفرت ٿئي ٿي تہ ڪن لاءِ همدردي!"

پٺر جي ڪهاڻين جا 'عنوان' بہ دلچسپ. منفرد ۽ ڌيان ڇڪائيندڙ آهن. جهڙوڪ: جوءِ وٺ. بد معاش ڪير. خدا جو گهر. توبہ! هيڏو ڪوڙ ائين نہ ماريو يار. پڳ جي لڄ. مُڇون ڪهڙي ڪم جون. رت ۽ آزادي. ويچارا ماڻهو.

"رت ۽ غلامي" جي انتساب ۾ بہ قاسم پٺر جي هڪ للڪار آهي.

انهن ساٿين جي نالي
جيڪي ميدان ڇڏي نہ ڀڳا آهن.

قاسم پٺر جي اها للڪار تہ هر حالت ۾ سياسي عمل ۾ رهو پڇاڙيءَ تائين رهي... قاسم پاڻ بہ آخر تائين سياسي عمل ۾ رهيو ۽ هن ان انتساب جي للڪار جي ذريعي پنهنجن ٿڪل ۽ ڀڳل ساٿين کي جنجهوڙي ٻيهر سياسي عمل جي ميدا ۾ آڻڻ پي چاهيو.

"رت ۽ غلامي" ڪتاب ۾ شامل ڪنهن بہ افساني جو عنوان اهو ڪونهي. البت 'رت ۽ غلامي' جي عنوان سان هڪ ننڍو افسانو ڪتاب ۾ شامل آهي. قاسم ڪتاب جو نالو بہ اهو ئي سوچيو هو پر ان وقت ملڪ تي 'مرد ملعون، مرد منافق جنرل ضياء الحق' جي ننگي مارشلا لاڳو هئي. جنهن سبب مٿئين عنوان سان. ڪابہ پريس اهو ڪتاب ڇپڻ جي لاءِ تيار نہ هئي. تنهنڪري مجبوريءَ جي حالت ۾ ڪتاب جو نالو "رت ۽ غلامي" رکيو ويو. انهن حالتن جو ذڪر ڪندي ڪتاب جي حال احوال ۾ پبلشر

طور ”لال سنڌي“ لکي ٿو:

”.... حالتون هي آهن، جو گهوڙ گهوڙا بہ ڪري نٿا سگهون، پڙهي نٿا سگهون، لکون تہ ڪافر، جي ڪوڙي مرڪ ٿا چپن تي آڻيون تہ چون ٿا مغز خراب ٿيو اٿوَ طارق اشرف جو ساهہ مُٺ ۾ آهي، سردار پريس وارا چون ٿا تہ ٻيلي اسانکي مڙيئي ڇڏيو... پر ملڪ جو صدر صاحب چوي ٿو تہ ادب تي ڪابہ پابندي نہ آهي...“

قاسم جون ڪجهہ ٻيون لکڻيون بہ آهن، جيڪي ’رت ۾ غلامي‘ ڪتاب ۾ شامل نہ آهن، جن لاءِ ڪتاب جي پبلشر لکيو آهي تہ، ”ليکڪ جون ڪجهہ ڪهاڻيون موجوده حالتن ۾ نہ ڏيئي سگهيا آهيون.“

قاسم جي مٿئين ڪتاب ۾ لکڻين ڪانسواءِ، سندس ڪجهہ ٻيون لکيتون بہ مونکي سُجهن ٿيون، جيڪي هن وقت بوقت لکيون ۽ جيڪڏهن ڪو دوست قاسم جي سيني لکڻين کي گڏي ڇپائي تہ انهن جو پڻ ان ڪتاب ۾ شامل ٿيڻ ضروري آهي.

انهن مان هڪ مضمون توڙهي ڦاٽڪ واري واقعي ۾ شهيد ٿيل شاگرد ’شهيد ذڪريا ميمڻ‘ تي لکيل تاثر ’جوابي ڪاروائي‘ جي نالي سان ’شهيد ذڪريا ميمڻ يادگار ڪميٽي دڙو‘ پاران، شهيد ذڪريا جي ياد ۾ ڇپايل ڪتاب ”شهيد ذڪريا ميمڻ“ (سال اشاعت 1987ع) ۾ شامل آهي. سندس ٻيو لکيل مضمون، بخاري اڪيڊمي حيدرآباد، پاران ڪامريڊ باقر سنائي جي ياد ۾ ڇپايل ڪتاب ”ٻري جن ٻاري“ (سال اشاعت جنوري 2003ع) ۾ ڪامريڊ باقر سنائي تي لکيل ”جوڳي نہ ڪنهن جا مٽ“ آهي، قاسم پٽر جو هڪ مضمون ”ماهوار جياپي“ جي ڊسمبر 1992ع جي پرچي ۾ ”پنهنجي چاڙهيو“ جي عنوان سان ڇپيل آهي، تنهن ڪانسواءِ نامياري ڪهاڻيڪار پرويز تي ماهوار ”ادب“ (نومبر 2004ع) حيدرآباد پاران ڪڍيل ڪارنر ۾ پڻ سندس پرويز تي لکيل هڪ ننڍو تاثر ”پرويز“ جي عنوان سان ڇپيل آهي. مٿين لکتن ڪانسواءِ اعجاز خواجي جي ڪتاب ”نيئر منهنجو نينهن“ ۽ سيّد اڪبر جي ڪتاب ”لفظ ڳالهائين ٿا“ جا پيش لفظ پڻ قاسم پٽر جا لکيل آهن.

مٿئين قلمي پورهئي ڪانسواءِ ’سنڌ نيشنل پبليڪيشن‘ ميرپور بٺورو پاران ڇپيل ڪجهہ ڪتابن جي ڇپائي جي پويان بہ قاسم جو هٿ آهي، انهن مان پهريون ڪتابڙو ”هيءَ بہ ماڻهو“ آهي. ہ ڪتاب صوفي حضور بخش جا لکيل ’شاهہ عنايت شهيد‘ ۽ ’قومي خودمختياري ۽ پليجو‘ آهن. چوٿون ڪتاب حيدر بخش جتوئي مرحوم جي چونڊ مضمونن جي سنڌي ترجمي تي ٻڌل ”سنڌڙي منهنجي ماءُ“ ۽

هاري ڪانفرنس جي موقعي تي هاري ڪميٽي جي جنرل سيڪريٽري صوفي حضور بخش جي پيش ڪيل ”هاري رپورٽ“ شامل آهن.

قاسم پٽر ڪراچي مان نڪرندڙ ماهوار رسالي ’جياپو‘ جي ڪجهه پرچن جو ايڊيٽر پڻ رهيو.

ﷲ

قاسم پٽر ڪي پنهنجي ماڻهن جي ڏکن، تڪليفن، اهنجن ۽ ايذائن جو چڱي پر شعور ۽ احساس هو. سياست هُن لاءِ ماڻهن ۽ قومن ڪي قومي ۽ سياسي حق وٺي ڏيڻ جو نالو هو. جيتوڻيڪ پاڻ گُل وقتي سياسي ڪارڪن ئي رهيو پر ڪيس جڏهن بہ موقعو مليو تہ هن سماجي ڪمن ۾ پڻ ڀرپور ورتو. ان سلسلي ۾ سندس سڀ کان اهم خدمت، ميرپور بٺوري ۾ ڊاڪٽر محمد صالح ميمڻ 'ال ابراهيم آءِ ڪلينڪ' ملير ڪراچي جي سهڪار سان 'سنڌ نيشنل فائونڊيشن' جي پليٽ فارم تان اکين جي مفت اسپتال کولڻ هو..

اها اسپتال قاسم پٽر جي ماڙي جي هيٺان سندس ئي ڏنل جاءِ ۾ کُلي ۽ ان ۾ ال ابراهيم وارن جو سڪيا ورتل ڊسپينسر رکيو ويو. جيڪو مريض کي ڏسي، ڪين دوائون ڏيندو هو ۽ جن کي آپريشن جي ضرورت هوندي هئي تہ انهن کي ڪراچي موڪليو ويندو هو. ائين ڪيترن ئي غريب، مسڪين ۽ بي پهچ ماڻهن جي اکين جي روشني موٽي آئي ۽ انهن جا مفت ۾ آپريشن ٿيا.

جڏهن ان اسپتال جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر محمد صالح ميمڻ ۽ حافظ محمد صديق ميمڻ ميرپور بٺوري آيا تہ قاسم مونکي بہ سڏايو هو. گڏجاڻي ٿي، پر اتي هڪ دوست جي رويي سبب ماحول اهڙو جُڙيو جو قاسم صفا مايوس ٿي ويو. گڏجاڻي ڪانپوءِ مون جڏهن ان دوست جي رويي بابت قاسم کان پڇيو تہ هن ائين چيو ڪيو تہ وراڻيائين، "اصل ۾ هن پهرين اسپتال لاءِ پنهنجي جاءِ ڏيڻ جو وعدو ڪيو هو. ڪيس آسرو هو تہ ال ابراهيم وارا ان جي مسواڙ ڏيندا، پر جڏهن ال ابراهيم وارن اها ڳالهہ چٽي ڪئي تہ هو مسواڙ نہ ڏيندا ۽ جاءِ جو بندوبست اوهان دوست ڪريو تہ همراهہ کي ڪو فائدو نظر نہ آيو ڏڏڙ ۾ پير هنيائين."

مقامي طور تي عدم سهڪار سبب ڪجهہ مهينا هلڻ ڪانپوءِ اها اسپتال پنهنجو ڪم جاري رکي نہ سگهي ۽ بند ڪئي ويئي. پر قاسم جي ان اهم خدمت کي ڪڏهن بہ وساري يا نظرانداز نٿو ڪري سگهجي.

꧁

قاسم پٽر جي دوستن يارن جو حلقو بہ تمام گهڻو وسيع هو جنهن ۾ هر طبقي ۽ مڪتبءِ فڪر جا ماڻهو اچي وڃن ٿا ۽ هو پنهنجن دوستن سان نباهي بہ ڄاڻندو هو. ڀاڻ لطيف جي بيت ”ڳنڍيين سارو ڏينهن، ڇنڻ مورنہ سڪيا“ جي مڪمل تفسير هو ڪيترا ڀيرا تہ ائين بہ ٿيندو هو تہ بحث ۽ مباحثي ۾ يا ڪنهن ڳالهہ تي هو دوستن سان ۽ دوست ساڻس ڪاوڙجي اُٿيا هوندا ۽ ايئن محسوس ڪبوهو تہ همراهہ صفا ڀاڻ ۾ وڙهي پيا... پر پوءِ ٿيندو ائين هو تہ اڪثر ڪري، قاسم ڀاڻ ئي سڀ ڪجهہ وساري انهن ڏانهن هليو ويندو هو ۽ سڀ روساما ۽ رنجشون ختم ٿي وينديون هيون.

هڪ ڀيري هيئن ٿيو تہ ميرپور بٺوري ۾ مرحوم شيرخان لُنڊ، قاسم پٽر سان ڪنهن ڳالهہ تي ڳالهائيندي صفا جذباتي ٿي ويو ۽ قاسم تي صفا اُلرجي آيو اهو واقعو هارون ڪاڙڪ جي ميڊيڪل اسٽور تي پيش آيو هيو ڪو هجي ها تہ وري ڊگهي عرصي تائين شيرخان لنڊ سان نہ ٺهي ها، پر قاسم اها ڳالهہ نہ رڳو درگذر ڪري ڇڏي، پر شيرخان لنڊ جڏهن ممتاز علي ڀُٽي جي ٽن مهينن جي نگران حڪومت ۾ صوبائي اسيمبلي جي اليڪشن ۾ بيٺو تہ ’قاسم پٽر‘ خاص ڪراچي مان ڪهي، سڄو مهينو ساڻس گڏ رهي ڏينهن رات ورڪ ڪيو انهن ڏينهن قاسم پٽر ”مخدوم بلاول سوسائٽي“ ڪراچي جو آفيس بيئرئير هو.

شيرخان لُنڊ بہ هاري تحريڪ جي پيداوار هو ۽ قاسم پٽر جي ئي محنتن جي نتيجي ۾، سياسي شعور حاصل ٿيس. ذاتي توڙي سياسي ٻنهي حوالن سان شير خان لُنڊ مڙس ماڻهو هو. سياست ’سنڌي عوامي تحريڪ‘ ڪان شروع ڪيائين، پوءِ ’سنڌي هاري ڪميٽي‘ جو صدر چونڊيو ويو. جيڪا ’سنڌي عوامي تحريڪ‘ جو ذيلي فرنٽ هئي. ڪيترين ئي هلچلن ۾ حصو ورتائين، جڏهن ’سنڌي عوامي تحريڪ‘ ۾ ٽوڙ ڦوڙ ٿي تہ، تحريڪ کي ڇڏيندڙن ۾ شير خان لنڊ بہ شامل هو. تنهن ڪانپوءِ ميرغوث بخش بزنجي مرحوم جي پاڪستان نيشنل پارٽي (پي . اين . پي) ۾ شامل ٿيو اڳتي هلي جڏهن ممتاز علي ڀٽي ’سنڌي، بلوچ ۽ پشتون فرنٽ‘ ٺاهيو تہ ان جو حصو ٿيو. اهو فرنٽ پوءِ ’سنڌ نيشنل فرنٽ‘ ۾ تبديل ٿيو. جڏهن ممتاز علي ڀٽو سنڌ جو نگران وڏو وزير ٿيو تہ سجاول، ميرپور بٺورو، تڪ تان فرنٽ ڪيس صوبائي اسيمبلي جي ٽڪيٽ ڏني، چونڊن ۾ وڏي وزير هوندي بہ ممتاز علي ڀٽي جي سنڌ نيشنل فرنٽ ڪا سني ڪارڪردگي نہ ڏيکاري، شير خان لنڊ بہ ٽن هزارن ڪان وڌيڪ ووٽ ڪڻي نہ سگهيو ۽ هارايائين.

هڪ ڀيري آئون ۽ منهنجو دوست پرويز سيڙجي خاص شير خان لُنڊ جي ڳوٺ وياسين، مانجهاندو

بہ وٽس ڪيوسين ۽ سُني ڪچهري بہ ٿي. پوءِ تہ شير خان لُنڊ سان ملڻ جلڻ ۽ سندس ڳوٺ وڃڻ پيو ٿيندو هو منهنجي خواهشن اها بہ آهي آئون شير خان لنڊ سميت ٻين بہ ڪيترن ئي ڪاهوڙي ڪردارن جهڙوڪ: سائين محمد يوسف ڪيڙاني، سيد اڪبر، رسول بخش ڏيٿي، علي محمد سوڍي ٻين جا بہ لائيف اسڪيچ لکان. البت منهنجي دوست ۽ مشهور ليکڪ محترم پرويز ڏاڏو سنو ڪم ڪيو آهي تہ هن پنهنجي آتم ڪهاڻي، "پيهي جان پاڻ ۾" تعلقي ميرپور بٺوري جي ڪيترن ئي اهڙن ڪردارن تي لکيو آهي، جن جو سنڌي عوامي تحريڪ ۽ هاري هلچل ۾ سرگرم ڪردار رهيو. انهن ۾ قاسم پٽر ۽ شير خان لند بہ شامل آهن.

شير خان لنڊ وقت بوقت مختلف تحريڪن ۾ 22 ڀيرا جيل ياترا ڪئي. جيڪو قربانيءَ جو وڏو رڪارڊ آهي. پاڻ جڏهن ممتاز علي ڀٽي سان گڏ بغاوت ڪيس ۾ حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ قيد هو تہ ڪجهہ منهنجي ۽ ڪجهہ ٻين دوستن جي زور ڀرڻ تي پنهنجي آتم ڪهاڻي "جيڪي سنو منهنجي جيءُ" جي نالي سان لکڻ شروع ڪيائين. جيڪا هو ٽيهن چاليهن صفحن کان وڌيڪ لکي نہ سگهيو. ان آتم ڪهاڻي جا شروعاتي ويهارو کن صفحا مون 1989ع ۾ 'سنڌ فورم' مخزن ۾ ڇپيا هئا. جنهن جو آئون فقط هڪ ئي پرچو شايع ڪري سگهيس.

سنڌي عوامي تحريڪ جي جدوجهد جو عڪس گل چانگ جي آتم ڪٿا "پنهنجي پچار" ۾ پسي سگهجي ٿو. جيڪو بدين جو رهاڪو هو. هن جيل ۾ پنهنجي آتم ڪهاڻي لکي، جنهن کي پوءِ سائين محمد ابراهيم جويي مختلف بابن ۾ ورهائي، عنوان ڏيئي، ٻولي درست ڪري مهاڳ لکيو ۽ اهو ڪتابي صورت ۾ ڇپيو. ڪتاب بنهہ سادي ۽ آسان ٻولي ۾ آهي، پڙهي ڪيترين ئي حقيقتون سامهون اچيو وڃن. جيڪڏهن اهو ڪتاب انگريزي ۾ ترجمو ٿئي تہ وڏي هاڪ ٿيس. گل چانگ سنڌي عوامي تحريڪ جو ئي ڪارڪن هو.

منهنجي خواهش اهي تہ سنڌ جا سياسي ڪارڪن، جن ساسي ميدان ۾ پاڻ ملهايو آهي، اهي بہ گل چانگ ۽ پرويز جيان آتم ڪهاڻيون لکن تہ سنڌ جي ماضي قريب جي تاريخ جا ڪيترائي واقعا قلمبند ٿي محفوظ ٿي وڃن.

شير خان لُنڊ جي قاسم سان جذباتي ٿيڻ جي مٿين ڳالهہ ائين ئي اچي ويئي، پوءِ ٻنهي دوستن اها ڳالهہ جڻ وساري ڇڏي.

③

ڪجهہ سال اڳ جڏهن منهنجي ڪتاب "پسي تنهنجي تجلي" جي مهورت جو پروگرام ٿيو تہ مون

ڪيس دعوتي ڪارڊ موڪلي ڏنو ۽ پروگرام واري ڏينهن صبح جو ڪيس فون ڪري يادگيري ڏياريم ۽ پڇيم، ”پروگرام ۾ ته اچبو نه؟“

ته پاڻ ٺهه پهه وراڻيائين”نه ڪو نه ايندس“

”ڇو ڀلا ڪو سبب ....؟“ پُڇيو مانس.

”پروگرام ۾ تو جيڪي دوست گهرايا آهن، اهي سڀ موقعي پرست ۽ مصلحت پسند آهن؟“ وراڻيائين.

”قاسم تون به عجيب ماڻهو آهين. تاج جويو سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري جنرل آهي، جنهن جو تون ماضيءَ ۾ وڏو سپورٽر رهيو آهين. محترم غلام حسين رنگريز ڪي سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري جنرل چونڊرائڻ ۾ تنهنجي رٿ شامل هئي... ڊاڪٽر رجب علي ميمڻ تنهنجو پراڻو دوست رهيو آهي....“ مون ساڻس بحث ڪندي چيو.

”پر اهي سڀ موقعي پرست آهن....“ منهنجي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي چيائين. مون ڪيس پروگرام ۾ اچڻ جي لاءِ ڏاڍو زور ڀريو ۽ نيٺ حجت ڀري ڪاوڙ ۾ چيومانس، ”قاسم جي تون نه ايندين ته دوستي ختم....“ پاڻ به ٺهه پهه وراڻيائين، ”ختم....“ مون هڪدم فون رکي ڇڏي ۽ قاسم جي اهڙي رويي تي سخت حيرت به ٿيم.

ائين پوءِ اسانجي وچ ۾ ست اٺ مهينا ڪوبه رابطو نه رهيو ۽ آئون ساڻس رُٺل رهيس. ڪجهه وقت کانپوءِ قاسم منهنجي دوست رشيد آزاد کي چيو ”يوسف ڪاوڙيل آهي... ڪو بلو ڪر ته پرچي وڃون!“ رشيد ڪيس مذاق ۾ چيو ”دعوت ڪر ته پوءِ اوهان ٻنهي کي پرچائي ڇڏيان.“

منهنجي ان ڪتاب جي مهورتي پروگرام کي ڪجهه يارن ناڪام بنائڻ جي ڪافي ڪوشش ڪئي، هنن اخبارن توڙي ٻين هنڌن وڏو گوڙ ڪيو. هنن مهمان دوستن تاج جويي، ڊاڪٽر رجب علي ميمڻ ۽ ٻين کي فونون ڪري پروگرام ۾ اچڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، انهن دوستن جي فونن کان ٻيا دوست ته متاثر نه ٿيا، پر ڊاڪٽر رجب علي نه آيو جنهن جو مونکي ڪافي ڏک ٿيو. ڇو ته مون پروگرام رکيو ئي ڊاڪٽر رجب علي ميمڻ کان ڪنفرم ڪرڻ کانپوءِ هو. ان ڪتاب جي ڇپائي ۾ به ڊاڪٽر صاحب جي مالي مدد شامل هئي، ۽ هن ڪتاب لکڻ دوران مونکي نه رڳو همٿايو پر مسودي کي نظر مان ڪڍيو ۽ ايڊٽ به ڪيو. منهنجي دل ۾ ڊاڪٽر صاحب لاءِ سدائين وڏو احترام پي رهيو آهي، پر ان پروگرام ۾ نه اچڻ سبب اسان جي وچ ۾ اها هم آهنگي، دوستي ۽ ويجهڙائپ جڻ ختم ٿي ويئي.

ان پروگرام ۾ هڪ دوست نما دشمن، منهنجي خلاف هڪ وڏو مقالو پڙهيو جنهن تي حيرت به ٿيم،

چو ته اهو دوست نما دشمن اسانجي ئي صفن ۾ موجود هو. پروگرام جي صدارت محترم تاج جويو ڪري رهيوهو. مون پنهنجي تقرير ۾ اُن دوست کي ڪوبہ جواب نہ ڏنو. جڏهن محترم غلام حسين رنگريز، آپا مريم مجيدي، ۽ محترم تاج جويي پنهنجي تقريرن ۾ ان دوست کي اهڙا ته مدلل جواب ڏنا، جو هو تقريب مان ئي کسڪي ويو.

ڪجهہ وقت ڪانپوءِ مونکي خبر پئي ته جن ٻن دوستن، هلڙبازي جي اڳواڻي ڪئي ۽ وڏيڪ سرگرم ڪردار ادا ڪيو انهن جي قاسم پٽر سان ڪنهن هنڌ ملاقات ٿي، ته قاسم ساڻن منهنجي پر پُٺ چڻ منهنجي پاران صفا وڙهي پيو.

ائين آئون ۽ قاسم رنل رهياسين، پوءِ وري آهستي آهستي هڪٻئي جي ويجهو ٿي وياسين. جنهن ۾ اسانجي گڏيل دوست رشيد آزاد جو بہ ڪردار آهي.

ڪجهہ سال اڳ جڏهن ميرپور بٺوري ۾ محترم غلام حسين رنگريز جي ڪتاب ”اکين اُڄ اُپار“ جي مهورتي تقريب ٿي ۽ آئون پروگرام ۾ ڪجهہ دير سان پهتس. ڏٺم ته قاسم پٽر اسٽيج جي بلڪل سامهون هيٺ، پهرينءَ قطار ۾ سائين محمد ابراهيم جويي سان گڏ وينو هو. اسٽيج تي لڳ ڀڳ اهي ئي مهمان ويٺل هئا، جيڪي منهنجي پروگرام ۾ هئا، مونکي شرارت سُجهي آئي، سو اڳتي وڌي وڃي پهرين جويي صاحب سان مليس ۽ پوءِ قاسم سان ملي سندس پر ۾ پيل خالي ڪرسيءَ تي ويهي رهيس ۽ قاسم کي ٺونٺ هڻندي چيم، ”قاسم! منهنجي خيال ۾ توکي هن پروگرام ۾ نہ اچڻ گهربو هو.“

”ڇو....؟“ قاسم مون ڏانهن ڏسندي پڇيو.

مون وراڻيس ”اسٽيج تي تہ اهي ئي دوست ويٺا آهن، جيڪي منهنجي ڪتاب جي مهورتي تقريب ۾ آيا هئا.“

منهنجي ڳالهہ سمجهي ويو ۽ کلندي چيائين، ”موقعو هٿان نہ وڃايئي... بس مصلحت سبب شريڪ ٿيڻو پيو...“

”تہ چئبو قاسم تون بہ مصلحتون ڪندو آهين.“ چيو مانس تہ جواب ڏيڻ بدران کلي پيو. ائين پوءِ ڪيترا ڀيرا اها ڳالهہ ورجائي کيس تنگ پيو ڪندو هوس.

③

ذاتي طور تي قاسم پٽر دلبر، بي باڪ، کليل دل ۽ دماغ وارو شخص هو جنهن سان نہ رڳو هر موضوع تي کُلي ڳالهائي سگهبو هو پر هو بہ پنهنجي خيالن ۽ راين جي اظهار ڪرڻ ۾ ڪا لڪَ ڇپ نہ ڪندو هو. طبعيت جي حوالي سان قاسم پٽر جي اندر ۾ ڪيئين حسناڪيون هيون، هو سُهڻن ڇهرن ۽ سونهن

جو وڏو پرستار هو. شايد اهي حُسناڪيون ئي هُيون، جن ڪيس هڪ حساس ليکڪ بنايو ته ڪاهوڙي قومي ۽ هاري ورڪر بہ. هن نٿي چاهيو تہ سنڌ جي سونهن ميري ٿئي ۽ غير فطري انداز ۾ مرجهائجي، هن چاهيو ٿي تہ غريب مسڪين ماڻهن جا چهرا سدائين ٻهڪندا رهن. قاسم جي ان حسن پرستيءَ تي آئون ڪيس تنگ بہ ڪندو هوس.

جڏهن اسان پنجن دوستن، اصغر گگو رشيد آزاد، ذوالفقار ڪانڌڙو، موتومل ڪنول ڪوهستاني ۽ منهنجي ڪهاڻي جو گڏيل مجموعو "حياتيءَ جي قاتل ورقن جون ڪتائون" ڇپيو تہ ڪيس اُن جي ڪاپي ڏياري موڪليم، قاسم سڄو ڪتاب پڙهيو ۽ پوءِ جڏهن رشيد آزاد ڪيس گڏيو تہ ڪيس چيائين، "يوسف وڏو اُستاد ماڻهو آهي، پاڻ شڪل ۾ تہ ٺڪو بہ نہ لهي، باقي اوهان سڀني کي ڪٽي پاڻ وٽائڻ ٿو چاهي."

هڪ ڏينهن مونکي مليو تہ چيائين تہ مونکي پنهنجي ان پنجڪڙي جي باقي ٽن دوستن سان تہ ملاءِ... مون ڪيس چيو تہ، "ذوالفقار ڪانڌڙي سان تون تعلقہ مختيارڪار آفيس ميرپور بٺوري ۾ وڃي ملي سگهين ٿو. باقي جڏهن موقعو مليو تہ ٻين دوستن سان بہ ملي وٺبو."

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ مونکي ذوالفقار ڪانڌڙو مليو ۽ ٻڌايائين تہ "ڪالهہ قاسم صاحب مون سان ملڻ آيو هو."

ڪتاب پڙهڻ ڪانپوءِ قاسم مونکي چيو تہ اوهان پنجن ئي ڪهاڻيڪارن مان ذوالفقار ڪانڌڙي جون ڪهاڻيون وڏيڪ سگهاريون آهن. خاص طور تي هن ذوالفقار جي ڪهاڻي، "ڪجهہ نہ هئڻ جو احساس" جي گهڻي واکاڻ ڪئي ۽ اصغر گگو جي ڪهاڻين بابت رايو هئس تہ، "اصغر تي رومانس، سيڪس ۽ عورت وڌيڪ حاوي آهي."

ڳالهين ۾ رشيد آزاد، قاسم وٽ اصغر جي گهڻي تعريف ڪندو هو. هڪ ڏينهن چيائين، "اوهانجي پنجڪڙي جي همراهہ اصغر سان تہ ملائي، رشيد وڏي واکاڻ ٿو ڪريس."

آئون وري شرارتي نوع ۾ چوندو هوسانس، "حاضر! پر پوءِ ڪهڙي خذمت ڪندين!؟"

"ماني گڏجي کائينداسين."

"بس! رڳو مانڙيءَ تي ٽارينديں". مون کلي وراڻيومانس.

"وڏو ڪو بدمعاش آهين... ٻيو وري ڇا... ڪهڙي خذمت ڪيانوَ.."

جواب ۾ مون کلڻ شروع ڪيو تہ ڳالهہ سمجهندي کلندي چيئاين، "نيڪ آهي ڪنهن دوست کان هٿ ڪريان..."

”ايئن ڇئو نہ... پوءِ تہ ڪچهري واهہ جو مزو ڪندي.“ مون شرارت واري لهجي ۾ ورائيو.

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ حيدرآباد ۾ سائين پرويز جي ٻن ڪتابن ”لڙڪن آجا نيڻ“ ۽ ”وڃايل مُرڪ“ جي مهورتي تقريب، ”سنڌي لئنگئيج اٿارٽي. جي هال“ ۾ ٿي، جنهن ۾ قاسم پٽر بہ شريڪ ٿيو. پروگرام ختم ٿيو تہ مونکي چيائين، ”يار اصغر سان تہ ملائي.“

مون هڪدم ٿورو پريرو بيٺل اصغر گگو کي سڏي قاسم سان ملايو. ٻيئي ڏاڍي گرمجوشيءَ سان هڪٻئي سان گڏيا. آئون ڪين اُتي ئي ڇڏي، ڪنهن ڪم سان ٻي پاسي هليو ويس. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ جڏهن دڙي ۾ اسين دوست دستور موجب، شام جو پاڻ ۾ گڏياسين تہ ڪچهري ڪندي رشيد ٻُڌايو تہ ”اڄ بنوري ويو هئس ۽ قاسم سان بہ مليو هوس.“

”قاسم ڇا پي چيو؟“

قاسم، ڪتابن جي مهورتي پروگرام جي وڏي ساراهہ ڪئي ۽ گڏوگڏ اصغر جي بہ واکاڻ ڪيائين ۽ چيائين، ”اصغر گگو تہ صفا حُسن جي مقابلي ۾ رکڻ جهڙو آهي.“

قاسم جي اها ڳالهہ ٻُڌي، اسين ايترو تہ کلياسين، جو سڄي هوٽل اسانجي ٽهڪن سان ٻُرائجي ويئي ۽ هوٽل ۾ ويٺل ماڻهو اسانکي ڇريو سمجهي حيرت مان ڏسڻ لڳا... ۽ اسين پوءِ اها ڳالهہ اصغر کي ڇئي ڪيس بہ پيا تنگ ڪندا هئاسين.

قاسم جي هڪ ڀيري مُوٽو مل ڪنول ڪوهستانيءَ سان بہ ملاقات ٿي ۽ چار چونڪ ڳالهين جا بہ ٿيس، افسوس جو هاڻ قاسم پٽر جيان موٽو مل ڪنول ڪوهستاني بہ اسان ۾ نہ رهيو آهي، ايئن اسان دڙي جي ڪهاڻيڪارن جي پنجڪڙي جو پنجون ڪڙو 4 اپريل 2009ع جي رات نوري آباد وٽ ٿيل حادثي ٽوڙي ڇڏيو. جنهن ۾ موٽو مل ’ڪنول‘ ڪوهستاني سان گڏ منهنجو هڪ ٻيو دوست ’عزيز جان بلوچ‘ بہ وڇڙي ويو:

اب شهر میں اُس کا بدل ہی نہیں کوئی ویسا جان غزل میں نہیں
دیوان غزل میں لفظوں کا گلدستہ سجائوں کس کے لئے
مدت سے کوئی آیا نہ گیا، سنسان بھری ہے گھر کی فضا
ان خالی کمروں میں ناصر اب شمع جلائوں کس کے لئے۔
(ناصر کاظمی)

③

قاسم پٽر جي خواهش هئي تہ سندس پاران قائم ڪيل ابن حيات پنهور لئبرريءَ جو افتتاح محترم نوالدين سرڪيءَ کان ڪرائجي. جڏهن لئبرري ءَ جو ڪمرو ۽ ڪبٽ تهي راس ٿيا تہ پهرين جولاءِ 2006ع جي ڏينهن تي لئبرريءَ جي افتتاح جو پروگرام رٿائين. مونکي بہ ٿي پيرا فون ڪري بنوري گهرايائين ۽ گڏجي ويهي پروگرام ترتيب ڏنوسين. قاسم جو خيال هو تہ پروگرام ۾ ’سنڌي ادبي سنگت سنڌ‘ جو سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر ذوالفقار سيال بہ اچي. سنگت جي چونڊن ڪانپوءِ پهرين تہ هو تاج جويي وارن جي اُن پروپيگنڊه جو شڪار ٿي ويو هو تہ اسان سرڪاري سرپرستيءَ ۾ چونڊون کٽيون آهن. پر وقت گذرڻ ڪانپوءِ سنگت جي باڊيءَ جي ڪارڪردگي ڏسڻ ۽ ڪجهہ بحث ۽ مباحثي ڪانپوءِ ان موقف تان هٽ ڪٽي ويو ۽ تاج جويي وارن جي ان الزام کي هلڪڙائپ ۽ غير جمهوري رويو قرار ڏنائين ۽ پنهنجي سهڪار جو يقين ڏيارياائين. البت ڪڏهن ڪڏهن ڪن ڳالهين تي تنقيد بہ ڪندو هو. هڪ ڀيري تہ سيڙجي دڙي آيو ۽ چيائين تہ ”اڄ توسان سنگت جي باري ۾ ڳالهائڻ آيو آهيان.“

اسانجي پاڻ ۾ ڪافي دير ڪچهري ٿي ۽ بحث مباحثو بہ ٿيو. ان ۾ مونکي قاسم بہ ڳالهيون خاص طور تي چيون ۽ انهن تي عمل ڪرڻ لاءِ زور ڀريو. پهريون اها تہ، توهان تاج جويي جي ڪنهن بہ بيان ۽ الزام جو جواب قطعي طور تي نہ ڏيو ۽ جواب نہ ملڻ تي هو پنهنجي موت پاڻ ئي مري ويندو ۽ اوهان هنن جي الزام تراشين جي جواب ۾ وڌ کان وڌ ڪم ڪريو ۽ ان کان سُٺو ٻيو ڪوبہ جواب ڪونهي. ٻي ڳالهہ اها چيائين تہ اوهان ڪنهن بزرگ اديب جي سرپرستي حاصل ڪريو.

مون کيس ٻڌايو تہ اسين حتي الامڪان اها ڪوشش ڪندا آهيون تہ مخالف گروهہ جي اخباري الزامن جا جواب نہ ڏيون پر هي ميڊيا جو دور آهي ۽ مجبور ٿي ڪن معاملن ۾ وات ڪڙو ڪري وضاحت ڪرڻي ٿي پوي، ٻيو تہ اسانکي اڪثر بزرگ ۽ سينئر اديبن جي سرپرستي حاصل آهي، جن کان اسين نہ رڳو صلاحون وٺندا آهيون، پر کين گهربل عزت ۽ احترام بہ ڏيندا آهيون. اهڙن بزرگ ۽ سينئر اديبن ۾ نورالدين سرڪي، سوڀو گيانچنداڻي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سراج، شمشيرالحيدري، تاج بلوچ، تاجل بيوس، فتاح ملڪ، امر جليل ۽ ٻيا شامل آهن، جيڪي اسان جي پروگرامن ۾ پڻ ايندا رهندا آهن.

مٿين ڳالهين جي ڪري قاسم جو خيال هو تہ ڊاڪٽر ذوالفقار سيال کي دعوت ڏجي. مون کيس ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جو فون نمبر ڏنو ۽ جڏهن قاسم پٽر، ڪراچي دوستن کي دعوتون ڏيڻ ويو تہ نورالدين سرڪي صاحب جي آفيس مان ذوالفقار سيال سان فون تي ڳالهايائين ۽ کيس دعوت ڏنائين، جيڪا هن قبولي.

30 جون تي يعني افتتاح ڪان هڪ ڏينهن اڳ جڏهن پروگرام کي فائينل شڪل ڏيڻ جي سلسلي ۾ گڏياسين تہ مون قاسم کي ڪافي پريشان ڏٺو چيائين، ”سرڪي صاحب چوڻو تہ مون وٽ گاڏي نہ آهي، گاڏيءَ جو بندوبست ڪر تہ اچان.“ ڳالهہ ڳري ٿي پيئي، هاڻ ڇا ڪجي؟ قاسم چيو ”لڳي ٿو تہ سرڪي صاحب ڪو نہ ايندو. چيف گيسٽ نہ ايندو تہ پروگرام مزو نہ ڪندو.“

مون چيس تہ مونکي هڪ حل سُجهي ٿو سو اهو تہ ڊاڪٽر ذوالفقار سيال کان پُڇون ٿا, جيڪڏهن هو اچي ٿو تہ پوءِ سرڪي صاحب کي بہ ڪٽيو اچي. اهو ٻُڌي قاسم مونکي هڪدم ذوالفقار سيال سان رابطو ڪرڻ لاءِ چيو۽ مون ان ئي مهل ڊاڪٽر ذوالفقار کي فون ڪري ڪانئس اچڻ بابت پڇيو هن اچڻ جي پڪ ڏني تہ مون کيس سرڪي صاحب کي بہ ڪٺي اچڻ جي گذارش ڪئي. ٻي ڏينهن ڊاڪٽر ذوالفقار سيال نہ رڳو نورالدين سرڪي، پر ڪامريڊ روچي رام کي بہ پنهنجي گاڏيءَ ۾ ڪٺي آيو. ٻئي بزرگ قاسم پٽر جا پراڻا سنگتي هئا. انهن جي اچڻ سان قاسم ڪو خوش ٿيو ڇا. پوءِ قاسم مونکي اڪثر چوندو هو تہ جيڪڏهن ڊاڪٽر ذوالفقار سيال سرڪي صاحب ۽ ڪامريڊ روچي رام کي ڪٺي نہ اچي ها تہ شايد پروگرام ايترو سٺو نہ ٿئي ها ۽ پروگرام جي ڪاميابي جو ڪريڊٽ توڏانهن ٿو وڃي. ان ڏينهن کانپوءِ منهنجو قاسم سان هڪ نئون رشتو جڙيو۽ اسان جي وچ ۾ اعتماد وڌيو.

اهو پروگرام ننڍو ئي سهي، پر يادگار حيثيت رکي ٿو. قاسم ان جي وڊيو بہ ٺهرائي هئي ۽ مانيءَ تي بہ دل کولي خرچ ڪيو هئائين. ٻي ڏينهن چيومانس تہ، ”قاسم.... اوچتو خزانو ڪٿان لڌئي“ تہ کلي وراڻيائين ”سنگت ساٿ جي ساٿ سان هر شئي سولي ٿي پئي.“

پهرين جولاءِ، ون يونٽ ٽٽڻ جو ڏينهن بہ هو. ان ڏينهن سنڌ جي هڪ ڀيرو ٻيهر مغربي پاڪستان جي ڪُک مان صوبائي حيثيت بحال ٿي. تقريرن ۾ ون يونٽ جي ٽٽڻ ۽ اُن ۾ ابن حيات پنهور جي ڪردار جو بہ ذڪر ٿيو. مقررن کيس زبردست خراج تحسين پيش ڪيو.

مونکي تڏهن افسوس ٿيو جڏهن 10 فيبروري 2008ع تي قاسم پٽر جي چاليهي جي موقعي تي ٿيل تعزيتي ريفرنس ۾ جيڪو قاسم پٽر جي دوستن پاران ’قاسم پٽر يادگار ڪميٽي‘ جي بئنر هيٺ ڪوٺايو ويو هو جڏهن مون معلوم ڪيو تہ ذوالقفار سيال کي پروگرام جي دعوت ملي آهي يا نہ، تہ خبر پيئي تہ نہ، پوءِ اهو سوچي آئون مطمئن ٿي ويس تہ ”قاسم پٽر يادگار ڪميٽيءَ“ جي ڪرتا ڌرتائن تي ڏک يا معيار اجائي آهي. جو انهن دوستن جي نظر پنهنجي نڪَ کان اڳتي ڪونهي. جنهن جي پڪَ پوءِ قاسم پٽر تي ترتيب ڏنل ڪتاب ’ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا‘ ۽ پوءِ جنهن نموني پروگرام هلايو ويو، ڏسي ٿيو. مونکي قاسم جي هڪ ويجهي دوست مگهن لال شرما ٻُڌايو تہ سندس قاسم تي لکيل مضمون

ڪميٽي وارن ڪي ڏنو پر هنن ڄاڻي واڻي، سعيو ڪري ڪتاب ۾ نہ ڇپيو. اهو مضمون پوءِ مون ’سنگت‘ جي پرچي مارچ، اپريل 2008ع ۾ ڇپيو.

ان مهل دل ۾ خيال آيم تہ جي قاسم پٽر جيئرو هجي ها ۽ اهو سڀ ڪجهہ ڏسي پُڇانس ها تہ ”قاسم هي سڀ ڪجهہ ڇا پيو ٿئي؟“ تہ هڪدم وراڻي ها، ”هنن جا پيٽي مفاد آهن.“

ان ئي چاليهي واري تقريب ۾ ”قاسم پٽر يادگار ڪميٽيءَ“ جي دوستن جن مهمانن ڪي گهرائي، اسٽيج جو سينگار ڪيو. انهن ۾ سائين روچي رام ۽ محترم قلندر شاهہ لڪياري بہ هئا. روچي رام تہ قاسم پٽر جو فڪري، سياسي ۽ ادبي ساٿي هو. پر قلندر شاهہ لڪياريءَ، جنهن جي لاءِ منهنجي دل ۾ لک عزتون آهن، گهرائڻ سمجهہ ۾ نہ آيو.

ان مهل منهنجي ذهن ۾ 2008ع ۾ ٿيل ”ميرپور بٺورو تاريخي ڪانفرنس“ جي حوالي سان، قاسم پٽر سان ٿيل بحث تازو ٿي ويو.

ٿيو هيئن جو هڪ ڏينهن، ڪنهن پروگرام ۾ منهنجي محترم قلندر شاهہ لڪياريءَ سان ملاقات ٿي، ڳالهين ڪندي چيائين، ”يوسف! ڇو نہ بٺوري تعلقي جي تاريخ لکجي.“

مونکي سندس ڳالهہ وڻي ۽ هڪدم هائوڪار ڪيم. تہ پاڻ چيائين، ايندڙ مهيني، سندس ڏاڏي سيّد احمد شاهہ لڪياري، جيڪو ميرپور بٺوري جي ڀرسان ڳوٺ احمد خان زنئورن لڳ دفنايل آهي، ان جو عرس آهي ۽ ڇو نہ ان موقعي تي اها ڪانفرنس ڪجي. ڪانفرنس ڪانپوءِ دوستن کي موضوع ورهائي ڏجن، ايئن ڪم شروع ڪجي، قلندر شاهہ لڪياريءَ سان طئي ڪري آئون هڪ جذبي تحت ڪم تي چڙهي ويس. سيني دوستن  کي دعوتون ڏنيونسين ۽ ڪين شرڪت جي گذارش ڪئيسين. ان سلسلي ۾ قاسم پٽر سان بہ مليوس ۽ ڪيس سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌايم ۽ ڪانفرنس ۾ اچڻ جي لاءِ چيم. ڳالهہ ٻڌي چيائين، ”نہ ڪونہ ايندس.....“

”ڇو ڪونہ ايندين؟“ سندس نهہ ٻڌي جواب تي مون حيران ٿي پڇيومانس ”هاڻ اهو همراهہ وري اُتي نئون پير ناهڻ ٿو چاهي، اسين ڪيس ۽ سندس گروهہ کي نظرياتي محاذ تي شڪست ڏيئي چڪا آهيون. هاڻ اهي رجعت پسند همراهہ وري اوهانجي ڪلهن تي بندوق رکي ٺا هلائين. سو آئون اهڙي ڪانفرنس ۾ نہ ايندس، جيڪا منهنجي نظريي جي ابتڙ ماڻهن پاران ڪوٺائي ويئي هجي...“

”پر قاسم! ڪانفرنس جي واڳ تہ منهنجي هٿ ۾ آهي.“ چيومانس. ”پر تنهنجي پويان تہ هو ئي آهي.... توکي خبر بہ نہ پوندي تہ واڳ تنهنجي هٿن مان ڪيئن کسڪي ويئي ۽ تون رڳو حيرت ۾ ڏسندو رهندين.... توکي ان گروهہ جي طريقي واردات جي خبر نہ آهي.“ قاسم وراڻيو.

گهڻي بحث ڪانپوءِ بہ جڏهن قاسم منهنجي ڳالهہ نہ مڃي تہ آئون ساڻس ناراض ٿي اُٿيس ۽ چيومانس، ”قاسم! هاڻ ٽرينڊ بدلجي ويا آهن. ۽ تون اڃا تائين اوڏيهہ سئو ورهيہ پراڻي زماني ۾ پيو رهين...“

ڪانفرنس خير خوبيءَ سان ٿي گذري، پروفيسر قلندر شاهہ جي سڄي سنگت محترم عزيز جعفراڻي، رسول بخش تميمي، غلام محمد جوهر ۽ ٻيا آيا... صوفي حضور بخش بہ آيو هو... تقريرون ٿيون.... شعر پڙهيا ويا... ماني ڪائڻ مهل پروفيسر قلندر شاهہ کي چيم، ”سائين! هاڻ گڏجاڻي ڪجي... جيئن تاريخ لکڻ جي حوالي سان دوستن کي موضوع ورهائي ڏجن، يا ڪا ڪميٽي ٺاهجي.... جيئن ڪم جي اڳڀرائي ٿئي....“

پر قلندر شاهہ صاحب جو جواب ٻُڌي منهنجا تاڪ لڳي ويا. ”بابا يوسف! آهستي آهستي... هر سال ڪانفرنس ڪبي... ايئن اٿن ڏهن ڪانفرنس ۾ سڀ ڪجهہ لکجي ويندو.... ڪميٽي ٺاهي ڇا ڪجي...!“

اصل وڃي ويس... مونکي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ويئي ۽ قاسم جي ڳالهہ بہ دل سان لڳيم. في الحال تہ پنهنجي سادگي ۽ ڪم ڪرڻ جي جذبي ۾ ڪانفرنسن ۾ وڏي چڙهي حصو ورتم، پر پوءِ وري اُن ڪم ۾ حصو نہ ورتم ۽ قاسم جي لفظن کي ذهن ۾ ورجائيندو رهيس تہ ”ڪم انهن دوستن سان گڏجي ڪجي، جيڪي نظرياتي طور هم خيال ۽ چٽا هجن.“

سو جڏهن قاسم پٺر جي چاليهي واري ميڙاڪي ۾ اهڙن دوستن کي اڳين صفن ۾ ۽ اسٽيجن جو سينگار ڏٺم ۽ اُت اسان جهڙن سان ڪو هٿ ملائڻ جي لاءِ بہ تيار نہ هو. تہ خيال آيم ”جي قاسم پٺر سان رابطي جو ڪو ذريعو هجي ۽ چوانس تہ قاسم تنهنجي نالي ۾ هي سڀ ڪجهہ ڇا پيو ٿئي“ تہ هو ضرور اهو ئي جواب ڏي ها، ”هي سڀ منهنجي نالي ۾ پنهنجا پيٽي مفاد حاصل ڪرڻ ٿا چاهين.“

ساڳئي ڳالهہ قاسم پٺر تي مرتب ڪيل ڪتاب ’ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا‘ تي بہ لاڳو ڪري سگهجي ٿي. جن جو قاسم سان ڪو بہ نظرياتي واسطو نہ هو هر شئي انهن جي ٻلي... ماٺ پلي هئي.

سنگت جي ”گولڊن جوبلي ڪانفرنس“ جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ سنڌس گهر ويس. مون کي سندس بيماري يا اسپتال ۾ داخل هئڻ جي خبر نہ هئي. بس هڪ ڀيرو ذڪر ڪيو هئائين تہ، ”چيڪ اپ ڪرائڻو اٿم“ پر مون اُن ڳالهہ تي ڌيان نہ ڏريو ۽ سمجهيم تہ قاسم کي ڪا هلڪي ڦلڪي تڪليف هوندي، جڏهن گهران پُڇا ڪيم تہ قاسم جي نياڻي ريشمان ٻڌايو تہ ’فلاڻي تاريخ بابا جي باءِ پاس آهي‘، ”ڇا...!“ تاڪ لڳي ويم.... مون هڪدم ڊاڪٽر ذوالفقار سيال کي فون ڪري قاسم جي جناح

اسپتال جي ڪارڊيو ۾ داخل هئڻ جو ٻڌايو. خيال اهو هئم تہ ذوالفقار سيال، جناح اسپتال ۾ ڊاڪٽر آهي، متان قاسم جي ڪنهن ڪم اچي سگهي. ذوالفقار پوءِ مونکي ٻڌايو تہ هو بہ پيرا قاسم سان وڃي مليو هو.

لئبرري جي افتتاح وارو پروگرام ڏاڍو سُٺوءِ ڀرپور ٿيو. پروگرام جي دعوتي ڪارڊ ۾ قاسم لکيو هو: زندگي رهي نہ رهي، اچو تہ هڪ ڀيرو گڏجي دل جا حال اوريون. پر سچ اهو آهي تہ اُن پروگرام ۾ قاسم ڪي جن دوستن جي اچڻ جي اميد هئي، انهن مان اڪثر نہ آيا. عبدالواحد آريسر، عبدالقادر جوڻيجي ۽ شوڪت شوري جي اچڻ جو هو آخر تائين انتظار ڪندو رهيو. ٻاهران آيل دوستن ۾ هاشم کوسو قادر بخش طالباڻي، مولابخش کوسو ۽ شاهہ رضا پناڻ شامل هئا. مقامي طور تي غلام حسين رنگريز، پروين صوفي حضور بخش، الهہ اوڀايو خشڪ، اسلم خيرپوري، ذوالفقار ڪانڊڙو، غلام رسول پرهياڙ ۽ ٻيا شامل هئا.

قاسم پٽر جي خواهش هئي تہ ان پروگرام جي انائونسمينٽ منهنجو دوست رشيد آزاد ڪري. ان ڪان اڳ بہ جڏهن، ميرپور بٺوري ۾ ’جيئي سنڌ محاذ‘ پاران ’صد سالہ جشن جي . ايم . سيد‘ جو پروگرام ڪيو هئائين. تہ بہ قاسم، انائوسمينٽ لاءِ رشيد آزاد کي چيو هو. پر اتفاق اهڙو ٿي، جو نوڪري جي پيل ونگن سبب رشيد ٻنهي پروگرامن جي انائوسمينٽ نہ ڪري سگهيو هو. جشن ’جي . ايم . سيد‘ جي موقعي تي مون قاسم کان اجازت وٺي ”هلال پاڪستان“ اخبار پاران خاص صفحو شايع ڪيو هو. جيڪا ڳالهہ قاسم کي گهڻي وڻي هئي. (۽ عجيب ڳالهہ آهي تہ رشيد آزاد کان انائوسمينٽ واري خواهش ائين پوري ٿي، جو سندس وفات کانپوءِ سندس چاليهي واري تقريب جي انائوسمينٽ جو پُڪو رشيد آزاد جي نالي نڪتو.)

رشيد آزاد جي نہ اچڻ ڪري، لئبرري جي افتتاح واري تقريب جي انائوسمينٽ هڪ ٻي دوست غلام رسول زنئور جي حوالي ڪئي ويئي ۽ اسان گڏجي ويهي دوستن جي نالن جي ترتيب ناهي، جنهن موجب انائونسر کي مقررين کي گهرائڻون هو. پروگرام شروع ٿيو تہ انائونسر دوست ترتيب کي پنهنجي پسند ۽ ناپسند موجب گهٽ وڌ ڪري ڇڏيو. اها طئي ٿيل ڳالهہ ۽ ڊسيپلين جي خلاف ورزي هئي، جنهن جو مونکي بهرحال گهڻو رنج ٿيو.

ٻي ڏينهن قاسم سان فون تي ڳالهہ ٻولهہ ٿي تہ مون سندس ڌيان ان خلاف ورزيءَ ڏانهن ڇڪايو. ڪيس ڏاڍي حيرت ٿي تہ مذڪوره دوست ايئن ڪيئن ٿو ڪري سگهي. مون وري ان ڳالهہ جو ذڪر نہ ڪيو. پر قاسم پنهنجي پَر ۾ ان ڳالهہ جي تصديق ڪئي ۽ ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ ملاقات ٿي تہ قاسم

مونکي چيو: مون غلام رسول زنئور کان ان ڳالهه جي تصديق ڪئي آهي. هن ان ڳالهه کي مڃيو به ... پر اهو دوست شخصن جي ۽ ڊسيپلين جي اهميت کان اڻ ڄاڻ آهي.... تنهنجو ڪم پنهنجي جاءِ تي گهٽن کان گهٽو آهي... پر پنهنجي طبقاتي بيهڪ جي ڪري توکي مستقبل ۾ به اجا اهڙا ڪيترائي معاملا سامهون ايندا... پر مايوس قطعي نه ٿجان..!"

③

1999ع ۾ منهنجو ترجمو ڪيل ڪتاب "نيلسن منڊيلا جي ڪهاڻي" ڇپيو ته آئون سيڙجي ڪيس ڪاپي ڏيڻ ميرپور بٺوري ويس. ڪتاب ته وٺي رکيائين. پر مون کان پُڇيائين. "تنهنجو مقصد ڪهڙو آهي.... اجايا سجايا ڪتاب پيو ڇپرائين... ڪو ڇڱو ڪم ڪر..."

مون ورائيس، "قاسم! منهنجي زندگي جو مقصد واضع آهي، آئون ڄاڻ ورهائڻ ٿو چاهيان... باقي ڪتاب اجايو آهي، يا سجايو.... اهو ڪتاب پڙهه ته پوءِ ڳالهائينداسين، اڳ ۾ ڪا راءِ نه ڏي..."

قاسم ڪتاب پڙهيو ته ڪيس گهڻو وڻيو ۽ دل کولي ڪتاب ۽ ترجمي جي ساراهه ڪيائين. البت ڪيس ڪتاب جي 'ارپنا' نه وڻي. چيومانس، "قاسم، تنهنجي راءِ پنهنجي جاءِ تي، پر جڏهن مولوي سڱورا مون تي ڪاوڙيا ۽ ڪيس داخل ڪيائون، ۽ مون وٽ ٽڪو به نه هو ۽ سنگت ساٿ به مون مان هٿ ڪڍي ويئي هئي ۽ آئون لڪندو پي وتس، ته ان شخص منهنجي مدد ڪئي ۽ منهنجو ڪيس وڙهيو ۽ بنا فيءَ جي وڙهيو. مون وٽ هن جي حيثيت هڪ مُحسن واري آهي.... مون ڪتاب سنڌس نالي ڪري سنڌس ڪجهه ٿورو لاهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي...." مون اهو ڪتاب محترم يوسف لغاريءَ کي ارپيو هو. قاسم، جيڪڏهن ڪنهن لاءِ ڪو وڏي ۾ وڏي سخت لفظ استعمال ڪندو هو ته اهو "واهيات" هوندو هو. پيو ڪو گُٿو لفظ مون قاسم جي واتان ڪڏهن به نه ٻُڌو.

•

انهن ئي ڏينهن، منهنجو هڪ ٻيو ترجمو ڪيل ڪتاب. "مصطفيٰ ڪمال اتا ترڪ جي سوانح"، "ٻورو بگهڙ" جي نالي سان شايع ٿي رهيو هو. هڪ ڏينهن مون ساڻس اُن ڪتاب جو ذڪر ڪيو ۽ پنهنجي ان خواهش جو اظهار ڪيم ته موڪل ڏي ته ان ڪتاب جي "تنهنجي" نالي ارپنا ڪريان.

"مونکي ڏي ڏسان ته پوءِ.... الائي ڪهڙو ڪتاب هوندو... ڪٿي منهنجي خيالن جي ابتڙ ته ڪونهي..." جواب ڏنائين.

”ارپنا ھڪ ميتا ھوندي آھي قاسم...! ان لاءِ ڪتاب ڏيکارڻ ضروري نہ آھي... البت اھا سا تون پڪ ڄاڻ تہ ڪتاب تنھنجي شخصيت ۽ فڪر جي خلاف يا ابتڙ ڪونھي.“ وراڻيومانس.

”تنھنجي مرضي... پر اھو ڪتاب نيلسن منڊيلا جھڙو ھجي نہ ڪي جھڙو تھڙو...“ قاسم وراڻيو.

پوءِ مون اھو ڪتاب قاسم پٽر ۽ ايس جي پاڳيا جي نالي منسوب ڪيو. ان ارپنا تي قاسم گھڻو خوش ٿيو. البت ڪيس اھا ڳالھہ نہ وڻي تہ مون ارپنا ۾ ٻي ھمراھہ ’ايس جي پاڳيا‘ کي ڇو شريڪ ڪيو. سندس وڏو اعتراض اھو ئي ھو تہ ”پاڳيا“ خبر ڪونھي تہ ڪھڙي قسم جو ماڻھو آھي. ڪٿي منھنجي فڪر جي خلاف شخص تہ نہ آھي... ڪيس سدائين ان ڳالھہ جو اُلڪو رھندو ھو تہ سندس ڪو بہ عمل سندس فڪر جي خلاف نہ ٿئي. مون ڪيس ٻڌايو تہ پاڳيا نيڪ ماڻھو آھي. بھرحال اڳتي ھلي مونکي ان ڳالھہ جو احساس ٿيو تہ مون ارپنا ۾ قاسم سان گڏ پاڳيا جو نالو ڏيئي، قاسم جي شخصيت سان نا انصافي ڪئي آھي، پاڳيا لاءِ لک عزتون، پر ھو اھڙو شخص نہ آھي، جنھن کي قاسم سان ڳنڍي سگھجي.

منھنجي خيال ۾ اھو پھريون ۽ آخري ڪتاب آھي، جيڪو قاسم جي نالي ارپيو ويو آھي.

③

آئون، قاسم کي سدائين پيو چوندو ھئس تہ پنھنجون يادگيريون لک، جو تو لڳ ڀڳ پنجاھہ سال سياست کي ڏنا آھن. ڪئين لاڙھا چاڙھا اکين سان ڏنا اٿئي، جھرجھنگ جھاڳيو اٿئي، جيلن ۾ ويو آھين ۽ ڪيترن ئي ماڻھن سان مليو آھين. تنھنجا اھي تجربا ۽ مشاھدا سنڌ جي نوجوانن کي ڪم ڏيندا. ۽ سنڌ جي سچي پچي قومي تاريخ لکڻ ۾ ’سورس مٽيريل‘ جو ڪم ڏيندا.

جواب ۾ چوندو ھو ”سچ چوڻ ڏاڍو ڏکيو آھي.“

”پلي ڪٽي سڀ نہ لک! جيڪي لکڻ نٿو چاھين، اھي پلي نہ لک... پر جيڪي سمجھين ٿو تہ آن دي رڪارڊ رھن، سي ئي ڪٽي لک....“ ائين اسانجو اُن ڳالھہ تي اڪثر بحث مباحثو پيو ٿيندو ھو. وفات کان ڇھہ ست مھينا ڪن اڳ ھڪ ھنڌ گڏياسين تہ چوڻ لڳو ”منھنجو خيال آھي تہ آئون پنھنجون يادگيريون لکان... ڪي ڳالھيون رڪارڊ تي اچن تہ بھتر...“

ڪجھہ ڳالھہ ٻولھہ ڪانپوءِ اھو طئي ڪيوسين تہ آئون ھڪ سوال نامون ٺاھي ڪيس ڏيندس... جن مان ھو جن سوالن جا جواب لکي سگھيو سي لکندو ۽ باقي ٻين سوالن جا جواب ٽيپ ڪبا ۽ پوءِ اھي

ٽيپ تان لاهي، صاف ڪري، ڪيس ڊيڪاربا ۾ پاڻ انهن ۾ ڪاٽ ڪوٽ، واڌارا ۾ سڌارا ڪندو. ايئن فائنل ڪاپي تيار ڪبي. مون سوالن کي لکڻ به شروع ڪيو پر پنڻ کان پڙهڻ ياد ڪونهي، پنهنجن ڪاسارن ۾ لڳو رهيس ۽ اهو سوالنامون مڪمل ٿي نه سگهيو. تيسين قاسم وڃي مٽي ماءُ جي هنج وسائي.

قاسم ڪيترائي ڀيرا اُن ڳالهه جو اظهار ڪيو ته سندس ڪتاب ”رت ۾ غلامي“ نئين سر ڇپجي، ڇو ته ڇپجڻ کانپوءِ اهو ڪتاب ’پوليس‘ ڇاپو هڻي کڻي ويئي ۽ گهڻن ماڻهن تائين اهو پهچي نه سگهيو هو.[1]

③

جيئن مٿي ذڪر ڪيو اٿم ته قاسم پنهنجي راءِ ۾ بي باڪ هو. منهن تي چئي ڏيندڙ ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته بحث ۾ اڳلي دوست سان اٽڪي به پوندو هو. جنهن ڪري، ڪڏهن ڪڏهن ڪٿي دوست ڪيس ڪن ڳالهين کان جلهيندا به هئا. پر قاسم نموني سان، مام ۾ پنهنجي ڳالهه ڪري ويندو هو. قاسم اهڙي ئي هڪ ڳالهه جو ذڪر شيخ اياز سان ملاقات بابت، سيّد اڪبر جي ڪتاب ”لفظ ڳالهائين ٿا“ جي مهاڳ ۾ لکي آهي:

”شيخ اياز سان آخري ملاقات سندس ڪلفٽن واري فليٽ تي مير ٿيٻي سان گڏ ٿي. مير ٿيٻي مونکي روڪيو ته ڪو به بحث ڪرڻون نه آهي. شيخ صاحب سان ايئن ئي دل لڳي ڪري ٿا اچون. شيخ صاحب ياٸيندو ته گهڻو هو. آڌر ڀاءُ ڪانپوءِ چانهه پيتي سين. ڪجهري ڪندي شيخ صاحب کي گذارش ڪيم ته هڪ سوال ڪريان، جيڪڏهن دل ۾ نه ڪرينءَ؟ اياز صاحب کي چيم ته تاريخ ۾ ڪڏهن ائين ٿيو آهي ته پيغام ڏيندڙ پنهنجي نظريي جو انڪاري ٿيو هجي، پاڻ بچاءُ ۾ هليو ويو ۽ چيائين، ”آئون ڪٿي قريو آهيان.“ چيومانس ”قبلا! مارائي ڇڏيئي سامهون سوئر وڃ، ڪير منهن ڏيندو.“

③

هڪ ڀيري دڙي آيو ته پڇيائين، ”ٻڌو اٿم اڄڪلهه نمازون ٿو پڙهين؟“

”هائو....“ وراڻيومانس.

”ٻنو آهين يا دڙي جي اربابن ۾ ڪو ڪم اٿئي... يا چاچهين شمس الدين مان ڪي ڪم ڪيڏٺا اٿئي...؟“

[1] هن ڪتاب جي آخر ۾ اهو سڄو ڪتاب ضميمي طور شامل ڪيو ويو آهي، جيئن ته رڳو اهو محفوظ ٿي وڃي، پوءِ پڙهندڙ قاسم جي ڪهاڻين کي پڙهي سندس خيالن کان وڌيڪ واقف ٿين.

”نہ ٻنو آهيان، نہ اربابن ۾ ڪو ڪم اٽڪيو ۽ نہ ئي وري چاچا شمس الدين وٽ پاڻ کي وڻائڻ ٿو چاهيان.“

”پوءِ نمازون ڇو ٿو پڙهين....؟“

”قاسم! نماز پڙهڻ منهنجي لاءِ دلي سڪون حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي... اهو منهنجو روحاني معاملو آهي... هونئن بہ مذهب هر ماڻهوءَ جو ذاتي معاملو آهي.... نماز تہ سائي جي . ايم . سيد، مولانا عبيدالله سنڌي ۽ ٻيا فلاڻا فلاڻا بہ پڙهندا هئا...“

”پوءِ توکي نئشلسٽ سڏائڻ جو حق ڪونهي...“

”اهو وري ڪيئن...؟“

”اهو عربن جو ڪلچر آهي...“

قاسم پنهنجي ڳالهہ تي اڙيو تہ ٻي اصل نہ ڪندو هو هاڻ ڪيس ڪيئن سمجهائجي... پوءِ ڪيتري ئي وقت تائين آئون قاسم جي ٽوڪن جو نشانو بنجندو رهندو هوس تہ ”پڙهين ٿو نمازون ۽ سڏائين ٿو پروگريسو ۽ نئشلسٽ...!“ قاسم جي انهن ٽوڪن ۽ طنزن کان بچڻ لاءِ، جڏهن ”سنڌيڪا اڪيڊميءَ“ پاران منهنجو ڊاڪٽر محمد حميد الله خان جي ڪتاب جو سنڌي ترجمو ”محمد رسول الله“ ڇپيو تہ مون کيس ڇاڻي واٽي، ان جي ڪاپي نہ ڏني، نہ تہ اڪثر ڪتابن جون ڪاپيون کيس ڏيندو رهندو هوس.

هڪ ڀيري قاسم ڪراچي مان موٽيو تہ وٽس قرآن شريف جو هڪ ڏاڍو خوبصورت ترجمي وارو نسخو هو. مون مذاق ۾ پڇيس، ”قاسم.... ڏي خبر... هاڻ تون بہ....!“

وراڻيائين، ”ڪراچي مان قرآن شريف جو هي نسخو ان ڪري ڪٽي آيو آهيان تہ جيئن فلاڻي ڪتابيءَ کي ڏيان.... هن کي ڪتابن گهڻي دلچسپي آهي.... معنيٰ سان قرآن شريف پڙهندو تہ سمجهہ وڌنديس...“

قاسم ڏاڍي مريادا وارو ماڻهون هو.... هڪ ڀيري ميرپور بٺوري ۾ بس اسٽاپ تي بيٺا هئاسين، جو قاسم ڪراچي واري بس مان لٿو. رمضان جو مهينو هو... ستاويهون يا اٺاويهون روزو هو. اسين پاڻ ۾ گڏياسين... بس اسٽاپ تي هوٽل کليل هئي، سو قاسم کي چيوسين تہ ”هل تہ چانهہ هلي پيئون.“

”هلو ڀلي... پر آئون نہ پيئندس جو مونکي روزو آهي...“ قاسم وراڻيو.

”قاسم .... توکي ۽ روزو...!“ اسان حيرت مان پُڇيس...

”هائو!“ قاسم وراڻيو، ”رات ڪراچي ۾ حافظ محمد صديق ميمڻ وٽ ترڪيل هئس.... اٿر تائين ٻي

ڪچهري ڪئيسين... اٿر مهل حافظ جي نياڻي سحري ڪٽي آئي ۽ چيائين، ”چاچا! اڄ اوهان بہ روزو رکو... آئون پارڙي ڪي انڪار نہ ڪري سگهيس ۽ روزو رکي ڇڏيم...“.

③

هڪ ڀيري ڪنهن دوست سيّد غلام مصطفيٰ شاهہ جو ڪو بيان پڙهي قاسم کي اُن جو حوالو ڏنو ۽ چيس، ”غلام مصطفيٰ شاهہ وڏو قومپرست آهي...“

قاسم ٺهہ پهہ وراڻيو ”غلام مصطفيٰ شاهہ قومپرست ٿي نٿو سگهي.“.

”ادا، هن جا بيان تہ پڙهي ڏس.... هن جون ڪوتايل ڪانفرنسون... سرونٽس آف سنڌ سوسائٽيءَ پاران گڏجاڻيون ۽ قراردادون ۽ سنڌ ڪواٽرلي جي اشاعت ۽ ٻيا الاڻا فلاڻا ڪم... ۽ تون چوين ٿو تہ هو قومپرست نہ آهي...“

”هو قومپرست نہ پر موقعي پرست آهي.“

”اهو وري ڪيئن!؟“

”ڇاڪاڻ تہ هو حج تي ويو هو.“ قاسم جواب ڏنو انهن ڏينهن غلام مصطفيٰ شاهہ حج ڪري موٽيو هو ۽ اخبارن ۾ اهڙي خبر ڇپي هئي.

”پر حج جو قومپرستيءَ سان ڪهڙو واسطو...؟“

”جنهن شخص جو ڪعبو قبلو ٻي ملڪ ۾ هجي ۽ هن جو روحاني رشتو ڪنهن ٻي ڌرتيءَ سان هجي... اهو قومپرست ٿي نٿو سگهي...“ قاسم وراڻيو.

③

هڪ ڀيري ڪنهن دوست قاسم کي چيو ”اڄڪلهہ پليجو صاحب، جناح صاحب جي وڏي واکاڻ ٿو ڪري.“

”اُن ڪري تہ هو اسٽبلشمينٽ سان ٺهڻ ٿو چاهي...“ قاسم وراڻيو.

”جناح جي واکاڻ جو اسٽبلشمينٽ سان ٺهڻ جو ڪهڙو واسطو؟“ دوست پُڇيس.

”جناح صاحب اسٽبلشمينٽ لاءِ هڪ نشان آهي قبوليت جو... ۽ جناح جي تعريف ئي اسٽبلشمينٽ سان ناهہ جي ڪُنجي آهي...“

سيّد اڪبر جي ڪتاب ”لفظ ڳالهائين ٿا“ جي مهاڳ ۾ محترم رسول بخش پليجي جي هڪ

انٽرويو جو حوالو ڏيئي، هڪ ڏاڍي مزيدار راءِ ڏني اٿس.

”ڏاها رڳو چاڙهيون ويٺا هٽندا آهن. هنن جو نظرين سان ڪوبہ واسطو نہ هوندو آهي، مثال طور: تازو پليجي صاحب ٽي وي تي انٽرويو ۾ چيو: منهنجا آئيڊيل حضرت محمد مصطفيﷺ مهاتير محمد، حضرت عمر ۽ مائوزيتنگ وغيره آهن... منهنجا سائين، هڪ ٻئي سان اُبتو بيٺل نظرئي جي ليڊرن کي اوهين ڪيئن ٿا آئيڊيل مڃيو...؟“

③

آئون جڏهن ’سنڌي ادبي سنگت‘ جو سيڪريٽري جنرل هوس تہ اسان 28 آگسٽ 2008ع تي حيدرآباد ۾ ’سنڌي ٻولي اٿارٽي‘ جي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ هال ۾ ’سنڌي ٻولي، قومي ٻولي‘ ڪانفرنس ڪوٺائي، جنهن جي صدارت سائين محمد ابراهيم جويي ڪئي. خاص مهمان محترم رسول بخش پليجو هو. ڪانفرنس ۾ سنڌ جي چوٽيءَ جي ليکڪن ۽ دانشورن ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيي، ڊاڪٽر فهميده حسين، حميد سنڌي، ڊاڪٽر هدايت پريم، نصير ميمڻ، جامي چانڊيي، پرويز آزاد قاضي، قلندر شاهہ لڪياري، نواز خان زئور، پرواني پٽي ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ڪانفرنس ختم ٿي تہ پليجو صاحب گهر روانو ٿيو ۽ سندس هڪ ڪارڪن کي چيائين، ”پرويز ۽ يوسف سنڌيءَ کي چئو تہ گهر اچن... آئون سندن انتظار ٿو ڪريان.“

ڪم ڪار لاهي، آئون ۽ پرويز سڌو پليجي صاحب وٽ وياسين، ڏاڍي سُٺي ڪچهري ٿي. ڪانفرنس جي ڪاميابيءَ تي مبارڪون ڏنائين ۽ منهنجي همت افزائي ڪيائين. ڪچهريءَ دوران پليجي صاحب جي پراڻي سنگت جو بہ ذڪر نڪتو جنهن ۾ قاسم پٽر بہ هو ڳالهين ڪندي پليجي صاحب هڪ عجيب ڳالهہ ڪئي تہ، ”قاسم سٺو ورڪر هو... پر هو ڪيس ڪڏهن بہ سمجهي نہ سگهيو تہ هو ڇا ٿو چاهي....؟“

مونکي اوڏي مهل ’پٽر‘ جي افساني ”رتُ آئي ڳاڙهن ٻيرن جي“ جا هينيان جملا ذهن ۾ تري آيا.

..... هن چني ڪيڏي ڏني، چيائين، ’رسول بخش گرفتار ٿي ويو آهي، اڙي هن سائنسي صديءَ ۾ ”انڌا اونڌا ويچ“ جو لکندڙ پشو پاشا جو نقاد، پسي ڳاڙها گل جو فنڪار شاهہ پٺائيءَ جو پارکو تقرير ۾ موتي پوئيندڙ سنهڙو سانورو اقراتي مانيءَ جهڙو سنڌ جو پتنگ، وڍيو هوئين تہ ويهہ جو لکندڙ ميٽنگ ۾ چڙهي پيا هئس، گاريون ٺونشا، چيائين، اهي اٽڪلون ٻين سان ڪريو سنڌ تاريخ ۾ گهٽا دوڪا کاڌا آهن، الر وارا مُرڪندا رهيا، ٻچاڻ وارا ٻچائيندا رهيا، گارين ڏيڻ وارا گاريون ڏيندا رهيا. رسول بخش اڙيو رهيو. ايئن جيئن هوشو مرويسون پر سنڌ نہ ڏيسون، اهو گرفتار. ها ادا! رات جو

هڪ بجي پوليس گهيرو ڪيو نوويڪس هيرا آباد جي بلڊنگ نہ هئي، جڻ ڏُڦيءَ وارو ٻيلو هو، رسول بخش سنڌ جو عظيم فنڪار نہ هو پر ڦل ماڇي، مولچند ٻيلي وارو ڏاڙيل هو...

حد ادب جي هئي، پليجو صاحب ڳالهائي رهيو هو وچ ۾ ڳالهہ ڪٽڻ مناسب نہ هئي، ڪانئس پُڇي نہ سگهيس تہ ”اوهان جهڙو ڏاهو ماڻهو ڪيس سمجهي چو نہ سگهيو..؟“

قاسم پٽر جي وفات ڪانپوءِ دوستن مٿس ڪتاب ڇپايو هو ”ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا“ ان مهل مونکي اُن ڪتاب ۾ عالم شاهہ جا لکيل لفظ ذهن ۾ اُڀري آيا، جيڪي هن قاسم پٽر جي لاءِ لکيا هئا.

”.... پليجي صاحب چيو هي ماڻهو مونکي ٻانهن کان جلهي، سجاول ۾ نٿي کان ٻاهر نہ ڪڍي ها تہ آئون هن منزل تي نہ هجان ها...“ (صفحو: 150)

عالم شاهہ پاران انهيءَ اعتراف جي باوجود بہ هن پنهنجي ڪتاب ”ماڻڪ چوٽون جن جو“ ۾ قاسم پٽر جي شخصيت بابت جيڪو ڪجهہ لکيو آهي، اُن تي سواءِ افسوس جي ٻيو ڪجهہ بہ چئي نٿو سگهجي. عالم شاهہ لکي ٿو:

”.... پليجي صاحب جي ڳالهہ همراهن مڃي ۽ فيصلو ٿيو تہ قاسم پٽر سنڌ جو دورو ڪري، پندرهن ڏينهن ٻاهر رهي... پٽر پهرين نہ نہ ڪئي، پر نيٺ همراهہ ڪي سنڌ جي دوري تي روانو ڪيوسين. ڪيرون مبارڪون ٿي ويون... فاضل صاحب ۽ ٽنڊي محمد خان وارا دوست سڀ گڏ ٿي سنڌ ۾ ڪم ڪرڻ واري ڳالهہ تي خوش ٿيا. ٻئي ڏينهن خبر پئي تہ پٽر بنوري پهچي ويو آهي. پليجي صاحب، فاضل صاحب کي گهرايو ۽ چيائين تہ ”پٽر تہ بنوري وينو آهي.“ خير هڪ همراهہ موڪلي پٽر کي حيدرآباد گهرايو ويو، ڪانئس پڇيوسين تہ ڇا مسئلو آهي؟ تنهن تي هن چيو تہ موري پهتس تہ رات سهائي ڇوڙهين هئي، مونکي سڄي رات ننڊ ڪانہ آئي، مون سوچيو تہ هن پرديس ۾ مون جهڙو حساس اديب اڪيلو ڪٿي ٿو رهي سگهي. جڏهن تہ اهڙي ڪا واقفيت بہ ڪونهي، انهي ڪري انهي ڳالهہ کي ڇڏيو. پليجي صاحب ڪيس چيو، اهو سڄي سنگت جو فيصلو آهي، تنهنڪري انهيءَ تي عمل ٿيڻ گهرجي پر پٽر جون ٽنگون تي چوٽين نهي ئي ڪانہ.“ (ص: 56)

منهنجو مطلب، هتي ڪو مٿين ڳالهہ جي حوالي سان، سيّد عالم شاهہ کي جواب ڏيڻ ڪونهي، پر رڳو ايترو چوندس تہ سيّد عالم شاهہ پنهنجي ان ڪتاب ۾ نہ رڳو ’قاسم پٽر‘ پر ٻين بہ ڪيترن ئي پنهنجن پراڻن دوستن جي ڪردار کي نهايت گهٽائي ۽ غير اهم ڪري پيش ڪيو آهي ۽ انهن کان

شعوري انڪار جي ڪوشش ڪئي آهي. ان حوالي سان عالم شاهه جا ’قاسم پٽر‘ جي حوالي سان ”ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا“ ۾ لکيل جملا، سندس ڪتاب ”ماڻڪ ڇوڙو جن جو...“ جي مٿين جملن جي نفي ڪن ٿا.

قاسم پٽر هڪ اهڙو ڪردار هو جيڪو سڄي عمر سنڌ جي قومي ۽ طبقاتي جدوجهد ۾ متحرڪ رهيو. مايوسي يا ماٺ ڪري ويهڻ سندس لاءِ وڏو ميهڻون هو. قاسم لاءِ ورچي ويهڻ يا آرام ڪرڻ حرام هو.

موجيم ڪه در آسودگي ما عدم ما
ما زندگانيم ڪه آرام نه گيريم.
(حافظ شيرازي)

(بي قرار آهيان. چاڪاڻ ته منهنجي آسودگي منهنجو موت آهي. آئون جيئروئي ان ڪري آهيان، جو بي آرام آهيان.)

قاسم چوندو هو ته: ڪٿي به هجو، پر سياسي عمل کان پري نه ٿيو. سياسي عمل ئي نجات جو ذريعو آهي. قاسم، ٻي جنهن ڳالهه تي زور ڀريندو هو سا اها ته ايري سيري، پر پنهنجي جدوجهد هجي. ٻين جي پنيان نه هلجي. پنهنجي طاقت ٻين جي ايجنڊا جي وَر نه چاڙهجي. پنهنجي هڪ مضمون ”پنهنجي چاڙهيو“ ۾ قاسم لکي ٿو:

”سياسي چرپر زندگيءَ جو اجاگر ڪندڙ عمل آهي. جيڪڏهن ڪو به قوم يا فرد انهيءَ کان لاتعلق ٿيو ته ايئن سمجهو ته هن ٻيئي جهان برباد ڪيا، ٻنهي جهانن مان مراد حال ۽ مستقبل آهي.“

قاسم جي اها سياسي چرپر ئي هئي، جنهن جي نتيجي ۾ وقت جي سرڪار کيس پنهنجو مزمان ڪندي رهندي هئي ۽ هو مقامي توڙي غير مقامي رجعت پسندن جي الزامن جو شڪار رهيو ۽ کيس ’ڪافر‘ چيو ويندو هو. سندس اها سياسي چرپر ئي هئي، جنهن جي نتيجي ۾ جهوڪ جي هڪ مرهيات شاعر ”جان محمد جتوئي“ قاسم تي جيڪو شعر لکيو تنهن جو هڪ بند هن ريت آهي.

رستو روسي، چاهت چيني
پوءِ به چون ٿا، پٽر سنڌي، پتر سنڌي.

قاسم جي زندگي سياسي عمل ۾ ئي گذري، هن نه ڪڏهن موقعي پرستيءَ جو مظاهرو ڪيو ۽ نه ئي ڪڏهن مال ميڙيو جيڪو حال هئس اُن تي ئي خوش رهيو.

شعرن ۾ ڇڏي خرچي، اسان پنهنجي زندگي

افسوس جو ٻين جان نہ ڪنو مال ڪيوسين.
(ايم ڪمل)

سو منهنجي خيال ۾، سيّد عالم شاهہ، پٽر جي حوالي سان جيڪو ڪجهہ لکيو آهي، اهو سواءِ تنظيمي شاونزم جي ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهي.

•

گوتم ٻُڌ جو چوڻ هو تہ ”انسان جي زندگي لڙائي جڳهڙي، بي چيني، ۽ غم سان ڀريل آهي. ان ڏک جو ڪارڻ سندس حوَس يا سَڌ آهي. ڏک ڀري زندگيءَ ڪان ڇوٽڪاري جو رستو آهي نرواڻ. نرواڻ معنيٰ ڇوٽڪارو، يعني جوف يا خواهش ڇڏي ڏيڻ.“

زندگي ۾ مون ڪيترن ئي ماڻهن کي پئسن جي حوالي سان سڄو ڏينهن ”پئسو پئسو“ ڪندي رئندي ڏٺو آهي. عام ماڻهو تہ پنهنجي ضرورتن جي حوالي سان پئسن نہ هئڻ جو ذڪر ڀيا ڪندا آهن. پر ڏسٽا وائسٽا، سکيا ستابا، ماڻهو بہ مون اجان بہ وڏيڪ پئسي جي وٺ پڪڙ ۾ ڏٺا. ٻيا تہ نهيو پر جن همراهن سڄي زندگي ذاتي ملڪيت جي خلاف هئڻ جو راڳ الاپيو ۽ سوشلزم اچڻ ڪانپوءِ ذاتي ملڪيتون ذاتي ملڪيت ختم ڪئي ويندي، جو پرچار ڪيو، انهن بہ ان ئي سياست جي آڌار تي جيڪي ذاتي ملڪيتون ڪنيون ڪيون، بنگلا، محل ۽ ماڙيون، دوڪان ۽ ڪاروبار سيٽ ڪيا، سي بہ ڪرڪو ڏسي، پر مون قاسم پٽر کي ڪڏهن بہ پئسو پئسو ڪندي ڪونہ ڏٺو يا ٻُڌو. سادي زندگي گذاريندو هو. اجائي نٽ ٺانگر، لٺ يا ڦوشري سڄي زندگي نہ ڪيائين. پهرين شايد هلڪا ڦلڪا ڏنڏا بہ ڀائيواريءَ تي ڪيائين. خاص ڪري ميڊيڪل اسٽور. پوءِ نياڻي ريشمان نوڪري ۾ چڙهيس تہ ان جو پگهار، گهر هلائڻ جي ڪم ايندو هو. ماڙي جي هيٺان نهيل هڪ اڌ دوڪان جي مسواڙ بہ ملندي هين. سندس ڀاڻيج رفيق جي نوڪري هوندي هئي. گهر جو گاڏو ڪيئن هلندو هو سو هڪ خدا ٿو ڄاڻي ۽ ٻيا سندس گهر جا ڀاتي. پوين ڏهاڪو کن سالن ۾ جڏهن پاڻ ”مخدوم بلاول“ سوسائٽي جي آفيس سنڀاليائين، تڏهن ٿي سگهي ٿو تہ ڪجهہ ”خرچ پکي“ جا پئسا ملندا هجنس. پوءِ تہ اتان بہ ڇڏي آيو... پر مون ڪڏهن بہ قاسم کي ”يار ڀاڙو ڪونهي... يار ڀاڙو ڪونهي“ جو روڄو روئيندي ڪونہ ٻُڌو. وري سرگرم بہ ايترو جو سڄي سنڌ ڪان وچي نڪرندو هو.

نہ ڪي ڪٽن پاڻ سين، نہ ڪي ساڻن پاڻ
اهڙا جن اُهڃاڻ، آءُ نہ جيئندي ان ري.

•

سماجي رشتن نياتڻ ۾ بہ قاسم هرويرو پنتي نہ هوندو هو. دوستن جي خوشي ۽ غمي ۾ هو سدائين پيرپريندو هو. البت قاسم ۾ مون هڪ ڳالهہ جا ڏٺي، سا اها پاڻ ڪٿي بہ شادي وغيره ۾ تڪلفات جي چڪرن ۾ نہ پيو. پاڻ وٽ عام طور تي ائين ٿيندو آهي تہ ڪاڄيتا ڪاڄ جي دعوت ڏيندا آهن. پليون شاديون، ڪاڄ ڪندا آهن ۽ پوءِ در جلهي ويهي رهندا آهن هڪ عدد رجسٽر يا بندي ڪٽي، دعوتيل همراهہ انهن وٽ ”ٿاري“ لڪائيندا آهن.... ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان تہ اها رسم سٺي آهي يا خراب .... فيصلو نہ ٿي سگهندو آهي..؟ البت بہ دليل منهنجي ذهن ۾ سدائين پيا وڙهندا آهن. هڪ اهو تہ سنگت ساٿ ۽ مٽن مائٽن کي دعوتي، ماني کارائي، پوءِ انهن کي پئسا وٺڻ هڪ قسم جي ماني کارائڻ جي اُڳاڙي ئي چئبي. ٻيو دليل اهو ايندو آهي اها ٿاريءَ جي رسم هڪ لحاظ کان ڪاڄيتن جي وقتي مدد آهي. ۽ ان ٿاريءَ کي اسان سدائين اُڌاري ياڄي ئي چوندا آهيون.

پر قاسم انهن ريتن رسمن ۽ تڪلفات کان آجو هوندو هو. دوستن جي خوشين ۾ باقاعده شرڪت ڪندو هو. پر هو هرويرو ٿاري لڪائڻ جي چڪر ۾ نہ پوندو هو. مونکي قاسم جي اها ڳالهہ يا اصول ڏاڍو سٺو لڳندو هو. نہ تہ ٿاري نہ هئڻ سبب اسان جهڙا ڪئين همراهہ سنگت ساٿ جا سڏ گسائي ويند اهئا ۽ پوءِ ڪِڇ وقت تائين انهن کان لڪندا وتندا هئا.

•

ابن حيات پنهور لئبرري جو افتتاح ڪرايائين تہ پوءِ جڏهن بہ وٽس ٻنوري ويندو هوس. چوندو هوسانس لئبرري ۾ ٿا ويهون، پوءِ اتي لئبرري جي فرش تي ويهي ڪچهري ڪندا هئاسين. آئون وري ڇا ڪندو هئس تہ ڪچهري بہ ڪندو ويندو هوس تہ ڪتابن جي ڦلهور بہ جاري رهندي هئي. قاسم جي ان لئبرريءَ ۾ مون اهڙا ڪيترائي ڪتاب ڏٺا، جن جا اڳ ۾ رڳو نالا ٻُڌل هئم. انهن ۾ هڪ سر آغا خان جي آتم ڪهاڻي جو سنڌي ترجمون بہ هو. جيڪو مونکي پڙهڻ جو گهڻو شوق هو. اتي مون ۽ قاسم پاڻ ۾ اهو بہ طئي ڪيو تہ اسان ڪتابن جي مٽا سٽا ڪنداسين ۽ واپسي جي بنياد تي پڙ هڪٻئي کي ڪتاب پڙهائينداسين. ان فيصلي تحت مون وٽ جن ڪتابن جون ٻہ ڪاپيون هيون، انهن مان هڪ هڪ ڪاپي قاسم جي حوالي ڪيم ۽ قاسم بہ اهڙا ڪيترائي ڪتاب جن جون سندس لئبرري ۾ بہ يا ٻن کان وڌيڪ ڪاپيون هيون، انهن ڪتابن جي بدلي ۾ مونکي ڏنيون. ائين اسان هڪٻئي کي ڪافي ڪتاب بہ پڙهايا. مون کيس سوويت يونين جي اڳواڻ آندري گروڪو جي آتم ڪهاڻي ”سرد جنگ جا

پنجاهہ سال“ پڙهڻ لاءِ ڏني. جيڪا ڪيس ڏاڍي وڻي، سنڌي ۾ ان ڪتاب جو ترجمو رئوف نظاماڻيءَ ڪيو آهي. ان ئي فيصلي تحت سر آغا خان جي مٿين آتم ڪهاڻي ڪانئس پڙهڻ جي لاءِ ڪٽي آيس، ڪتاب وڏو هو ۽ آئون هوريان هوريان پڙهندو رهيس، جو قاسم جي وفات ٿي ويئي ۽ اهو ڪتاب مون وٽ ئي رهجي ويو.

③

قاسم جي زندگي جي پوين ٽن چئن سالن ۾ جڏهن منهنجي ساڻس ويجهڙائپ وڌي تہ هر سال ٻنهي عيدن تي آئون ۽ منهنجو دوست رشيد آزاد، دوستن سان عيد ملڻ جي لاءِ موٽر سائيڪل تي نڪرندا هئاسين. پهرين ڪانڊڙن ۾ ذوالفقار ڪانڊڙي سان ملندا هئاسين ۽ پوءِ ’لاڪن‘ وجي سائين ’پرويز‘ سان عيد ملي، ميرپوربٺوري قاسم پٽر سان عيد ملڻ ويندا هئاسين. جتي ساڻس ڪچهري بہ ڪبي هئي ۽ جي مانيءَ جي مهل هوندي هئي تہ ماني بہ کائبي هئي. ماني ٽڪي جي معاملي ۾ قاسم ڪڏهن بہ دل نہ هنئي، ۽ نہ ئي وري ڪو وڏو اهتمام ڪندو هو. جيڪو گهر ۾ رڌيل هوندو هو اهو ڪٽي ايندو هو ۽ وڏيڪ ڪوٽ ٿوٽ جي پورائي اوڙي پاڙي مان وٺي پوري ڪبي هئي ۽ ائين قاسم جو دسترخوان ست رڃي ٻنجي ويندو هو. ڪنهن دور ۾ سنڌ ۾ اهو رواج هوندو هو تہ گهر ۾ ڪا چڱي شئي رڌبي هئي يا گهرجي ڪائڻ لاءِ ڪا چڱي شئي آڻبي هئي تہ پاڙي ۾ ضرور موڪلبي هئي، جيڪو هڪ قسم جي پنهنجائپ جو احساس هوندو هو ۽ ڪوٽ ٿوٽ ۾ پاڙي مان ٻوڙ وٺڻ ۾ ڪو عيب نہ پر حق سمجهيو ويندو هو ۽ بنا هٻڪ جي وٺي يا ٿالهي ڪٽي پاڙي جي ڪنهن گهر ۾ هليو ويجبو هو. هاڻ تہ اهي قدر ئي نہ رهيا آهن.

اهڙي ئي هڪ ڳالهہ جو ذڪر محترم منگهن لال شرما قاسم پٽر تي لکيل پنهنجي تاثر ”ڪالهہ گڏيو سون ڪاپڙي“ ۾ هن ريت ٿو ڪري.

هٿين خالي ڪجهہ بہ نہ هوندي بہ وٽس سڀ ڪجهہ هو. ساجهہ وند دوست، ٻٺوري جي تلاءَ جي پر ۾، سامهون ٺهيل مٿي ماڙيءَ تي ايندا رهندا هئا. ڪڏهن تہ پاڙي ۾ رهندڙ سندس ويجهن عزيزن، سئوٽن، ماساتن ۽ پيڻ جي گهران مارائي گهرائي بہ کارائيندو هو. هڪ ڀيري شهيد فاضل راهو چئن پنجن دوستن سان گڏ آيو. مانيءَ جو وقت هو. ڪاڏي ۾ چار پنج طعام ڏسي هڪ دوست فاضل کان پڇيو تو پئي چيو تہ قاسم پٽر ويچارو غريب آهي، پوءِ ههڙي سني مانيءَ ڪٿان آئي؟ تنهن تي فاضل هڪدم رڙ ڪئي، ”ادا پاڙو پنهي آيو اٿوَ“ پوءِ تہ ٽهڪڙا هئا، حقيقت بہ ائين هئي ائين پيو ياري نباهيندو هو.

هڪ عيد تي جڏهن اسين قاسم سان عيد ملڻ وياسين تہ ڏٺوسين تہ سندس ماڙيءَ کي تالو لڳو پيو

هو. گهر جو در کڙڪايوسين ته قاسم نڪتو تالو کليو ۽ اسين اندر وڃي ويناسين. ڪلندي چيومانس، ”قاسم ڪريو ٿا سياست ۽ عيد جي ڏينهن به اوطاقن کي تالا....“

ڪلندي وراڻيائين، ”اڏ ڪلاڪ اڳ ڪي دوست آيا هئا، اهي هاڻ ويا آهن ۽ بس پنج منٽ اڳ گهر اچي وينو آهيان.“ ائين چئي ڪن پل چپ ٿي ويو ۽ پوءِ چيائين، ”ڪو دور هو جڏهن صبح کان وٺي شام، ويندي رات تائين سنگت ساٿ پيئي عيد ملڻ ايندي هئي ۽ سڄو ڏينهن پيا چوڪرا مهمانن کي چانهيون پياريندا هئا ۽ اڄ اوهين ٻيا دوست آهيو جيڪي عيد ملڻ آيا آهيو هاڻ ته دوستن لاءِ سڪي مُئا آهيون... هاڻ سيني جي ٻوڙ وڏيرن جي اوطاقن ڏانهن....“

”ائين ته آهي... پر قاسم ڪجهه ته اسين به ڏوهاري هونداسين...ا سان ماڻهن کي ڏنوئي ڇا آهي... اسان ته ماڻهن جي عام مسئلن ۾ ساڻن گڏ بيٺا ئي نه آهيون...“ مون چيس.

”ماڻهو مفادپرست آهن...“ قاسم وراڻيو.

”هائو تون صحيح ٿو چوين.“ مون چيس، ”اسانجي قومي سياست ماڻهن کي فوري رليف ته نٿي ڏي، نه ئي وري اُن مان ماڻهن کي ڪو فوري رليف جو امڪان به آهي... ملڪي سيٽ اپ اهڙو آهي، جنهن ۾ ننڍي کان ننڍو ڪم به وڏيري جي چٺي چپاتي ۽ سفارش ڪانسواءِ نٿو ٿئي. آفيسر سندن ٻڌا ٻانها آهن، ۽ وڏيرا چوويهه ڪلاڪ اوطاقون کوليو ويٺا آهن. ڪم ٿئي يا نه ٿئي... پر دم دلاسو... دڙڪو داٻ هر ڪنهن کي...... تنهنڪري منهنجي خيال ۾ ماڻهن تي ميار مناسب ڪونهي.“

ائين قاسم ۽ منهنجي وچ ۾ ڇتو بحث شروع ٿي ويو. نيٺ چيومانس ”قاسم توسان پُڇڻ منهنجي وس ۾ ته ڪونهي، پر اڳ جڏهن اوهان وٽ ماڻهن جي رش هوندي هئي ته اوهين مقامي طور تي ماڻهن سان سندس هر ننڍي وڏي مسئلي تي گڏ بيهندا هئا، جدوجهدون ڪندا هئا، جنهن جي نتيجي ۾ وڏيرن جون اوطاقون ويران ۽ اوهانجون آباد هيون، ۽ وڏيرا گهرن ۾ ويهي رهيا هئا، ۽ ماڻهو به اسان سان گڏ بيٺل هئا ۽ ميرپور بٺورو جدوجهدن جي حوالي سان ’ويٽنام‘ سڏبو هو هاڻ اسان ماڻهن مان ۽ انهن جي مسئلن مان هٿ ڪڍي ڇڏيا آهن ۽ گهر ويهي رهيا آهيون ته حالت اها وڃي بيني آهي، جنهن جو پاڻ روئڻون پيا روئون...“

قاسم جي وفات کانپوءِ ڪنهن دوست جو مٿس لکيل مضمون پڙهيم، جنهن ۾ هن دوست لکيو ته ’قاسم ڊاگ هيمر شولڊ،‘ جيڪو گڏيل قومن جو سيڪريٽري جنرل هو تنهن کان متاثر ٿي پاڻ کي ’پٽر‘ سڏائڻ شروع ڪيو. دوست جو پنهنجو رايو آهي، پر منهنجي خيال ۾ ائين نه هو. ڊاگ هيمر شولڊ، سرمائيدارن جو نمائندو هو ٿي سگهي ٿو ته قاسم ڪانئس متاثر رهيو هجي. قاسم سان ڪافي

ڪڇهريون ٿينديون هيون، پر قاسم ڪڏهن بہ اهڙو ذڪر نہ ڪيو. نہ ئي وري مون ڪڏهن ڪانئس اهو پڇيو تہ اوهان پٽر چو سڏرائڻ شروع ڪيو؟ سندس وفات ڪانپوءِ سندس ڪيترن ئي دوستن ڪان اهو سوال ڪيم، پر ڪنهن بہ ڪو واضع جواب نہ ڏنو. البت هڪ ڳالهہ جا مونکي معلوم ٿي تہ جڏهن قاسم پٽر ’سنڌي عوامي تحريڪ‘ مان خارج ڪيو ويو تہ ڪجهہ وقت ڪان پوءِ سنڌي عوامي تحريڪ وارن هڪ ٻي ڪامريڊ مرهيات رسول بخش ڏيٿي کي ”جبل“ سڏڻ شروع ڪيو. جنهن جو مطلب اهو ئي ٿي سگهي ٿو تہ، اسان وٽ پٽر جي جاءِ تي ’جبل‘ موجود آهي. پٽر ويو تہ خير... ساٿي جبل ڏيٿو جنهن جو نالو اصل نالو رسول بخش ڏيٿو هو. واهہ جو دلير ۽ مٽيادار ماڻهو هو. صفا ٻهراڙي جو هو اڻ پڙهيل، هاري تحريڪ ۾ اچڻ ڪانپوءِ دوستن ٿورو گهڻو پڙهايس، ائين لکي پڙهي ويندو هو سدائين مقامي وڏيرن جي هلائن جو شڪار رهيو پر ڪڏهن بہ پنهنجي مقصد تان نہ هٽيو ۽ نہ ئي وري ٽڪجي وڃي ساٽن نهيو. توڙ تائين عوامي تحريڪ ۾ رهيو جڏهن 1988ع ۾ ملڪ جي چئن ڪاٻي ڌر جي سياسي پارٽين گڏجي عوامي نيشنل پارٽي ٺاهي تہ رسول بخش ڏيٿو عرف ساٿي جبل عوامي تحريڪ پاران اي اين پي جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو ميمبر نامزد ڪيو ويو. ان ڏينهن مون ساٿي جبل کي ڏاڍو خوش ڏٺو هو جڏهن پاڻ اجرڪ جو پٽڪو ٻڌيو... عوامي نيشنل پارٽي جي نشتر پارڪ جي ’تاسيسي جلسي‘ ۾ اسٽيج تي مرڪزي ڪميٽيءَ جي ٻين ميمبرن سان گڏ ويٺو هو. هڪ ڀيري مونکي ٻڌايو هئائين تہ هن پنهنجي آتم ڪهاڻي بہ لکڻ شروع ڪئي آهي.

ڳالهہ پي ڪئيسين قاسم پاران پاڻ کي ’پٽر‘ سڏائڻ جي. سندس وفات ڪانپوءِ مون ڪجهہ دوستن ڪان اهو سوال ڪيو پر سيني ٻُڌايو تہ ڪين جبر نہ آهي. منهنجي خيال ۾ پنهنجي اٿلتا، همٿ ۽ جدوجهد جي ڪري ماڻهن کيس پٽر جهڙو سخت قرار ڏنو ۽ سڏڻ شروع ڪيو. ايئن پاڻ ’پٽر‘ سڏائڻ شروع ڪيو هوندو... ۽ پاڻ اُن ئي نالي سان سڏجڻ لڳو.

③

ڪن معاملن ۾، قاسم جي سوچ ۽ خيال ٻين ڪان مختلف ۽ منفرد هوندا هئا. انهن ۾ هڪ فلسطين جو مسئلو بہ هو. جڏهن ميرپور بٺوري ۾ جساف ۽ سنڌ وطن دوست اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي شاگردن، جن ۾ اسلم خيرپوري ۽ ٻيا شامل، ’ملعون جنرل ضيا‘ جي دور ۾، اسرائيل پاران لبنان ۾ فلسطيني مهاجر ڪئمپن ۾ قتل عام تي مظاهرا ڪيا تہ ڪين گرفتار ڪيو ويو ۽ همراهہ فلسطينين سان يڪجهتيءَ جي ڏوهہ ۾ سال سال ٽيپ ڪاٽي آيا. هڪ ڀيري قاسم سان انهن جو ذڪر ٿيو تہ قاسم چيو هنن اهي مظاهرا غير ضروري ڪيا آهن، انهن جي ضرورت نہ هئي. ڊگهو بحث ٿيو. ڳالهہ ڦري گهري اچي اُتي

بيٺي تہ فلسطيني حق تي آهن يا اسرائيل. قاسم جو موقف هو تہ فلسطين اصل ۾ يهودين جو وطن هو جن کي عربن اتان ڪڍيو هو ۽ هاڻ يهودي واپس وطن موٽي آيا آهن تہ عربن کي مزاحمت نہ ڪرڻ گهرجي. منهنجو ساڻس ان مسئلي تي اختلاف هوندو هو. چوندو هوسانس تہ آبادي جي لڏپلاڻ جا ڪيترائي سبب ٿين ٿا ۽ وقت گذرڻ سان گڏ هڪڙيون قومون فنا ٿين ٿيون ۽ ٻيون انهن جي جاءِ والارين ٿيون. جڏهن عربن آفريقا جي ملڪن مصر تيونس، لبيا، مراڪش، سوڊان ۽ ٻين تي قبضا ڪيا تہ اهي ملڪ سڏريل، سکيا ۽ ستابا هئا، انهن جي پنهنجي ٻولي بہ الڳ هئي، جيڪا عربي نہ هئي، وقت گذرڻ سان گڏ هنن ويندي مراڪش تائين پنهنجي ٻولي ۽ ڪلچر ڇڏي ڏني ۽ عربي ٻولي ان سڄي خطي جي عام ٻولي ٿي ويئي. انهن جون اصلوڪيون ٻوليون فنا ٿي ويون ۽ اهو سڄو علائقو عرب ڪلچر ۾ رڱجي ’عرب‘ تي ويو ۽ هاڻ هو عرب سڏجن ٿا، پر هو نسلن عرب نہ آهن. ساڳئي حالت عراق سان بہ ٿي، جيڪو ان وقت ايران جو حصو هو. عربن جي بيت المقدس تي قبضي ڪانپوءِ اتان آبادي جي لڏپلاڻ بابت ڪو بہ ذڪر ڪونهي. يهودي تہ اسلام جي اچڻ کان اڳ انهن علائقن جي عيسائي حڪمرانن وٽ موچڙن جي منهن ۾ هوندا هئا، ۽ انهن يهودين جي گهڻائي مسلمان ٿي ويئي. هونئن بہ يهودي مذهبي حيثيت سان هڪ قوم نہ آهن، هو تہ سڄي دنيا جي مختلف هنڌن تان اچي اسرائيل ۾ گڏ ٿيا آهن، جن ۾ ڪي جرمن، ڪي انگريز، روسي، يمني، آمريڪي ۽ ويندي سوڊاني... هنن جون ريتون رسمون ۽ ٻوليون ڌار... بس هڪ قدر مشترڪ آهي ’يهوديت.‘ پر قاسم پنهنجي موقف تي اٽل رهندو هو. ڪيس پنهنجي موقف تان ٽيڙڻ مون جهڙي سيڪڙاٽ ورڪر جي وس ۾ تہ نہ هوندو هو.

قاسم اسرائيلي سياستدان جنرل موشيٰ دايان کان بہ ڪافي متاثر هوندو هو. چوندو هو موشيٰ دايان وڏو مدبر سياستدان ۽ جنرل آهي. موشيٰ دايان جي اک تي ڪاري پٽي ٻڌل هوندي هئي. هو عربن لاءِ دهشت جي علامت هو. هن جي جنگي حڪمت عملين عربن کي وڏين شڪستن سان دوچار ڪيو... هونئن بہ اسرائيلي سياستدان ۽ جنرل وڏا ڏاها آهن، هنن کي پنهنجي ملڪ اسرائيل جو مفاد سڀني سياستن کان مٿي آهي.

اسرائيلي سياستدانن جي ڏاهپ جو ڪِٿ هڪ مثال پڙهيو هوم، جون 1967ع جي عرب اسرائيل، ڇهن ڏينهن واري جنگ ۾ اسرائيل کي زبردست ڪاميابي حاصل ٿي. هن بيت المقدس جي اردني سيڪٽر سميت ڪيترن ئي عرب علائقن تي قبضو ڪري ورتو. انهيءَ جنگ ۾ اسرائيل جي ڪاميابيءَ جو هڪ راز هي بہ هو. اختلافن جي باوجود متحد ٿيڻ. انهيءَ وقت اسرائيل ۾ ليوي ايشڪول جي حڪومت هئي. ليوي ايشڪول ۽ موشيٰ دايان جي وچ ۾ زبردست اختلاف هئا. انهيءَ اختلاف سبب

موشيٰ دايان 1964ع ۾ ڪابينا تان استعيفيٰ ڏيئي ڇڏي. ليوي ايشڪول 1963ع کان وٺي 1969ع تائين اسرائيل جو وزيراعظم رهيو.

1967ع ۾ جمال عبدالناصر جي پاليسيءَ جي نتيجي ۾ جڏهن اهو محسوس ٿيو ته اسرائيل ۽ عربن جي وچ ۾ جنگ ضرور لڳندي ته وزيراعظم ليوي ايشڪول انهيءَ مسئلي تي سنجيدگيءَ سان ويچاريو. کيس محسوس ٿيو ته جنگ جيتڻ لاءِ جنرل موشيٰ دايان جون خدمتون حاصل ڪرڻ بنهه ضروري آهن، جنهن کي جنگي مامرن ۾ غير معمولي مهارت حاصل آهي. تنهنڪري پهرين جون 1967ع تي جنرل موشيٰ دايان کي ڪابينا ۾ جنگي وزير طور کنيو ويو. جلدئي 5 جون تي جنگ شروع ٿي ويئي، جيڪا 10 جون 1967ع تي اسرائيل جي فتح تي ختم ٿي.

انهيءَ کان اڳ جنرل موشيٰ دايان، ليوي ايشڪول تي سخت تنقيد ڪندو هو. ٻيئي هڪٻئي جا سياسي رقيب بنيل هئا، انهي جي باوجود به ليوي ايشڪول سندس فوجي صلاحيتن جو اعتراف ڪندي کيس وزير دفاع بنايو اهو ئي اختلافن جي باوجود متحد ٿيڻ اسرائيل جي ڪاميابيءَ جو سڀ کان وڏو راز آهي.

۽ قاسم پٿر کي اسرائيلي سياستدانن، خاص ڪري موشيٰ دايان جي اها ادا ۽ حڪمت عملي وڻندي هئي، هڪ ڀيري چيائين اسين هرويرو فلسطينين جي حمايت لاءِ ٻڌل آهيون ڇا؟ هنن ڪڏهن اسانجي حمايت ڪئي آهي ڇا...؟ اسان کي جيڪڏهن پنهنجي آزادي لاءِ اسرائيل حمايت ڪندو ته اها به قبوليندا سين. هڪ ڀيري قاسم اهو به ٻڌايو ته 'سنڌي عوامي تحريڪ' ۾ رهڻ دوران، محترم رسول بخش پليجو ۽ فاضل راهو فلسطيني فدائين سان ملڻ جي لاءِ بيروت به ويا هئا. جيئن سنڌي ماڻهن جي جدوجهد جي باري ۾ خاص ڪري عسڪري سکيا جي باري ۾ ڪائڻ مدد وٺي سگهجي... پر شايد کين فلسطينين کان مايوسي پلئه پئي.

اهڙي ئي ڳالهه نجم عباسي، پنهنجي ڪتاب 'سوچون هڪ سچار جون' ۾ به لکي آهي، هو لکي ٿو ته 'مون پنهنجو هڪ ڪتاب ياسر عرفات کي ارپيو. پر هاڻ سو چيان ٿو ته ڇا ياسر عرفات کي ان ڳالهه جي خبر هوندي... ڇا کيس سنڌي قوم جي خبر هوندي، ان جي مسئلن بابت خبر هوندي، هن ڪڏهن به اسانجي جدوجهد جي باري ۾ نه ڳالهايو آهي، ياسر عرفات ته پاڪستان سرڪار وٽ، سرڪاري مهمان ٿي ايندو آهي، ٻين لفظن ۾ هو اسانجي دشمنن سان گڏ ويٺل آهي، ان صورت ۾ منهنجو کيس ڪتاب ارپڻ، مناسب نه هو... ياسر عرفات کي مظلوم هئڻ جي ناتي پاڪستان سرڪار جو مهمان ٿي اچڻ جي بدران، سنڌي ماڻهن جي جدوجهد جي حمايت ڪرڻ گهرجي.'

انهن ڏينهن مونکي اسرائيل جي اڳوڻي وزيراعظم مسز گولڊا ميئر جي آتم ڪهاڻي ”My Life“ هٿ چڙهي، جنهن جو ذڪر مون قاسم سان ڪيو. جنهن مونکي صلاح ڏني ته اهو ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائي، ته جيئن سنڌي ماڻهن کي ٻي رخ جي به خبر پوي. مون ساڻس ها ڪئي، پوءِ ٻن ٽن دوستن کي اهو ڪتاب سنڌي ۾ ترجمو ڪري ڏيڻ لاءِ چيم. ڪن نظرياتي اختلافن جي ڳالهه ڪئي ته ڪن وري ٻيون ڳالهيون. پوءِ هڪ دوست اهو ڪتاب ترجمو ڪرڻ لاءِ مون کان ورتو ۽ پوءِ مون وري ان ڪتاب جو منهن ئي نه ڏٺو.

ان ئي جذبي تحت قاسم ٻه ڪتاب پرويز کان به ترجمو ڪرايا. هڪ ’اليگزينڊر پاناگولس‘ جو انٽرويو جيڪو اوريانا فلاسيءَ جو ورتل هو. جيڪو پوءِ ”پنڌ اڙانگا پٻ جا“ جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ ڇپيو ۽ ٻيو بلوچ قومي تحريڪ جي هڪ گوريلا اڳواڻ ’مراد خان بلوچ‘ جو انٽرويو.

③

مون جڏهن سرحدي گانڌي خان عبدالغفار خان جي ضخيم آتم ڪهاڻي جو اختصاريل ترجمو ڪيو ۽ ان جو ذڪر سيد اڪبر ۽ قاسم پٽر سان ڪيم ته هو ڏاڍا خوش ٿيا. سيد اڪبر ته مونکي ان جو ترجمو به درست ڪري ڏنو ۽ زور ڀريائين ته اهو ڪتاب جلد ڇپائي... ۽ سندس چوڻ اهو به هو ته ان ڪتاب جو تعارف سائين جي ايم سيد کان لکرائڻ گهرجي. جيڪا صلاح قاسم پٽر کي به وڻي. هن اهو ذمون ڪنيو ته يوسف مون سان سن گڏجي هلي... آئون سائين جي ايم سيد کان ڪتاب تي تعارفي نوٽ لکرائي ڏيندس. پوءِ قاسم جيترا ڀيرا به ’سن‘ ويو ته مونکي هلڻ لاءِ چيائين... بهرحال آئون سن وڃي نه سگهيس. اها منهنجي بدقسمتي هئي، نه ته گهڻو ڪجهه ڏسڻ ۽ سمجهڻ جو موقعو مليو ها.

مون وري ان جو ازالو هيئن ڪيو جو جڏهن اهو ڪتاب ”منهنجي زندگي ۽ جدوجهد“ جي نالي سان ڇپرايم ته ان جي تعارفي نوٽ طور سائين جي ايم سيد جي تقرير مان هڪ اقتباس ڏنم. جيڪا پاڻ، خان عبدالغفار خان جي ’سن‘ اچڻ تي آجيان طور ڪئي هئائين. آئون ان ڳالهه کي به پنهنجي خوشنصيبي ٿو سمجهان ته مون سيد جي ان سالگرهه ۾ ننڍي ڪنڊ جي ٻنهي وڏن اڳواڻن کي پنهنجي اکين سان هڪئي اسٽيج تي گڏ ويٺل ڏٺو ۽ ٻڌو.

③

قاسم اڪثر اها تنقيد ڪندو هو ته اوهين اديب آسائش پسند آهيو جدوجهدن ۾ حصو نٿا وٺو ۽ هاڻ اهڙو ادب ٿا لکو جيڪو ماڻهن کي مايوس ٿو ڪري ۽ پاڙيو ٿو بنائي. هڪ ڏينهن چيومانس، ”تون اديبن تي تنقيد ته ڪرين ٿو پر پاڻ ته ڪجهه به نٿو لکين... جي ڀلا لکين نٿو ته آئون ’سنڌي ادبي

سنگت دڙو' پاران بندوبست ڪريان ٿو تون ليڪچر ڏي. قاسم ها ڪئي ته مون ليڪچر جو بندوبست ڪيو. موضوع رکيوسين "اديب جو ڪردار ڇا هئڻ گهرجي؟"

قاسم مقرر وقت تي آيو ۽ ليڪچر ڏنائين، جيڪو نهايت مختصر پر جامع هو. پوءِ ڪافي سوال جواب به ٿيا.

هونئن به قاسم اديبن ۽ شاعرن جي ڪردار جي حوالي سان سدائين چٽو رهيو. گهڻا سال اڳ 27 ڊسمبر 1986ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ سنڌي ادبي سنگت هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي هئي، جنهن ۾ قاسم پڻ به تقرير ڪئي. هڪ دوست ان ڪانفرنس ۾ ٿيل تقريرن سان گڏ اها تقرير به ٽيپ تان لاٿي، جيڪي سڀ تقريرون ۽ مضمون ڪنهن دوست منهنجي حوالي ڪيا. جيڪي پوءِ مون سڀ 'سنجها' مخزن جي فيبروري 1997ع جي پرچي ۾ ڇپي ڇڏيا. ان موقعي تي قاسم جي تقرير جو هيٺيون اقتباس سندس خيالن ڄاڻڻ لاءِ هت نقل ڪريان ٿو.

"سنڌ جا اديب شاعر، جيڪي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهن ٿا، جيڪي سيڪڙات آهن، سي سڀ گڏ ٿي سوچين. باقي جيڪي ڏاها ۽ دانشور آهن. انهن کي گذارش آهي ته مصلحت کان ڪم نه وٺن. سندس ذهنن ۾ جيڪي سوچون آهن، انهن جي اظهار ۾ بزدلي جو مظاهرو نه ڪن. ڏاهپ سکن. سڄي دنيا جي ادب ۾ جيڪي ڪجهه ڏسن ٿا، اُن جي روشنيءَ ۾ پنهنجي ادب ۽ پنهنجي قوم جي خذمت ڪن. سنڌي ماڻهن کي جيڪي ڏک، تڪليفون ۽ عذاب آهن. انهن ۾ ساڻن ڀاڱي ڀائيوار ٿين. ايئن نه ٿئي ته هڪڙا ماڻهو ٿياس تي ٽنگيا پيا هجن ۽ اسان جا اديب وري قاضي قاضن وانگر وڃي پيش پون ۽ وقت جي بلاولن (انقلابين) ڏانهن وفد وٺي وڃڻ ته "بابا! حالتون خراب آهن. پيش پئو!" اها صورتحال گهٽ ۾ گهٽ اسان قومپرست ۽ ترقي پسند اديبن ۾ نظر نه اچڻ کپي. پنهنجا ڏک، سک ۽ تڪليفون پنهنجي قوم پنهنجي عوام سان رهي ونڊائڻ کپن. ادبي پليٽ فارم جي حوالي سان آرام، سک ۽ رعايتون حاصل ڪرڻ نه کپن. اسان اديب جڏهن به ڪا مصلحت ڪريون، ڪو ڪمپرومائيز ڪريون يا ڪا سڌي اطاعت ڪريون، ته ٻيا به انسان آهن. منهنجا پاڙيسري آهن. منهنجا هم زبان ۽ هم قوم ماڻهو آهن. اُنهن تي جيڪا يلغار آهي، انهن تي جيڪا مصيبت ڪڙڪيل آهي، ان جو به احساس رکون."

③

19 ڊسمبر 2007ع تي قاسم کي مٽيءَ ماءُ حوالي ڪري ڏک ۽ صدمي واري ڪيفيت ۾ ميرپور بٺوري جي بس اسٽاپ تي هڪ هوٽل ۾ اچي ويٺاسين ۽ قاسم کي ساري، سندس ڳالهيون ڪندا ۽ انهن

ڳالهين جي ذريعي قاسم جي ڪردار ۽ جدوجهد تي ڳالهائيندا رهياسين. جو هڪ دوست ’مرزا غالب‘ جو هي شعر ٻڌايو:

تهي اک شخص کي تصور سي منور
اب وه رعنائي خيال کهان

ميرپور بٺوري جي حوالي سان اهو شعر قاسم جي شخصيت تي ٺهڪي ٿو اچي. ميرپور بٺوري ۾ ڪيترائي مهربان، قدردان، دوست، اديب، عالم ۽ سياستدان رهن ٿا. جيڪي سماجي طور تي اسانجي يار قاسم پٽر کان وڏيڪ سُٺي حيثيت ۽ اثر جا ڌڻي آهن. پر قاسم ڪير سڏائي؟ پنهنجي ڪمٽمنٽ ۾، دوستي ۾ ڪشاده دليءَ ۾. جيئن منهنجي هڪ شاعر دوست گل خاصخيلي، قاسم پٽر جي ياد ۾ لکيل پنهنجي منظوم خراج ۾ چيو آهي.

تلاءُ جي پرسان ماڙيءَ تي
ڪو سنڌي ماڻهو رهندو هو
واچوڙن جي موسم ۾ پيي
سو ’پٽر‘ بنجي بيهندو هو

قاسم پٽر جي ترتيب ڏنل ’ساٿيهه‘ ڪتابي سلسلي جي پرچي ”ماءُ“ ۾ ”چڱا ائين چون“ جي عنوان سان ’سڀاش چندر بوس‘ جو هڪ قول ڇپيل آهي.

”هن فاني جهان ۾ هر شئي ختم ٿي وڃي ٿي، پر خيال، مقصد ۽ تصور ختم نٿا ٿين. فرد ڪنهن مقصد يا تصور لاءِ قربان ٿئي ٿو پر تصور هزارين دلين ۾ وڃي واسو ٿو ڪري. هڪڙو نسل پنهنجا اُمنگ ۽ تصور ٻئي جي لاءِ ورثي ۾ ڇڏي ٿو. ڪو بہ تصور يا اُمنگ مصيبت ۽ قرباني کانسواءِ غلبو حاصل نٿو ڪري...“

قاسم جي زندگي تي نظر ڊوڙائبي تہ مٿيون قول مٿس ٺهڪي ايندو.

③

گذريل ڪجهہ سالن کان آئون ۽ منهنجو دوست رشيد آزاد، هر عيد تي، ميرپور بٺوري وڃي پنهنجي مشترڪ دوستن سان عيد ملندا آهيون. انهن ۾ قاسم سرفهرست هوندو هو. هن پيري اضحيءَ واري عيد قاسم پٽر جي وفات جي ٽن ڏينهن کانپوءِ آئي ۽ اسين بہ دستور موجب ميرپور بٺوري وياسين. جڏهن رشيد بائيڪ قاسم جي گهرواري گهٽيءَ ڏانهن موڙي تہ قاسم جي ماڙيءَ وٽ پهچي مون کيس بائيڪ بيهارڻ جي لاءِ چيو ۽ لهي ماڙيءَ واري گهٽي ۾ گهڙي ويس. هڪ نظر قاسم جي گهرجي دروازي تي وڌم ۽

ٻي نظر مٿي ماڙيءَ تي، جتي قاسم جي اوطاق سان گڏ ”ابن حيات پنهور لئبرري“ بہ آهي ۽ پوءِ موٽي آيس.

”چو چاڻيو.....؟“ رشيد آزاد پڇيو.

”قاسم کي سلام ڪرڻ ويو هئس....“ وراڻيم.

”پر قاسم تہ ڪونهي... تون بہ عجيب شخص آهين، يوسف سنڌي..“ رشيد چيو.

مون ڪابہ ورندي نہ ڏني ۽ لانگ ورائي بائيڪ تي ويهي رهيس، منهنجون اکيون پاڻيءَ سان ڀرجي آيون ۽ هڪ ڀيرو ٻيهر قاسم جي گهر جي دروازي تي نظر وڌم ۽ دل ئي دل ۾ چيم، ”چڱو قاسم! موڪلاڻي ڪانهي!“

اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين،
آديسي اُٺي ويا، مڙهيون مون مارين،
جي، جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

❉

اڄ نہ پَسان سي، آتڻ ڪتيم جَن سين،
هاٺي تنين کي، ڪنڌيءَ ڪاڪَ نهاريان.

❉

(19 فيبروري 2008ع ـ دڙو)